

پائلو ڪوئلهو
عڪرا مان مليل مسودو
Manuscript found in Accra
سنڌيڪار: فهيم اختر ميمڻ
نئون نياپو

# عڪرا مان مليل مسودو

(ناول)

پائلو ڪوئلهو

سنڌيڪار: فهيم اختر ميمڻ

نئون نياپو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ ڪراچي

**انٽرنيٽ ايڊيشن:**

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# اداري پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو ڪتاب نمبر (108) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ”عڪرا مان مليل مسودو“ نامياري ناول نگار پائلوڪوئلهو جي انگريزي ناول Manuscript found in Accra جو سنڌي ترجمو آهي. هن ڪتاب جو سنڌيڪار محترم فهيم اختر ميمڻ آهي، جنهن جو هن کان اڳ به ساڳئي ئي ليکڪ جي ناول الڪيمسٽ جو سنڌي ترجمو، ڪيمياگر جي نالي سان سنڌ سلامت تي موجود آهي.

هي ڪتاب نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ، ڪراچي پاران ڇپايو ويو آهي. لک ٿورا محترم فهيم اختر ميمڻ صاحب جا جنهن هن ڪتاب جي ڊجيٽل ڪاپي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# ارپنا

**منال جي نانءِ**

**۽**

**سائين عرفان علي شاه**

**هڪ جوڙو سنڌي جوان جنهن جي اُتساهه**

**منهنجين لکڻين ۾ ساهه ڦوڪيو.**

فهيم اختر ميمڻ

# پبلشر جو نوٽ

نئون نياپو شروع کان ئي پنهنجي هر ادبي ڳالهه ٻولهه ۾ ناول جي گهٽتائيءَ ۽ ان جي پورائي بابت ڳالهائيندو رهيو آهي ۽ رڳو ڳالهيون ئي نہ پر ان حوالي سان نئون نياپو اڪيچار چڱا ۽ موچارا ڏيهي ۽ پرڏيهي ناول ڇپرائي پڻ ڪيا آهن ۽ ڪي تورا ڏينهن ئي ٿيندا جو نئون نياپو مانواري نواز خان زئور جو ترجمو ڪيل پائلو ڪوئلهو جو ناول ”يارنهن منٽ“ ڇپرائي ڪيو ۽ هاڻي هڪ ٻيو پائلو جو ناول ۽ نڪور ناول ”عڪرا مان مليل مسودو“ اوهان جي هٿن تائين پچائي سرهائي محسوس ڪري رهيو آهي...

هي ناول ترجمو آهي. نئون نياپو جي نئين نڪور دوست فهيم اختر ميمڻ جنهن پائلو جو شاهڪار ناول ”الڪيمسٽ“ پڻ ترجمو ڪري نئون نياپو کي ڏنو آهي ۽ ٻيا پڻ چڱا ڀلا ناول ضرور سندس هٿ هيٺ هوندا ۽ اڄ نہ تہ سڀاڻي اهي بہ اوهان جي هٿن تائين پهچڻ جي راهہ ڪيدي وٺندا...

هي ناول پڙهو ۽ پنهنجي راءِ کان نئون نياپو کي آگاهہ ڪيو تہ جيئن اسان پنهنجي نئين نڪور مترجم کي اوهان جي راءِ کان آگاهہ ڪري سگهون. سڀ کان وڏو نقاد ۽ پارکو اهو آهي جيڪو 10 رپيا خرچ ڪري سنڌي ڪتاب بازار مان خريد ڪري ٿو ۽ پنهنجو قيمتي وقت ڪيدي پڙهي ٿو ۽ ان تي سوچي ۽ ويچاري ٿو ۽ بس...

اوهان جو دوست

انعام عباسي

## سنڌيڪار جو نوٽ

هن ڀيري به ائين ئي ٿيو جيئن هميشه ٿيندو ٿي آيو. پائلو ڪوئلهو جو هڪ ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ سندس ٻئي ڪتاب جو انتظار. اهو ساڳيو انتظار جيڪو ننڍڙو ٻار پيءُ جي رانديڪي وٺي ڏيڻ واري واعدي کانپوءِ ڪندو آهي. سندس پوئين ڪتاب ”الف ـ Aleph“ جو انتظار به ائين ئي ڪيو هئم. ”الف“ ۾ پائلو ڪوئلهو پنهنجي وجود جي ڳولا (Self Discovery) لاءِ ڪيل دنيا جي ڊگهي ۾ ڊگهي ريل جي پٽڙيءَ (Trans_Siberian Railway) تي سفر دوران سفري وارتائن بابت پنهنجي ئي خاص انداز ۾ اهڙي ته نموني بيان ڪيو آهي جو پڙهڻ واري کي پيو لڳندو ته هو ڪو ساڻس گڏ هجي. ”الف“ پڙهي پورو ڪرڻ کانپوءِ نئين ڪتاب جي اچڻ تائين پاڻ کي پائلو ڪوئلهو جي دنيا ۾ غرق رکڻ لاءِ سندس ئي هڪ ڪتاب ”ڪيماگر“ The Alchemist جو سنڌيءَ ۾ ترجمو شروع ڪري ڏنم. (جيڪو پڻ ڪتابي صورت ۾ ترت پڌرو ٿيڻ وارو آهي ۽ اهو ڪجهه وقت اڳ دل گهرين دوستن جي مدد سان اِي-بُڪ انٽرنيٽ تي موجود آهي.) جيئن ئي اهو ترجمو پورو ٿيو ته خبر پئي ته سندس هڪ نئون ڪتاب ”عڪرا مان هٿ آيل مسودو“ Manuscript found in Accra اصل پُرتگالي ٻوليءَ ۾ مارڪيٽ ۾ اچي چڪو آهي. آئُت ٿيو ته بس اِجهو ئي ته ان جو انگريزي ۾ ترجمو ڇپجي. ان ڳالهه کي ڪجهه ئي مهينا گذريا ته ان ڪتاب جو انگريزي ۾ ترجمو جيڪو ”مارگريٽ جل ڪوسٽا“ Margaret Jull Costa ڪيو آمريڪا ۽ يورپ جي ڪجهه ملڪن ۾ پڌرو ٿي ويو. اچي مَنَ ۾ مانڊاڻ مَتو ته بس ٻي گهڙي نه ٿئي ۽ اهو ڪتاب مون وٽ هجي. گهٽائي هٿ پير هنيم پر ڪتاب نه مليو جڏهن ته اهو ڪتاب اميزن Amazon تي ته دستياب هو پر شپمينٽ ڪتاب جي قيمت کان تقريبن پنجوڻ تي هئي.

آخرڪار هارپر ڪولن وارن اهو ڪتاب برطانيه ۾ پڌرو ڪري ڇڏيو. برطانيه ۾ ڪو به ڪتاب هارپر وارا اچا مَس رِليز ڪن ۽ انڊيا نه پهچي، ائين ٿي ئي نه ٿو سگهي. هفتي کن ۾ هي ڪتاب انڊيا به پهچي ويو جتان وري ”يُو ريڊ ڊاٽ ڪام uread.com تان آن لائن آرڊر ڪيم. انڊيا کان شپمينٽ سستي ٿي پئي سو بس هفتي کن ۾ ڪتاب مون وٽ دمام اچي پهتو تڏهن وڃي ڪا اندر جي باهه جهڪي ٿي.

حقيقت ۾ مصنف جي مهاڳ ۾ ڪتاب جي ٽائيٽل مان اها ڳالهه چٽي پئي آهي ته هي ڪتاب مصنف جو پنهنجو لکيل ناهي. هي ڪتاب قبطيءَ (Copt) *ـ قديم مصري عيسائين کي Copts سڏيو وڃي ٿو. هن ڪتاب ۾ لفظ Copt هڪ شخص جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي.*

*جنهن کي ڪتاب ۾ صرف هڪ تاريخدان ڪري ڄاڻايو ويو آهي. باقي Copt عقيدي ڌانهن سنڌس ڪو لاڙو نظر نه ٿو اچي. يا ڪنهن دور ۾ رهيو به هجي جنهن ڪري شايد ڪيس Copt يا قبطيءَ جو نالو ڏنو ويو آهي.)* جي خُطبي جي مُسَوِدي جو ڇاپو آهي جيڪو 1974ع ڌاري قديم آثارن جي ماهرَ سَر والٽر وِلڪنسن کي Sir Walter Wilkinson مصر ڪان پر واري هڪ شهر عڪرا مان مليو هو. اهو مسودو اصل عربي، عبراني ۽ لاطيني ٻولين ۾ لکيل هو جيڪو دنيا گهمندو اچي پائلو ڪوئلهو جي هٿ لڳو. سَر والٽر ولڪنسن جي پُٽ جي پائلو ڪوئلهو سان ياري دوستي هجڻ سبب هن ان مُسودي جو هڪ نسخو 2011ع ڌاري سندس حوالي ڪيو. پوءِ ظاهر آهي ته پائلوڪوئلهو کي ان مسودي جي لفظ لفظ تي تحقيق ڪندي، ترجما ڪندي، ڇپرائڻ لاءِ اجازتناما ۽ قانوني ڪارروايون ڪندي به ڪن سال لڳي ويا ۽ آخرڪار ڪتابي صورت ۾ 2013ع پهريان پُرتگالي زبان ۾ ۽ پوءِ انگريزيءَ ۾ شايع ٿيو.

ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيم. پهرئين ئي باب ۾ پڙهندي لڱ ڪانڊارجي ويا. اها پَڪَ ٿي ويم ته ان ڪتاب جو انتظار ۾ پيچ ڊُڪ اجائي نه هئي. ”ڪيماگر“ جي ٽَڪَرَ جو ڪتاب مونکي هٿ لڳي ويو هو. بس پوءِ ته فيصلو ڪري ڇڏيم ته هي ڪتاب پڙهڻ سان گڏوگڏ سنڌيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪبو هلبو.

خير سان ترجمو به شروع ٿيو. هر ورق کي پڙهندي ائين ٿي لڳو ڄڻ منهنجي دماغ ۽ روح تي جيڪا ورهين جي دَزُ چڙهيل هئي سان هاڻ صاف ٿيندي پئي وڃي. جيئن جيئن اڳتي وڌندو ٿي ويس تيئن ئي اهو گمان يقين ۾ بدلجندو ٿي ويو ته واقعي ڪٿي هي ڪتاب ”ڪيمانگر“ جي جاءِ نه وٺي وڃي.

هن ڪتاب جو اصل جادو هي آهي ته. هر باب پڙهڻ دوران ائين لڳندو ته اها ڳالهه ته اسان بابت ٿي رهي آهي. ٿيوبهن بابن تي ٻڌل هن ڪتاب ۾ ٿيوبهن مختلف سماجي مسئلن جهڙوڪ: هارَ ويڳاڻپ. ڊپ، پاڻ پرائي، اَويساهي، پريت، ڏڪار ڪلهه، اڄ، سياڻپ، خواهشن، ايڪي، نزاڪت، ياڳ، معجزن ۽ ڳُڻن کي اهڙي دانائيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي جو عقل دنگ رهجيو وڃي. مٿي بيان ڪيل اهي سڀ سماجي پهلو اسانجي جي روزمره جي زندگيءَ تي ڪڏهن ناڪاري ته ڪڏهن هاڪاري انداز ۾ اثرانداز ٿيندا رهن ٿا. جن کي منهن ڏيڻ دوران انهن جي شدت سبب يا ته اسين سنئين راهه پُلجيو پئون يا وري همت هاري هر شئي کي جيئن جو تيئن ڇڏي ڏيندا آهيون. پر هن ڪتاب ۾ انهن مڙني پهلوئن سان گڏ زندگي گهارڻ جو اهڙو ته درس ڏنو ويو آهي جو پڙهڻ واري جا چارئي طبق روشن ٿيو پون. زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ ننڍڙين ننڍڙين اوکائين کي منهن ڏيڻ به هڪ فَنُ آهي. اهو فن انهن کي هٿ اچي ٿو جيڪي ان جا طلبگار آهن. ۽ اهو فن جيئن ته ڪتابن ۾ ڪو نه ملي تنهنڪري اسانکي ساڄهه وندن جي پر وٺڻ جي ضرورت پوندي آهي. جيڪي اڄڪلهه ورلي

ملن ٿا. پر هن ڪتاب ۾ هڪ اهڙي ساچھ وند شخص جون سمجهاڻيون موجود آهن جنهن پنهنجي ساچھ کي اڳتي وڌائڻ پنهنجو فرض سمجھيو. پوءِ ڪير ان مان سبق پرائي ٿو يا نہ اهو سندس نصيب آهي. جيئن آءٌ هميشھ اهو چوندو آهيان تہ ”پڙهڻ وارا تہ جام آهن پر سمجهڻ وارو ڪو ڪو آهي.“

آخر ۾ هڪ ڳالھ واضح ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ ڪجھ پڙهندڙن کي هي ڪتاب پڙهندي شايد اهو وهم ٿي پوي تہ هي ڪتاب تہ قبطيءَ جي پنهنجي عقيدن تي ٻڌل آهي ۽ ڪٿي ان کي پڙهڻ سان اسانجي عقيدي کي ڪو ڇيهو نہ رَسي. پر حقيقت ۾ ائين ناهي، هن ڪتاب جو مذهب يا عقيدي سان ڪو تعلق ئي ناهي. جيئن ڪتاب جي پهرئين ئي باب ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ قبطيءَ جي ان خُطبي کي تنهي وڏن مذهبن جا عالم بہ دل وجان سان ٻُڌي رهيا هئا ۽ قبطي پاڻ اها ڳالھ ڪئي آهي تہ هو ان علم بابت ڳالهائي رهيو آهي جيڪو ڪتابن ۾ نہ پر ساچھ وندن جي دلين ۾ موجود آهي. جيئن هن ڪتاب ۾ هڪ جاءِ تي اهو لکيل آهي تہ ”اهو علم زندگي ۽ موت جي حقيقت بابت نہ پر روز مرھ جي مامرن ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ڪري ٿو. هي علم اهو ناهي جيڪو اسين ڪتابن مان پرائيندا آهيون. جنهن جو مقصد صرف حال ۽ مستقبل ۾ ٿيڻ ۽ اڻ ٿيڻ تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ آهي. پر هي علم اهو آهي جيڪو ساچھ وندن جي دلين ۾ موجود هوندو آهي.“

تنهنڪري ڪتاب ۾ موجود قبطيءَ جي خطبي مان اها ڳالھ واڪي ٿئي ٿي تہ سندس مذهب کهڙو بہ هو جنهن جي بہ عبادت ڪندو هو پر سندس ڳالهين مان مذهب نہ پر هڪ قديم يوناني سُگهڙَ جي ڏاهپ نظر اچي ٿي.

فهيم اختر ميمڻ

# ليکڪ جو نوٽ

1945ع ڌاري مٿانهين مصر جي ”حَمرَات دَومُ“ واري علائقي جي هڪ غار ۾ آرام لاءِ ترسيل ٻن پائرن کي هڪ ٻوٽي مان ٺهيل ڪاغذن (Papyruses_قديم مصر ۾ لکت لاءِ ڪتب ايندڙ ڪاغذ) تي لکيل مواد سان سَٽيل گُندي هٿ آئي. اُتان جي قانون مطابق لاڳاپيل انتظاميہ کي آگاهه ڪرڻ بدران حڪومت جو ڌيان هٽائڻ لاءِ انهن اها لکت قديم آثارن جي بازار ۾ وڪرو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سندن ماءُ اَپاڳَ جي علامت سمجهي ان دريافت جا ڪيترائي حصا ساڙي ڇڏيا.

ٻئي سال ٻنهي پائرن ۾ ڪنهن ڳالهه تي تڪرار ٿي پيو. ڪجهه سببن جي ڪري اها ڳالهه تاريخ جو حصو بڻجي نہ سگهي. پر اُن دريافت جي اَپاڳي هجڻ کي ئي سندن وچ ۾ تڪرار جو بنياد سمجهي سندن ماءُ اهي لکٽيون هڪ پادريءَ جي حوالي ڪري ڇڏيون. جنهن وري اهي لکٽيون قاهره جي قبطي عجائب گهر کي وڪرو ڪري ڇڏيون. اُتي انهن قديم لِکٽين کي هڪ نالو ( نجع حمادي واريون لکٽيون) ڏنو ويو جيڪو اڄ تائين هلندو ٿو اچي. نجع حمادي اصل ۾ انهن قديم لکٽين جي دريافت واري غارن کان پري ۾ هڪ شهر جو نالو آهي. جنهن جي حوالي سان اڄڪلهه اهي لکٽيون مشهور آهن. اُن عجائب گهر جي هڪ ماهر ۽ مذهبي تواريخدان جين ڊوريس Jean Doresse انهيءَ دريافت جي اهميت کي سمجهندي 1948ع پهريون ڀيرو هڪ مخزن ۾انهن بابت ذڪر ڪيو.

انهن مان ڪجهه لکٽيون وري چور بازار مان ظاهر ٿيڻ لڳيون. مصري حڪومت انهن لکٽين کي ملڪ کان ٻاهر ڪنهن جي وَر چڙهڻ وڃڻ کان روڪڻ لاءِ جوڳا اُپاءَ پڻ ورتا. 1952ع واري انقلاب ڪانپوءِ ان مواد جو گهڻو حصو قومي ۽ تاريخي ورثي جو حصو ڄاڻائي قاهره ۾ موجود قبطي عجائب گهر جي حوالي ڪيو ويو. انهن قديم لکٽين جو صرف هڪ نُسخو بيلجيم جي ثقافتي ورثي جي سامان وڪرو ڪندڙ هڪ هَٽَ جي ور چڙهي ويو. نيويارڪ ۽ پيرس ۾ اُن نسخي کي وڪرو ڪرڻ جي ڪيترين ئي ناڪام ڪوشش ڪانپوءِ 1951ع ۾ اهو ڪارل ڄُنگ Carl Jung جي هڪ اداري جي هَٽ لڳو. ڄڳ مشهور نفسيات جي ماهر ڪارل ڄُنگ جي لاڏاڻي ڪانپوءِ اهو نُسخو جنهن کي ڄنگ ڪوڊيڪس Jung Codex ڪوٺيو وڃي ٿو قاهره واپس پهتو ۽ هاڻ نجع حمادي مان هٿ آيل انهن قديم لکٽين جا هزار کن ورق ۽ ٽڪرا ملي سگهن ٿا.

اهي لکٽيون يوناني ٻوليءَ جي لکت جو ترجمو آهن جيڪي پهرين صدي قبل مسيح جي پڇاڙيءَ ۽ 180 عيسوي سن ۾ لکيون ويون هيون. جن جو گهڻو حصو غير مُستند صحيفن جو حصو

ٻڌجي ويو پر انجيل جي نئين عهدنامي جي شروعاتي چئن صحيفن ۾ ان جو ڪو ذڪر موجود ناهي. پر ائين ڇو آهي؟

170 عيسوي ۾ اعليٰ منصب جي پادرين اهو فيصلو ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ گڏجاڻي ڪئي ته انهن قديم لکڻين مان ڪهڙيون انجيل جي نئين عهدنامي ۾ شامل ڪيون وڃن. انهيءَ چونڊ جو معيار هن ريت هو ته: نئين عهدنامي ۾ هر اها لکڻي شامل ڪئي ويندي جيڪا عيسائيت جي عقيدن جي مخالفت ۾ انهن عقيدن جي نظرياتي گروهه بنديءَ جو مقابلو ڪري. ائين انجيل جي نئين عهدنامي جي چئن ئي صحيفن کي نئين ترتيب ڏني وئي, اهڙي ريت ئي انهن پادرين حضرت عيسيٰؑ جي حوارين جي لکڻين کي پڻ پنهنجي نظرين ۽ عقيدن جي معيار پٽاندر عيسائيت جي عقيدي جو حصو بڻائي ڇڏيو. پادرين جي ان گڏجاڻيءَ جي حوالي سان ڇپيل مُستند ڪتابن جي فهرست موراتورين ڪينن Muratorian Canon ۾ حاصل ڪري سگهجي ٿي. ڪجهه ٻيون لکڻيون جيڪي پڻ نجع حمادي مان حاصل ڪيون ويون, تن کي خارج ڪيو ويو جنهن جو سبب اهو هو ته يا ته اهي ڪنهن عورت لکيون هيون (جيئن, ميري ميگڊلين Mary Magdalene جو صحيفو) يا وري انهن لکڻين ۾ عيسيٰؑ جو اهڙو خاڪو پيش ڪيو ويو هو جيڪو پنهنجي روحاني مقصد کان چڱي ريت آگاهه هو ۽ سندس آخري وقت وارين پيڙائن کي واضح نه ڪيو ويو هو.

1974ع ڌاري هڪ قديم آثارن جي ماهر انگريز سَر والٽَر وِلڪِنسن Sir Walter Wilkinson هڪ ٻيو صحيفو دريافت ڪيو جيڪو ٽن ٻولين عربي,عبراني ۽ لاطيني ۾ لکيل هو. ڪيس ان علائقي ۾ اهڙي قسم جي دريافت جي سنيار لاءِ لاڳو قانون جي آگاهي هجڻ سبب هن اهو صحيفو قاهره جي عجائب گهر ۾ موجود آثارِ قديمه جي اداري جي حوالي ڪري ڇڏيو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته ڪجهه ئي وقت کان پوءِ ان صحيفي جون لڳ ڀڳ 155ڪاپيون پوري دنيا ۾ ڦهلجي ويون, (جن مان ٽي ڪاپيون ته عجائب گهر جي ملڪيت به هيون) جيڪي سڀ جون سڀ هڪجهڙيون ٿي لڳيون. ڪاربان_14(نامياتي مُرڪبن جو دور يا مُدو ٻڌائڻ جي مُشاهدي ۾ ڪتب ايندڙ ٽيسٽ) مان اهو ظاهر ٿيو ته اهو صحيفو ويجهڙائيءَ واري دور, گهٽو ڪري 1307 جي ويجهي اوڌي دور جو آهي. ۽ انجي ملڻ واري هنڌ ( عڪرا) جي نشاندهي ڪرڻ به آسان ڪم هو جيڪو مصر جي حدن کان ٻاهر هو. تنهنڪري ئي ان صحيفي کي ملڪ کان ٻاهر نيئڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نه هئي. ان ريت سَر والٽر کي 23 نومبر 1974ع ڌاري مصري حڪومت کان ان صحيفي کي برطانيه ڪٽي وڃڻ جو اجازتنامو Ref. 1901/317/IFP_7 ملي ويو.

1982ع ڌاري ويلس پورٿمڊاگ Wales Porthmadog ۾ ڪرسمس جي موقعي تي آءُ سَر والٽر جي پُٽَ سان مليس. مونکي ياد آهي تہ ڪجھ وقت اڳ ۾ ڪنهن موقعي تي هُن سنڌس پيءُ جي ان دريافت جو ذڪر اسان سان ڪيو هو پر ان وقت اسان مان ڪنهن بہ ان ڳالھ ڏانهن توجھ نہ ڏنو هو. تنهن ڪانپوءِ سالن تائين ساٿس ناتو جڙيو رهيو ۽ هڪ ٻن موقعن تي ملاقات بہ ٿي جڏهن آءُ پنهنجي ڪتابن جي مشهوريءَ لاءِ ويلس ويل هئس.

30 نومبر 2011ع ڌاري مونکي ان صحيفي جي هڪ ڪاپي ملي جنهن جو هُن پهرين گڏجاڻيءَ ۾ ذڪر ڪيو هو. ۽ آءُ ان صحيفي جو نقل هن ڪتاب ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

پائلو ڪوهئلو



# عڪرا مان مليل مسودو

ناول

آءٌ پنهنجو هي ليک هيئن شروع ڪرڻ چاهيان ٿو :

” هن وقت آءٌ حياتيءَ جي ٻڍاڙڪي حصي ۾ آهيان، ۽ آءٌ پنهنجي پونئيرن لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڇڏي وڃڻ وارو آهيان جيڪو مون پنهنجي سڄي حياتيءَ ۾ پرايو ۽ اميد ٿو ڪيان ته اهي ان جو صحيح استعمال ڪندا.“

**هن** وقت آءٌ اجا ايڪويهن ورهين جو آهيان. منهنجي ابي امڙ مونکي تمام گهڻو پيار ڏنو وڏي تعليم ڏني ۽ وڏو ٿي مون ان عورت سان شادي ڪئي جنهن کي مون چاهيو ۽ هن پڻ مونکي قرب ڏنو. انهن ڳالهين جي باوجود به اهو سوچيندي ڏک ٿو ٿئي ته. سياڻي زندگي اسان کي ڏارڪري ڇڏيندي ۽ اسانکي پنهنجو گس، ياڳ يا مرتيي کي مُنهُن ڏيڻ جو طريقو پاڻ ئي ڳولڻو آهي.

اسانجي آڪهه مطابق، اڄ 14 جولاءِ 1099 آهي. يعقوب، منهنجي ننڍپڻ جو سنگتي آهي، جنهن سان يروشلم جي گهٽين ۾ مون ڪُڏندي وقت گُذاريو سندس آڪهه مطابق هيءُ 4859 جو سال آهي؛ جيڪو هو هوڏ سان ٻڌائيندو آهي ته سندس يهودي مذهب منهنجي مذهب کان تمام گهڻو پُراڻو آهي. ابن الاثير جنهن پنهنجي سموري حياتي تواريخ سهيڙڻ لاءِ ارپي ڇڏي، اها تواريخ جيڪا هاڻ پنهنجي پڄاڻيءَ تي پُجڻ واري آهي، ان مطابق، سال 492 هه پنهنجي پُڄاڻيءَ تي آهي. اسين تواريخ يا ٻانهپ جي مامرن ۾ پلي هڪٻئي سان سهمت نه هُجون. پر زندگيءَ جي ٻين مڙني مامرن ۾ اسين سڀ هڪٻئي جا سُونهان آهيون.

هڪ هفتو اڳ اسانجي سپهه سالار هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي. جنهن ۾ فرانس جي ويڙهاڪن جي شهر تي ڪاهه جي حوالي سان سندن سگهه، بهترين جنگي صلاحيتن ۽ هٿيارن پنهنوارن بابت ٻڌايو. جيڪي

اسان ڪان هر حال ۾ سَرسُ آهن. ان گڏجاڻيءَ ۾ اسانکي ٻن مان ڪا هڪ شئي چونڊڻ لاءِ چيو ويو. هڪ, يا ته شهر ڇڏي ڀڄي وڃون يا مُڙسيءَ سان مرڻ گهڙيءَ تائين مهاڏو اٽڪايون. ڇاڪاڻ جو اسانکي شڪست ته ملڻي ئي آهي.

اهو ٻڌي به اسان مان ڪيترن ئي ترسڻ جو فيصلو ڪيو.

مسلمان ڳاهٺ ڪيو مسجد الاقصيٰ وٽ موجود آهن. جڏهن ته يهودين پنهنجا ويڙهاڪ دائودؑ جي محراب وٽ گڏ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي, ۽ عيسائي جيڪي مختلف طبقن ۾ رهن ٿا, تن کي شهر جي ڏاکڻين حصي جي دفاع لاءِ موڪليو ويو آهي.

شهر ڪان ٻاهران, دشمنن جا, ڳچل پريل ٻيڙين مان ٺاهيل مورچا به ڏسي سگهجن ٿا. سندن چرپر مان ته ائين لڳي رهيو آهي ته هو سياڻي تائين حملو ڪري ”پوپ“, ”آزادي“ ۽ ”خدا جي مرضيءَ“ جي نالي تي اسان کي رتو ڇاڻ ڪندا.

انهيءَ ساڳئي چوڪ ۾ جتي هزار سال اڳ رومي گورنر پونٽيِس پِلاتيءَ Pontius Pilate عيسيٰؑ کي صليب چاڙهڻ لاءِ ماڻهن جي هُجوم حوالي ڪيو هو اج شام انهيءَ ئي چوڪ ۾ هر عمر جي ماڻهن جو انبوهه هڪ يونانيءَ کي ٻُڌڻ لاءِ ويل آهي. جيڪو قبطيءَ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

قبطي به عجيب شخص آهي. اجا ساميو ته پنهنجو اباڻو شهر ايٿنس ڇڏي ڏن دنيا جي ڳولا ۾ نڪري پيو ۽ ٻُک اج پوڳيندي اسانجي شهر جي در تي اچي ڇيهه ڪيائين, ۽ جڏهن ڪيس ڇڱو موچارو ڪم مليو ته پوءِ هن وڏيڪ رلڻ جو ارادو ترڪ ڪري هٿ ئي ويڙهو وسائي ڇڏيو.

ڪيس هڪ موچيءَ وٽ ڪم ملي ويو. ۽ پوءِ هن به ابن الاثير وانگر هر اڪين ڏٺي, ڪنين ٻڌي شئي پونئيرن جي رهنمائيءَ لاءِ لکڻ شروع ڪري ڏني. نه ئي هو ڪنهن مذهب جو پوئلڳ هو ۽ نه ئي وري ڪنهن ڪيس ان پاسي لاڙڻ جي ڪوشش ئي ڪئي. هن مطابق اسين نه ته سال 1099 يا 4859 ۾ ۽ نه ئي وري 492 جي ڇيڙي تي آهيون. قبطيءَ جو عقيدو صرف زمان حال تي ۽ ان اَجاتل خدا تي هو جنهن کي هُو ”مُوائرا“ Moira يا ”ياڳ“ ڪوٺيندو هو ۽ ان روحاني طاقت جو صرف هڪئي قانون آهي, ۽ جڏهن به اهو قانون ٽوڙيو ويو ته دنيا جو خاتمو ٿي سگهي ٿو.

قبطيءَ جي پر ۾ يروشلم ۾ موجود ٽنهي مکيه مذهبن جا پيشوا به موجود هئا. ان گڏجاڻيءَ ۾ ڪو به حڪومتي نمائندو موجود نه هو. ڇاڪاڻ جو هو هلان آڏو بند ٻڌڻ وارن انتظامن ۾ رُڌل هئا.

۽ جڏهن ته اسان جي نظر ۾ اهو سڀ ڪجهه اجايو هو.

قبطيءَ چيوته، ”صديون اڳ، هن ئي چوڪ ۾ هڪ شخص ڪي فيصلي ۾ سزا ٻڌائي وئي هئي، جنهن رستي تان هو پنهنجي موت ڏانهن وڌي رهيو هو ان جي ساڄي پاسي ڪجهه عورتن کي روئيندو ڏسي ان چيو هو: ”افسوس مون لاءِ نه پر يروشلم جي لاءِ ڪيو.“

سندس اها اڳڪٿي اڄ سچ ثابت ٿي رهي آهي. سپاٽي ڪان، هتان جون محبتون ۽ ايڪتا ختم ٿي وينديون، سُک ڏکن ۾ متجي ويندا، امن هڪ اهڙي جنگ ۾ متجي ويندو جنهن جو ترت ۾ ڪو انت نظر نه تو اچي.“

ڪنهن به ڪجهه نه ڪُڇيو چاڪاڻ جو اسان مان ڪنهن کي به اها خبر نه هئي ته، اسين اتي ڪهڙي مقصد لاءِ موجود هئاسين. شايداسانکي انهن ڪاهه ڪندڙن بابت هڪ خطبو ٻڌڻو هو جن پاڻ کي صليبي جنگجو ٿي سڏرايو.

هڪ گهڙيءَ لاءِ قبطيءَ چئوڦير ماحول ۾ پکڙيل نراسائيءَ جو مشاهدو ڪندي، هڪ ڊگهي خاموشيءَ کانپوءِ پنهنجو بيان جاري رکيو:

”هو هن شهر کي ته تباهه ڪري سگهن ٿا، پر اُهو سڀ ڪجهه تباهه نه ٿا ڪري سگهن جيڪو هن شهر اسانکي سيکاريو آهي، اُها ڄاڻ ۽ اُهو علم ڏاڍو سگهارو آهي، ۽ انکي اسانجي شهر جي پٽيُن، گهرن ۽ گهٽين وانگي ڍاهي ڪو هاجو نه تو رسائي سگهي. پر اها ڪهڙي ڄاڻ آهي، اهو ڪهڙو علم آهي؟“

جڏهن ڪنهن ڪجهه نه وراڻيو ته هن پنهنجي ڳالهه اڳتي وڌائي:

”اِهو علم زندگيءَ ۽ موت جي حقيقتن بابت ڪٿي نه به. پر پنهنجي ڏهاڙيءَ جي ڪاروهنوار ۾ مڪاميل ٿيندڙ مامرن ۽ اوکاين کي منهن ڏيڻ ۾ سهائتا ڪري ٿو. هي اهو علم ناهي جيڪو اسين ڪتابن مان پڙهائيندا آهيون، جنهن جو مقصد صرف حال ۽ مستقبل ۾ ٿيڻين ۽ اٽڪڻ تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ آهي، پر هي اهو علم آهي جيڪو ساڄاهه وندن جي دلين ۾ موجود هوندو آهي.“

قبطيءَ پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو: ”قديم آثارن جي سنڀال جو فن، تواريخ درج ڪرڻ ۽ سياست جهڙن ميدانن ۾ ڳچ سال اربڻ کانپوءِ آءُ انهن مڙني شين جو سُڃاڻُ آهيان، پر تنهن هوندي به مونکي خبر ناهي ته اوهان سان ڇا ڳالهائجي. پر آءُ ان روحاني قوت کان پنهنجي دل جي پختگيءَ لاءِ دعا تو گهرا. تنهن کانپوءِ اوهان مون کان سوال ڪندؤ ۽ آءُ جواب ڏيندس. قديم يونان جي استادن جو به اهو ئي طريقيڪار هو، سندن شاگرد ڪانئن مختلف مامرن بابت سوال ڪندا هئا ۽ هو ڪين جواب ڏيندا هئا.“

”تنهنجي جوابن کي اسان ڇا ڪنداسين؟“ ماڻهن جي انبوهه مان هڪ پڇيو.

”اوهان مان ڪجهه منهنجون ڳالهيون لکندا ۽ ڪجهه وري ياد ڪندا ويندا. پر اهم ڳالهه اها آهي تہ اڄ رات تائين اوهان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويندئو ۽ جيڪي ڪجهه بہ اوهان ٻڌو سو ٻين سان ورينديئو. اهڙي ريت يروشلم جو روح محفوظ رهندو. ۽ هڪ ڏينهن اسين يروشلم کي ٻيهر نہ صرف هڪ شهر پر علم جو هڪ مرڪز ڪري اڏينداسين, ۽ هت هڪ ڀيرو ٻيهر امن قائم ٿيندو.“

”اسين سڀ ڄاڻون ٿا تہ سياڻي چا ٿيڻ وارو آهي.“ انبوهہ مان ٻئي شخص وراڻيو. ”ڇا اهو بهتر نہ ٿيندو تہ جنگ جي تياريءَ ۽ امن برقرار رکڻ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وڃي؟“

قبطي پير ۾ وينل هڪ مُکيہ ڏانهن نهاريو ۽ جهٽ ئي ماڻهن جي انبوهہ ڏانهن مڙيو.

”اسان مان ڪنهن کي بہ ڪا خبر ناهي تہ سياڻي ڇا ٿيڻ وارو آهي, ڇاڪاڻ جو هر ڏينهن پاڻ سان ڪي نہ ڪي وڻندڙ يا اڻ وڻندڙ گهڙيون آڻي ٿو. تنهنڪري جڏهن اوهان سوال پڇڻ لڳو تہ شهر جي بندن تي ويڙهاڪن ۽ من اندر جي ڊپ کي وساري ڇڏيو. اسانجو مقصد پونئيرن لاءِ اهو لکڻ اهم ناهي تہ اڄوڪي ڏينهن تي ڇا ٿي گذريو هو. تواريخ پاڻ ئي انهن شين کي ياد رکندي. اسين صرف پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ دوران آڏو ايندڙ اوکاين بابت ڳالهائينداسين. ۽ اهو ئي سڀ ڪجهه آهي جيڪو سياڻي ۾ دلچسپيءَ جو باعث بڻبو ڇاڪاڻ جو ايندڙ هزار سالن تائين منهنجي خيال ۾ تہ ڪجهه بہ تبديل ٿيڻ وارو ناهي.“

***

منهنجي پاڙيسري يعقوب پڇيو :

”اسانکي شڪست بابت ڪجهه ٻڌايو.“

*قبطيءَ* وراڻيو:

ڇا سياري ۾ پونڊڙ پارن ڪري وڻ مان ڇڃي ڪرندڙ پَنَ کي به شڪست جو احساس ٿيندو آهي؟

وڻ ته تڏهن به پَنَ کي آٿت ڏيندي چوندو آهي ته:

”تنهنجي خيال ۾ تنهنجو هڪ نه هڪ ڏينهن انت ٿيڻ وارو آهي، پر اهو ئي زندگيءَ جو وهنوار آهي. تون ته منهنجي وجود جو حصو آهين. تنهنجي ڪري ئي آءٌ زنده آهيان ۽ ساهه کڻي سگهان ٿو. تنهنجي ڪري ته، ئي ٿڪل مسافرَ منهنجي ڇانوَ کي پسند ڪن ٿا. تون منهنجي سگهه آهين ۽ آءٌ تنهنجي سگهه آهيان. اسين ٻئي هڪ آهيون.“

سالن جا سال دنيا جي اوچي ڏونگر جي چوٽيءَ تي چڙهڻ جون تياريون ڪرڻ ڪانپوءِ، جڏهن هڪ شخص، ان ڏونگر تي قدرت جو ويڙهيل طوفانن جو لَباتوڏسندي ئي ڇا هو شڪست تسليم ڪري وٺي ٿو؟ ان ويلي اهو شخص ڏونگر کي چئي ٿو ته: ”هن مهل تون نه ٿو چاهين ته آءٌ تنهنجي چوٽيءَ کي ڇهان، پر هڪ ڏينهن مند متبي ۽ آءٌ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندس. تيسيتائين تون اتي ئي منهنجو انتظار ڪر.“

ڇا هڪ نوجوان پنهنجي پهرئين محبت ۾ ناڪاميءَ ڪانپوءِ محبت تي ئي، اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي؟

اهو نوجوان پوءِ به، پاڻ کي پيو آٿت ڏيندو آهي ته: ”آءٌ اجا وڌيڪ بهتر محبوب ڳولي لهندس، جيڪو منهنجي احساسن کي سمجهي سگهي. ۽ پنهنجي باقي حياتي آءٌ ساڻس خوش گذاريندس.“

قدرت جي وهنوار ۾ سوڀ يا ناڪاميءَ جهڙي ڪا بہ شئي موجود ناهي، جيڪڏهن ڪا شئي آهي تہ اها آهي هميشهہ ڇُر پُر ۾ رهڻ.

سيارو بہ پنهنجو پاڻ مڃائڻ لاءِ، جتن ڪندو رهي ٿو پر آخرڪار ڪيس بهار آڏو آڻ مڃڻي پوي ٿي، جيڪو پاڻ سان گڏ گُل ڦل ۽ سُرهايون آڻي ٿي.

آرهڙ پنهنجي گرميءَ ڪي هميشہ لاء قائم رکڻ گهري ٿو ڇاڪاڻ تہ سندس اهو خيال آهي تہ گرمي زمين لاءِ فائديمند آهي، پر آخرڪار، ڪيس بہ سرءُ آڏو آڻ مڃڻي پوي ٿي، جيڪو ڌرتي کي سک ۽ سامت ڏئي ٿو.

ننڍڙو ۽ سهڻو هرڻ تہ گاهہ کائي ٿو پر هو وري شينهن جو کاڄ بڻجي ٿو. سوال اهو ناهي تہ ڪير وڌيڪ سگهارو آهي، پر اهي سڀ شيون زندگي ۽ موت جي وهنوار کي اسان آڏو واڪو ڪرڻ لاءِ اپاٽهار جا وَڙَ آهن. ۽ زندگيءَ جي ان وهنوار ۾ نہ تہ ڪير سوڀارو آهي ۽ نہ ئي وري ڪير هيٺو آهي، اهي صرف زندگيءَ جا ورَ وڪڙَ آهن جن مان لنگهي پار پوڻو آهي. جڏهن انساني دل ان ڳالهہ کي سمجهڻ جي قابل ٿيو پوي تڏهن اها اوکاين کي مڃڻ لڳي ٿي ۽ سوڀ وارن پَلن ۾ پيٽڪڻ کان بچيو پوي.

ڏک ۽ سک هڪٻئي جي پويان ڳڙيو وڃن، ۽ زندگيءَ جو اهو وهنوار ايسيتائين جاري رهي ٿو جيسيتائين اسين پنهنجي بت کان ڇڃي ڌارتي هڪ روح ۾ مٽجي ٿا وڃون.

تنهنڪري، هڪ ويڙهاڪ جڏهن جنگ جي ميدان ۾ لهي ٿو پوءِ پلي اهو سندس پاڳ هجي يا اَياڳ بنهي صورتن ۾ جنگ وڙهڻ ئي سندس وَڏُ هجڻ گهرجي. ۽ جيڪڏهن هو پنهنجي ان وَڙَ تي قائم رهي ٿو تہ پوءِ جنگ هارڻ جي صورت ۾ بہ ڪيس هارائڻ نا ممڪن ٿيو پوي، ڇاڪاڻ جو سندس روح سالم ٿيو پوي. هو ساٿس ٿيندڙ ويڌن جو ڏوهہ بہ ڪنهن جي مٿان نہ مڙهيندو. پنهنجي پهرين محبت ۾ ناڪاميءَ کانپوءَ هو اهو ڄاڻي وٺي ٿو تہ اها ناڪامي سندس محبت ڪرڻ واري صلاحيت کي ختم نہ ٿي ڪري سگهي. ڇاڪاڻ جو محبت ۽ جنگ ۾ سڀ ڪجهہ جائز آهي.

هڪ جنگ هارائڻ کانپوءِ يا اها هر شئي جيڪا اسان وٽ موجود هئي سا وڃائڻ کانپوءِ واري صورتحال اسان لاءِ پيڙائن ۽ پوڳنائن جون گهڙيون آڻيو ڇڏي، پر اهي گهڙيون گذرڻ کانپوءِ بہ اسان پاڻ ۾ موجود هڪ لڪل سگهہ ڳولي لهون ٿا. اها سگهہ اسان لاءِ خوشين جو ڪارڻ بڻجي ٿي ۽ اسانجي مان مريادا کي جيئندان ڏئي ٿي. تنهن کانپوءِ اسين پاڻ کي سَرهائيءَ منجهان مخاطب ٿيندي اهو چئون ٿا تہ: ”آءٌ تَڳِي ويس.“ پر جيڪي ان ڳجهي سگهہ کي محسوس نہ ٿا ڪري سگهن اهي آرها ٿيو چوندا وتن ٿا تہ: ”مون آڻ مڃي.“

پر جيڪي هارَ جي پيڙا مان گذري رهيا هوندا آهن ۽ سويارن جي ارڏاين تي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيندا آهن. اهي پڻ بہ نير تہ ضرور وهائيندا آهن. پر ڪڏهن بہ خودترسيءَ وگهي زير نہ ٿيندا آهن. ڪين خبر هوندي آهي تہ اِهو جنگ ۾صرف ٿوري گهڙيءَ جي ساهي آهي. هو پنهنجي دل جو دهڪو بہ ٻڌي سگهن ٿا. ڪين اها بہ ڪل هونديآهي تہ هو اٿانيڪا ۽ ٻنل آهن. پر جڏهن هو پنهنجي جيون تي ويچارن ٿا تہ ڊپ بدران سندن روح ۾ ڪين هڪ آس ۽ ويساهہ نظر ايندو آهي، ۽ جيڪو ڪين اڳتي وڌڻ جو حوصلو ڏيندو آهي.

انهن هارَ وارين گهڙين ۾ ڪين آرام ڪرڻ، ڦٽن پرجڻ، پنهنجي صحيح يا غلط فيصلن تي ويچارڻ ۽ وڌيڪ بهتر رٿابندي ڪرڻ جو موقعو ملي وڃي ٿو.

ائين هڪ ڏينهن وري هڪ نئون سج اُڀري ٿو ۽ نئين جنگ متن اچي ڪڙڪي ٿي. هو اجا بہ ٻنل رهن ٿا پر ڪين يا تہ منهن ڏيٺو آهي يا وري هميشہ لاءِ هارَ مڃٽي آهي. هو پنهنجي انهن پيڙائن ۽ پوڳنائن ڪي جيڪي هو ڏسي چڪا هئا ٻيهر ورجاءَ کان روڪڻ لاءِ دشمنن مان مهاڏو اٽڪائيندا رهن ٿا.

سندن پهرين شڪست جو مطلب اهو آهي تہ هن پيري ڪين ضرور ڪامياب ٿيٹو آهي، ڇاڪاڻ جو هو ٻيهر ان پيڙا ۾پيڙجڻ نہ ٿا چاهن.

پر جيڪڏهن فتح هن پيري بہ سندن قسمت ۾ ناهي تہ اها ٻئي پيري ضرور ڪين نصيب ٿيندي، ٻئي پيري نہ تہ ٽئين پيري. اصل ڳالهہ پيرن تي بيهڻ آهي.

هارَ تہ رڳو انهن ڪي پڙ پئي ٿي جيڪي آڻ مڃن ٿا، باقي سڀ تہ سويارا آهن.

اهو ڏينهن ضرور ايندو جڏهن ٻڌڻ وارا انهن پيڙائن ۽ پوڳنائن وارين گهڙين ڪي صرف آڪاٽين ۾ ڏيان سان ٻڌندا ۽ انهن مان تي شيون پرائيندا:

صحيح وقت جو انتظار موقعي ڪي جهٽڻ، ۽ پنهنجن ڦٽن جي سڪل نشانن تي فخر ڪرڻ.

گهائن جا نشان گوشت تي اُڪريل تمغا (ٻِلا) آهن. ۽ توهانجو دشمن انهن کان هميشہ ٻنل رهي ٿو ڇاڪاڻ تہ اهي ٻِلا توهانجي لڳاتار جنگين وڙهڻ جي تجربي جو ثبوت آهن. دشمن انهن گهائن جا نشان ڏسي ڳالهہ ٻولهہ ذريعي جهيڙو ختم ڪرڻ تي مجبور ٿيو پوي.

انهن گهائن جو اثر ان تلوار کان وڌيڪ تيز آهي جيڪا انهن جو ڪارڻ بڻي.

❊❊❊

”هارايَلَ بابت ڪجهه بيان ڪيو.“ هڪ واپاريءَ قبطيءَ جي ڳالهه پوري ٿيڻ کان پوءِ ڪائنس پڇيو.

***قبطيءَ*** وراڻيو:

هارايَلَ ڪڏهن به ناڪام ناهن ٿيندا.

ناڪامي (ف) ث . ناڪام ٿيڻ واري حالت، ناڪاميابي، نامرادي، نااُميدي، نِراسائي، مايوسي، محرومي، بدنصيبي.

ڪا اهڙي شئي جيڪا اسانکي هر حال ۾ گُهرجي، ۽ اسين انکي حاصل نه ڪري سگهون ته اها شڪست چئبي. پر ناڪامي اسانکي خواب ڏسڻ کان ئي روڪيو ڇڏي. ان بابت هڪ چوٽي به آهي ته: ”ڪنهن مان ڪا به اميد نه رکندئو ته ڪڏهن به نراس نه ٿيندئو.“

پهرئين ناڪاميءَ ڪانپوءِ نئين جنگ ۾ لهڻ سان ئي شڪست جو انت اچيو وڃي. پر ناڪاميءَ جو ڪو به انت ناهي؛ اها سڄي زندگي پنهنجي لباتي ۾ ويڙهيو ڇڏي.

هارَ انهن جي لاءِ آهي جيڪي ڏنل هوندي به بُردباريءَ ۽ يقين سان پنهنجي حياتي گهارين ٿا. هارَ به سُورمَن جو وَڙُ آهي، رڳو انهن کي ئي هارَ جي پد ۽ سوبِ جي سرهائيءَ جو اندازو هوندو آهي.

آءُ اهو نه ٿو چوان ته هارَ زندگيءَ جو حصو آهي؛ پر اسان مان مڙني کي خبر آهي ته صرف ناڪام شخص کي ئي محبت جو صحيح ڪاٿو هوندو آهي. ڇاڪاڻ جو محبت جي ڪارڻ ئي اسين جنگيون شروع ڪندا آهيون ۽ ناڪام به ويندا آهيون.

آءُ اوهان کي اهو ٻڌائڻ گهران ٿو ته اهڙا به ماڻهو آهن جن کي ڪڏهن شڪست نه ملي. ڇاڪاڻ جو هنن ڪڏهن ڪا ويڙهه ئي نه وڙهي. هو انهن ڦٽن، هيٺائي ۽ ڏرماندو ٿي وڃڻ واري احساس کان

لنوائيندا رهيا. هو انهن گهڙين کان به لنوائيندا رهيا جن ۾ هڪ ويڙهاڪ اهڙي حالت ۾ پهچي ويندو آهي جو ڪيس خدا جي وجود تان پڻ يقين ڪجي ويندو آهي.

اهڙا ماڻهو آڪڙ وچان چوندا آهن ته: ” مون ڪڏهن به ڪا جنگ ناهي هارائي.“پر بئي پاسي هو اهو به چوڻ جي قابل ناهن هوندا ته: ”مون ڪنهن جنگ ۾ ڪا فتح به ماڻي.“

انهن ڪڏهن به ”الله واهي“ يا ”آءُ اچي ويس، مونکي اُڪيرَ منجهان ڳراٽڙي پاءِ جيئن ڪنهن وڇوڙي ڪانپوءِ ميلاپ ٿئي ٿو.“ جهڙا لفظ نه ٻڌا.

اهي جن کي ڪڏهن به شڪست نه ملي، اهي ظاهر ۾ ته سَرها ۽ سوڀارا نظر اچن ٿا. چاڪاڻ جو کين ڪا به شئي حاصل ڪرڻ لاءِ آڱر به نه ٿي ڪٽڻي پوي. پر هو هميشه ڏاڍن پر هوندا آهن. ۽ هاتارُن وانگي شينهن جي اوبر ڪائيندا وتندا آهن. هو پنهنجي اولاد کي به اهائي تربيت ڏيندا آهن ته. ”جهيڙن جهڙن کان پاسو ڪيو پنهنجا اُڏما پاڻ تائين رکندئو ته ڪڏهن به ڏکيو وقت نه ڏسندئو. جيڪڏهن ڪير توهان تي حملو به ڪري ته ڪيس جواب نه ڏيو يا گڏ سان گڏ نه ٻڌجو اوهانکي زندگيءَ ۾ ٻيا به ڪيئي اهم ڪم ڪرڻا آهن.“

رات جي سانت ۾ هو خيالي ويڙهيون جوتيندا وتن ٿا. سندن ڪوڙن خوابن ۽ ساڻن ٿيل ناانصافين تي هو پنهنجيون اکيون بوتيو چڙين. اها بزدلي هو لوڪ کان ته لڪايو وجن پر پاڻ کان نه لڪائي سگهندا آهن. ۽ اهو پيار ۽ پابوهه جيڪا اُپاٽڻهار سندن ڪاڻ موڪلي، جيڪا پنهنجي اکين ۾ هڪ روشني ڪٽي سندن گس جهليو بيٺي آهي، هو ان کي ڳراٽڙي پائڻ جي به همت نه ٿا رکن.

هو پنهنجو پاڻ سان ئي اهو عهد ڪندا آهن ته: ”سڀاڻ ضرور مختلف ۽ نئون ڏينهن ٿيندو.“ پر ٻئي ڏينهن سندن ذهنن ۾ اهو سوال اڀري ٿو ته : ” جيڪڏهن اڄ به ڪجهه نه ڪري سگهيس ته پوءِ ڇا ٿيندو؟“ نتيجي ۾ هو ڪجهه به نه ڪري سگهندا آهن.

افسوس آهي انهن تي جن ڏکيو وقت نه ڏٺو. هو ڪڏهن به فاتح ٻڻجي نه ٿا سگهن.

❊❊❊

”اسانکي هيڪلائيءَ بابت ڪجهه ٻڌايو.“

هڪ نوجوان عورت، جنهن جي شادي اجهو شهر جي هڪ سرنديءَ واري جي پٽ سان ٿيڻ واري هئي، پر هاڻي جنگ جي ڪري ڪيس وجهڻ جي اجازت هئي، تنهن پڇيو.

***قبطيءَ*** وراڻيو:

هيڪلائيءَ ڪانسواءِ اوهان محبت ڪي نه ٿا سمجهي سگهو. چاڪاڻ جو محبت ڪي سانت جي طلب رهي ٿي، ته جيئن اها پنهنجا روپ مٿائي آسمانن مان اڏارون ڪندي توهان تائين پهچي سگهي.

هيڪلائيءَ کان سواءِ نه ٻوٽن ڪي جياپو آهي نه ئي جانورن ڪي، نه مٽي اپائيندڙ ٿي رهي نه وري ڪو ٻار زندگيءَ بابت ڪجهه پرائي سگهي ٿو نه ئي ڪو فنڪار پنهنجي ڪا شئي تخليق ڪري سگهي ٿو. مطلب ته هيڪلائيءَ ڪانسواءِ ڪنهن به شئي جي اوسر ممڪن ناهي.

هيڪلائي محبت جي اڻ هوند جي سببان ناهي پر اها ان محبت جو پورائو ڪرڻ لاءِ آهي.

هيڪلائي ڪنهنجو ساٿ ڇڏڻ سببان ناهي پر اِها اُها گهڙي آهي جنهن ۾ اسانجو روح اسان سان ڳالهائڻ لڳي ٿو ۽ اسانکي زندگيءَ جا فيصلا ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

تنهنڪري، ڀاڳن وارا آهن اهي جيڪي هيڪلائيءَ ۾ سَندي ساٿ کان ڊڄندا ناهن ۽ جيڪي هميشه پنهنجي ونڊر لاءِ يا پنهنجي راءِ قائم ڪرڻ لاءِ اٽڪڻ ۾ نه ٿا رهن.

هيڪلائيءَ پاڻ سڃاڻ ممڪن ئي ناهي. ۽ جن پاڻ نه سڃاتو اهي ان خال کان ڊنل رهن ٿا. پر اهڙي ڪنهن به خال جو ڪو وجود ئي ناهي. اسانجي روحن ۾ هڪ وسيع دنيا موجود آهي، جيڪا پنهنجي ٻاهر نڪرڻ جي انتظار ۾ رهي ٿي. اها دنيا اتي پنهنجي پوري سگهه سان قائم رهي ٿي، پر چاڪاڻ جو اها هڪ نئين ۽ سگهاري دنيا هجي ٿي، ان ڪري اسين انجي وجود کي ڄاڻڻ کان ئي ڊنل رهون ٿا.

پاڻ سڃاڻ وارو عمل اسانکي ان ڳالهه تي قائل ڪري ٿو ته اسين پنهنجي سوچن کان به گهٽو اڳتي وڃي سگهون ٿا. اها ئي ڳالهه اسانکي ڊيڄاريندي رهي ٿي ۽ اسين ڪو به جوکم جو ڪم ڪرڻ کان

لنوايون ٿا. ۽ اهو چوندا رهون ٿا ته، ” آءٌ اهو نه ڪري سگهيس جيڪو مونکي ڪرڻ گهربو هو. چاڪاڻ جو ڪنهن مونکي ڪرڻ نه ڏنو.“ اها ڳالهه اسانکي اطمينان ڏئي ٿي ۽ اسين انهيءَ ۾ ئي پنهنجي سلامتي محسوس ڪيو ٿا. پر حقيقت ۾ انهن جي اها ڳالهه پنهنجي زندگيءَ تان هٿ ڪڻڻ جي برابر آهي.

افسوس آهي انهن تي جيڪي پنهنجي سڄي زندگي اهو چوندي گذاري ڇڏن ٿا ته، ” مونکي ڪو موقعو نه مليو!“ جنهن سبب هو هر ڏينهن پنهنجي ئي ٺاهيل حدن جي کوهه جي اونهائيءَ ۾ ٻڏل رهن ٿا. تان جو اها گهڙي اچي وڃي ٿي جڏهن وٽن ايتري به سگهه باقي نه ٿي رهي جو هو ان کوهه مان نڪري پنهنجي چئوڦير پکڙيل اوجر پسي سگهن.

سياڻا ته اهي آهن جيڪي اهو چون ٿا ته، ” آءٌ بردبار ناهيان.“ چاڪاڻ جو انهن اها خبر آهي ته اها ڪنهن ٻئي جي خطا ناهي. ۽ اڳي پوءِ ڪين اُها وٽ ۽ ويساهه ملي وڃي ٿو جيڪو ڪين هيڪلائيءَ ۽ انجي ڳُجهن کي سمجهڻ ۾ سهائتا ڪري ٿو.

اهي جيڪي هيڪلائيءَ کان ڊنل ناهن. انهن لاءِ هر شئي مختلف سواد رکي ٿي. هيڪلائيءَ ۾ هو اها محبت ڳولي لهن ٿا جنهن جي وجود جي ڪين ڄاڻ ئي نه هئي. هيڪلائيءَ ۾ هو ان محبت کي سمجهڻ ۽ ان جو احترام ڪرڻ سکن ٿا. هيڪلائيءَ ۾ هو ان ڳالهه جو فيصلو ڪرڻ جي قابل ٿي پون ٿا ته رُسي ويل محبت سان پرچاءُ ڪرڻ گهرجي يا انکي ڇڏي ڪو نئون گس ونجي.

هيڪلائيءَ ۾ هو اهو به سکن ٿا ته ڪنهن ڳالهه کان ”نهڪر“ ڪرڻ ۾ هميشه وڏيءَ دل جي نفي ناهي هوندي ۽”هاڪار“ ڪرڻ به ڪو هميشه جو وڏو وَڙُ ناهي.

جيڪي هن وقت هيڪلا آهن. ڪين شيطان جي انهن ڳالهين کان به مايوس نه ٿيڻ گهرجي ته، ” توهان پنهنجو وقت وڃائي رهيا آهيو.“ يا ”توهانجي ڪنهن کي به پرواهه ناهي.“

ماڻهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ يا هيڪلائيءَ ۾ ٻنهي صورتن ۾ هڪ روحاني قوت اسانکي ٻڌي رهي هوندي آهي. ان گهڙيءَ ۾ ان روحاني قوت جي روشني اسانکي پنهنجي اهميت ۽ ڌرتيءَ تي پنهنجي وجود جو ڪارڻ سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي. جنهن وقت اسين ان متوازن صورتحال ۾ اچي وڃون ٿا ان وقت اسانکي پنهنجي ڳُجهه کان وڌيڪ حاصل ٿيو پوي.

جيڪي هيڪلائيءَ کان لنوائيندا رهن ٿا. اهي ياد رکن ته زندگيءَ جي سڀ کان اهم گهڙين ۾ به اسين هميشه هيڪلا رهون ٿا. هڪ ٻار جو مثال وٺو جيڪو ماءُ جي پيٽ مان نڪري ٿو. ان وقت ڀلي ڪيترا به ماڻهو سندس چوڌاري بيٺل هجن پر آخرڪار زندگي گذارڻ جو فيصلو ته ان ٻار کي اڪيلي سِر ئي ڪرڻو آهي.

هڪ فنڪار ۾ سندس فن جو مثال وٺو. پنهنجي فن يا ڪاريگريءَ کي بهتر ڪان بهتر بڻائڻ لاءِ ڪيس هيڪلائيءَ ۾ فرشتن جي ٻولي ٻڌڻ جي ضرورت پوي ٿي.

پنهنجو مثال وٺو جنهن وقت اسين اڻ گهربي مهمان، ”موت“ جي آمهون سامهون ٿيندا آهيون. ان اهم ۾ پوائتي گهڙيءَ ۾ به اسين هيڪلا ٿي هوندا آهيون.

جيئن محبت هڪ روحاني ڪيفيت آهي، تيئن ئي هيڪلائي هڪ انساني ڪيفيت آهي. جيڪي زندگيءَ جي معجزن کي سمجهي سگهن ٿا انهن لاءِ اهي ٻئي ڪيفيتون هڪٻئي سان ٻڌ رهن ٿيون.

***

هڪ نينگرُ جنهن کي شهر ڇڏڻ لاءِ چيو ويو هو، پنهنجا لَتا ڦاڙيندي چوڻ لڳو :

”شهر وارا چون ٿا ته آءُ ورهڻ جي قابل ناهيان، ۽ آءُ بيڪار آهيان.“

***قبطيءَ*** ڪيس وراڻيو:

ڪجھ ماڻهو اهو چوندا وتندا آهن ته، ”ڪنهن کي به مون سان محبت ناهي.“ پر محبت ۾ ناڪاميءَ ڪانپوءِ به هميشه اها اميد رکڻ گهرجي ته هڪ نه هڪ ڏينهن اها ضرور حاصل ٿيندي.

ڪي وري پنهنجي روزنامچي ۾ اهو لکندا آهن ته، ” منهنجي قابليت کي ڪنهن نه سڃاتو. منهنجي هنر کي ڪنهن نه ساراهيو. منهنجي خوابن کي حقير سمجهيو ويو.“ پر انهن کي پڻ نااميد نه ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو محنتن ۽ ڪوشش جو ڦل ضرور ملندو آهي.

ڪي وري ماڻهن جا دروازا ڪڙڪائيندا ۽ چوندا آهن ته، ”مونکي نوڪري گهرجي.“ ڪين اها خبرهوندي آهي ته سندن صبر جي ڪري هڪ نه هڪ ڏينهن ڪين ڪم ملي ويندو. پر ڪي وري اهڙا به ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي ڏينهن جي شروعات ئي نراسائيءَ سان ڪندا آهن. ڪين محبت، پنهنجي سڃاڻپ، يا ڪنهن به ڪم جي ڪا پرواهه ناهي هوندي. هو پاڻ کي اهو چوندا آهن ته، ” آءُ بيڪار آهيان. آءُ بس گذر سفر ڪرڻ لاءِ جيئرو آهيان. هت ڪنهن کي به منهنجي پرواهه ناهي.“

پاهر سڄ پنهنجي پوري جوڀن سان چمڪي رهيو هوندو آهي. ۽ هو پنهنجي ڪتنب ۾ گِهريل رهندا آهن. هو خوشين جو لباتو ويڙهي بين تي اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهندا آهن ته وٽن اهو سڀ ڪجھ موجود آهي جنهن جو هنن خواب ڏٺو هو. پر پوءِ به هو ان ئي ڳالھ تي آماده رهندا آهن ته ڪنهن کي به سندن جي ضرورت ناهي، ڇاڪاڻ جو هو يا ته اجا پار آهن ۽ سندن وڏن کي سندن پرواهه ڪرڻ کان علاوه بيا به ڪم ڪاريون آهن. يا وري هو ايترا پوڙها ٿي چڪا آهن جو سندن ڪتنب جي نوجوان ياتين کي سندن ڪنهن به ڳالھ جي پرواهه ئي ناهي.

هڪ شاعر ڪجهه سٽون لکي پوءِ اهو سوچي ڦِٽي ٿو ڪري ڇڏي ته. " ڪير به انهن ۾ دلچسپي وٺڻ وارو ناهي."

هڪ مزدور کي سندس ڪم تي پڇڻ ڪانپوءِ اهو ئي ڪم ورجاڻو پوي ٿو جيڪو هن پوئين ڏينهن ڪيو هو. ڪيس اهو به يقين رهي ٿو ته جيڪڏهن ڪيس ڪم تان لاٿو به ويو ته سندس غير موجودگيءَ جو ڪنهن تي ڪو به اثر ٿيڻ وارو ناهي.

هڪ نوجوان عورت پنهنجو چولو سبڻ دوران چولي جي هر ٽاڪي تي گهري نظر رکڻ وقت تڪليف سهي ٿي، پوءِ جڏهن هوءَ اهو چولو پهري ڪنهن ڏڻ يا محفل ۾ پهچي ٿي ته ڪيس ماڻهن جي نظرن مان اهو پيغام ملي ٿو ته. "تون هت موجود ٻين عورتن جي مقابلي ۾ نه خوبصورت آهين نه ئي وري بدصورت. تُنهنجو چولو به دنيا ۾ هن وقت ٿيندڙ محفلن يا ڏڻن ۾ موجود لکين عورتن ڪي پهريل چولن جهڙو ئي آهي، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن محل ۾ يا ڪنهن ننڍڙي ڳوٺ ۾ هڪبئي جي وڳن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري رهيون آهن. پر ڪير به سندس چولي بابت ڪا راءِ نه پيو ڏئي. اهو نه ته ايترو چڱو آهي نه ئي وري ايترو خراب، اهو بس هڪ عام چولو آهي.

نوجوانن جو اهو خيال آهي ته هيءَ دنيا مامرن ۾ مونجهارن جو ڪُن آهي. هو اهي حل ڪرڻ جي خواهش رکن ٿا، پر ڪير به سندن خيالن ۾ دلچسپي نه ٿو وٺي. ڪين اهو ٻڌڻو پوي ٿو ته. " توهان کي دنيا جي باري ۾ ڪا خبر ناهي ته اها ڇا آهي، پنهنجي وڏڙن جي ڳالهين تي غور ڪيو سندن ڳالهين مان توهانکي رهنمائي ملي سگهي ٿي."

وڏڙن وري زندگيءَ جي اڙانگهن گسن تي هلندي جيڪو تجربو ۽ گيان پرايو اهو جڏهن ڪنهن کي سيکارڻ جو وقت اچي ٿو ته ڪير به انهن ۾ دلچسپي نه ٿو وٺي، ۽ کين اهو چيو وڃي ٿو ته. "زمانو مَتجي چڪو آهي، توهانکي نئين زماني جي وهنوار کي سمجهڻ لاءِ نوجوانن جي ڳالهين کي ٻڌڻ گهرجي."

اَڪارت هجڻ جو عمر سان ڪو تعلق ناهي، اهو احساس ڪنهن به عمر ۾ ڪنهن به گهڙيءَ بنا پُڇڻ جي اچي حاضر ٿي ماڻهن جي روحن کي ساڳي ساڳي ڳالهه ورجائيندي زنگيو ڇڏي ته. "توهان ۾ ڪنهن جي به دلچسپي ناهي، توهانجي ڪا حيثيت ناهي، دنيا کي توهانجي ضرورت ئي ناهي."

ان مايوسيءَ واري حالت ۾ پنهنجي زندگيءَ کي ڪا معنيٰ ڏيڻ لاءِ ڪيترن ئي ماڻهن جو لاڙو مذهب ڏانهن ٿيو پوي، چاڪاڻ جو عقيدي جي نالي تي ڪنهن به قسم جي جاکوڙ هميشه دنيا ۾ تبديلي آڻڻ واري ڪنهن انقلاب جو تاثر ڏيندي آهي. اهڙا ماڻهو پنهنجي دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ اهو چوندا آهن ته. " اسين اپاٽهار جي راهه ۾ پاڻ پتوڙي رهيا آهيون." تنهن ڪانپوءِ پهريان هو ديندار بڻجي وڃن ٿا ۽ پوءِ دين جا مبلغ ۽ آخر ۾ شدت پسند.

پوءِ ڪين اها سمجهه نه ٿي رهي ته مذهب صرف زندگيءَ جي ڳُجهن کي سمجهڻ ۽ عبادت ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي، نه ڪي ڪنهن کي ڏاڍائيءَ سان پاڻ ڏانهن لاڙڻ لاءِ. زندگي خدا جو هڪ وڏي ۾ وڏو معجزو آهي. اج رات آءٌ يروشلم شهر لاءِ لُڙڪ وهائيندس، ڇاڪاڻ جو اينڊڙ هزارين سالن تائين اهو روحاني ايڪو مِيسارجڻ وارو آهي.

ڪنهن ٻاريءَ ۾ موجود ڪنهن گُلَ کان پڇندئو ته، " هڪ گُلَ مان وري ٻيو گُلُ پيدا ڪرڻ ڪانسواءِ تنهنجو ٻيو ڪهڙو ڪم آهي؟ ڇا پوءِ به تون پاڻ کي ڪارگر سمجهين ٿو؟"

گُلُ وراڻيندو ته، "آءٌ خوبصورت آهيان ۽ منهنجي خوبصورتي ئي منهنجي جياپي جو سبب آهي."

هڪ نديءَ کان پڇندئو ته، " تون بس هڪ ئي پاسي جي وهڪري سان وهندي رهين ٿي، ڇا پوءِ به تون پاڻ کي ڪارگر سمجهين ٿي؟"

ندي وراڻيندي ته،" آءٌ ڪارگر ٿيڻ جي بدران صرف هڪ ندي بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان."

خدا پاڪ جي نظر ۾ هن دنيا ۾ ڪير به اَڪارت ناهي. نه ئي اهو پن اَڪارت آهي جيڪو وڻ مان ڇڻي هيٺ ڪري ٿو نه ئي اهو وار اَڪارت آهي جيڪو توهانجي مٿي مان ڇڻي ٿو نه ئي وري ڪو جيت جڻو اَڪارت هجڻ سبب مري ٿو. هر شئي جي وجود جو ڪو نه ڪو سبب آهي.

توهان پاڻ، جيڪي سوالَ پڇي رهيا آهيو پاڻ کي اهو ئي چئي رهيا آهيو ته، " آءٌ اَڪارت آهيان." سگهوئي اهو جواب زهر بڻجي توهانکي زنده لاش بڻائي ڇڏيندو ان هوندي به توهان هلندئو ڦرندئو کائيندئو پيئندئو سمهندئو ۽ جڏهن به ممڪن ٿي سگهيو تفريح جو ڪو نه ڪو وکر ڳولي لهندئو.

ڪارگر بڻجڻ بدران اوهان جيڪي آهيو سو بڻجڻ جي ڪوشش ڪريو. بس اهوئي ڪافي آهي، ۽ ان سان ئي وڏي ۾ وڏو فرق پئجي سگهي ٿو.

پنهنجي روح کان نه گهٽو اڳتي نڪري وڃو نه وري انجي پويان هلو. ڇاڪاڻ جو توهانجو روح ئي توهانجي هر وِکَ تي رهنمائي ڪري ٿو.

ڪڏهن ته وڏين جنگين وڙهڻ سان تواريخ مَتجيو وڃي، پر ڪڏهن وري گهٽيءَ مان لنگهندڙ هڪ واٽهڙوءَ ڏانهن بنا ڪنهن سبب جي مُرڪي ڏسڻ سان به اهو عمل ٿيو پوي. جيئن اوهان ڪنهن اوپري جي

جان بچائي، جيڪو پاڻ ڪي اڪارت سمجهي آپگهات ڪرڻ وارو هجي، پر توهانجي هڪ مُرڪ کيس نئين اميد ۽ اعتماد ڏيو ڇڏي.

جيڪڏهن اوهان پنهنجي زندگيءَ جو ڳنڀيرتا سان مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجي زندگيءَ جي هر ان پل کي پيهر ٻه جيئو جيڪو اوهان لاءِ وڏي پيڙا جو ڪارڻ بڻيو هو ته ٻه اوهانکي ان ڳالهه جي پروڙ نه پوندي ته ڪڏهن اوهان ٻه ڪنهن سان ڪا چڱائي ڪئي هئي. هيءَ زندگي بالڪل ٻه بي مقصد ناهي، هر اهو روح جيڪو زمين تي لاٿو ويو آهي انجو ڪو نه ڪو مقصد ضرور آهي.

اهي ماڻهو جيڪي مشڪلاتن ۾ ٻين جو سهارو بڻجن ٿا، اهي پاڻ ڪاراڻا بڻجڻ جي ڪوشش نه ٿا ڪن، پر هو ڪاراڻي زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هو صلاحون ڏيڻ جي بدران عملي طور تي ڪاراڻو بڻجي پنهنجو مثال قائم ڪن ٿا.

توهان صرف هڪ ڪم ڪيو، پنهنجي حياتي ائين گهاريو جيئن اوهان خود گهارڻ چاهيو ٿا. ٻين تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ بدران پنهنجي خوابن جي ساڀيان تي ڌيان ڌريو. ٻي سگهي ٿو ته اها ڳالهه توهان جي لاءِ اهميت نه رکندي هجي پر، خدا پاڪ، جيڪو هر شئي تي قادر آهي، هو ڄاڻي ٿو ته جيڪو مثال توهان قائم ڪندئو اهو ضرور نظام ۾ سڌارو آڻڻ ۾ لاڀائتو ثابت ٿيندو. جنهن ڪانپوءِ هو پنهنجي رحمتن ۽ برڪتن سان توهانکي نوازي ڇڏيندو.

۽ جنهن وقت اڻوڻندڙ مهمان (موت) اچي پهچي ٿو ۽ توهانکي چئي ٿو ته، "اهو سوال جائز آهي ته، 'منهنجا رب، تو مونکي پنهنجي رحمت کان ڇو پري ڪري ڇڏيو؟' پر هاڻ تنهنجي زندگيءَ جي هن آخري گهڙيءَ ۾ آءٌ توکي اهو ٻڌايان ٿو ته مون ڇا ڏٺو. تنهنجي گهر جو ڪار وهنوار موچارو هو تنهجون ٻنيون کيڙيل ۽ انهن ۾ پوکون پڪل هيون، مطلب ته مون تنهنجي هر ڪِرت ۾ سٺي سنوت ڏٺي. تون اهو ڄاڻي چڪو هئين ته ڪو ٻه ننڍو عمل ڪنهن وڏي تبديليءَ جو سبب بڻجي ٿو. ۽ هاڻ ان جي ڪري آءٌ توکي جنت ڏانهن نئڻ آيو آهيان."

✻✻✻

هڪ درزياڻي، جنهن جو نالو الميرا هو، تنهن چيو :

” آءٌ شهر تي ڪاهه لاءِ ايندڙ جنگجوئن جي اچڻ کان اڳ شهر ڇڏي وڃي ٿي سگهيس، ۽ جيڪڏهن آءٌ ائين ڪيان ها ته هن وقت مصر ۾ هجان ها، پر آءٌ هميشه کان ڪنهن به قسم جي تبديليءَ کا ڊنل رهي آهيان.“

***قبطيءَ*** کيس وراڻيو:

اسين گهڻو ڪري تبديلين کان ڊنل رهون ٿا. ڇاڪاڻ جو اسانجو اهو خيال آهي ته ڪيترين ئي ڪوشش يا قربانين کان پوءِ به هن دنيا مان ڪجهه ناهي ورتو. پر، اسين اهو به ڄاڻون ٿا ته هي دنيا پلي باقي دنيائن کان بهتر نه به هجي ۽ اسين ان مان پلي مطمئن نه به هجون، پر گهٽ ۾ گهٽ اها دنيا اسانکي ڪي اوچتا صدما نه رسائيندي. ۽ اهو ئي خيال اسانکي سنئين راهه ڏيکاري ٿو.

پنهنجي ضرورت مطابق اسين پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ ڪجهه تبديليون ڪري زندگيءَ کي جيئڻ جو تيئن گذارڻ گهرون ٿا.

اسين جبلن کي هميشه پنهنجي ساڳي جاءِ تي موجود ڏسون ٿا. اسين وڻن جي پوري اوسر ٿيندي ڏسون ٿا. پر جڏهن انهن ئي وڻن کي پاڙا پٽي ٻي جاءِ تي رکجي ٿو ته سندن اوسر ئي ختم ٿيو وڃي.

پوءِ اسين اهو چوندا رهون ٿا ته: ” اسين جبلن ۽ وڻن وانگر مستقل مزاج ۽ مضبوط بڻجڻ چاهيون ٿا.“ راتيون جاڳي اسين اهو سوچيندا رهون ٿا ته: ”جيڪر! آءٌ پکي هجان ها ته، دمشق هجي يا بغداد جڏهن به دل چوي گهميو موٽي اچان ها.“ يا وري: ”جيڪر! آءٌ هوا هجان هان، ڇاڪاڻ جو ڪنهن کي ان جي خبر ناهي ته اها ڪٿان آئي آهي ۽ ڪيڏانهن ويندي، ۽ اها بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي جيڏانهن به چاهي پنهنجو رُخ موڙي سگهي ٿي.“

پر وقت سر ڪنهن نه ڪنهن نموني اسان تي اها حقيقت وائکي ٿئي ٿي ته، پکي به هميشه شڪارين جي اک ۾ رهندا آهن، ۽ هوا به ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن تيز واچوڙي ۾ وچڙي پنهنجي چوڌاري هر شئي کي ناس ڪري ڇڏيندي آهي.

اهو خواب ڏسڻ پڻ هڪ سُٺي ڳالهه آهي تہ سياٽي سيلان لاءِ اسان وٽ ڪجھ وقت موجود آهي ۽ اڳتي هلي هڪ نہ هڪ ڏينهن اسين سيلان تي روانا ٿيندا سين. ۽ ان ڳالهہ سان اسانکي خوشي ملي ٿي ڇاڪاڻ تہ اسين پنهنجي وَس ڪان وڌيڪ ڪري ڏيکارڻ جي صلاحيت رکون ٿا. خواب ڏسڻ ڪو مسئلو ناهي. پر انهن خوابن کي ساپياڻون ڏيڻ وارو عمل ضرور خطرناڪ آهي.

پر هڪ نہ هڪ ڏينهن قسمت اسانجو در ضرور کڙڪائي ٿي. پوءِ اهو کڙڪو ڪنهن پلائيءِ جي فرشتي جو بہ ٿي سگهي ٿو يا وري اڻ گهربي مهمان "موت" جو بہ ٿي سگهي ٿو. ٻئي هڪئي ڳالهہ ڪن ٿا: "هي تبديليءَ جو پَل آهي،" نہ متئين هفتي، نہ متئين مهيني نہ متئين سال. فرشتا چون ٿا: "هن وقت، هن ويلي، هاڻ جو هاڻ!"

اسين هميشہ اڻ گهربي مهمان "موت" جي ڳالهہ ٻڌندا آهيون. ۽ سندس ڊپ ڪان اسين هر شئي کي تبديل ڪري ڇڏيندا آهيون: جيئڻ پنهنجو گوٺ، عادتون، ڪاڏو پيتو، رَوَيا. پر پوءِ بہ اسين ان اڻ گهربي مهمان کان مهلت وٺڻ ۾ ناڪام ٿيو وڃون. ڇاڪاڻ جو انجي ۽ اسانجي وچ ۾ بحث مُباحثي جو ڪو امڪان ڪا اميد ئي ناهي.

اسين پلائيءَ جي فرشتي جي بہ ڳالهہ ٻڌندا آهيون. ۽ ڪانئس اهو سوال ڪندا آهيون تہ: " ان پلائيءَ جي پُڄاڻي آخر ڪاٿي ٿيڻي آهي؟" جواب اچي ٿو تہ: " نئين زندگيءَ تي."

پوءِ اسين اهو سوچيندا آهيون تہ: " زندگيءَ ۾ ڪجهہ اوکايون ۽ ڳاراٽا آهن. پر اهڙو ڪو مسئلو ناهي جنهنجو وقت سِر ڪو حل نہ ملي سگهي. سنئين راهہ تي هلندي اسانکي پنهنجي مِٽن مائٽن، پنهنجي اُستادن، پنهنجي اولاد لاءِ هڪ مثال بڻجڻ گهرجي. اسانجي چوڌاري موجود هر شخص اسان مان اها اميد رکي ٿو تہ اسين مشڪلاتن ۾ ثابت قدم رهڻ جو درس ڏيندا رهون."

پوءِ اسين پاڻ تي فخر محسوس ڪيون ٿا. پنهنجي ان ويساهہ کي ساراهيون ٿا. ۽ بجاءِ ان جي جو اسان ان ڏسا ۾ هلون جيڪو پاڳ اسان لاءِ چونڊيو آهي اسين ان پراٽي ڊَگَ تي اڳتي وڌن ٿا. جيڪو غلط آهي. قدرت جو گس صحيح گس آهي، جيڪو ريگستان ۾ واريءَ جي دڙن جيان لڳاتار متجندو رهي ٿو.

جيڪي اهو سمجهن ٿا تہ جَبَلَن ۾ مت ستِ نہ ٿي ٿئي، اهي غلط آهن. جبل زلزلن جي نتيجي ۾ پِڏرا ٿين ٿا. هوا ۽ پاڻيءَ ڪري اهي هوريان هوريان گاٺ ڪائيندا رهن ٿا. ۽ هر روز انهن ۾ ڪا نہ ڪا تبديلي ايندي رهي ٿي جيڪا اسين محسوس نہ ڪري سگهون.

جبل بہ ان مت ست تي بلهار ٿين ٿا. ۽ هڪٻئي کي اهو چوندا رهن ٿا تہ: " تبديلي سُٺو سنوڻ آهي."

جيڪي اهو سمجهن ٿا ته وٽن ۾ ته ڪا تبديلي ئي نه ٿي اچي، ته اهي پڻ غلط آهن. ڪين سياري جي مند ۾ بنا پنن جي ۽ آرهڙ ۾ پنن سان رهڻ واري عمل کي قبول ڪرڻو پوي ٿو. پکي ۽ هوا سندن ٻج پنهنجي اصلوڪي پوک واري جاءِ کان پري ڪنهن ٻئي هنڌ تي پهچائن ٿا ۽ ان ريت وڻ به پنهنجي اصلوڪي جاءِ مٿائيندا رهن ٿا، ۽ خوشيءَ وچان وڻ به اهو چون ٿا ته: " مون سوچيو ته آءٌ بس اڪيلو آهيان. پر هاڻ مون مان ٻيا به ڪيترائي وڻ ڦُٽي چڪا آهن."

قدرت اسانکي مٿ ستَ جو سنيهو ڏيندي رهي ٿي. جيڪي پاڳ تي ويساهه رکن ٿا، اهي پنهنجي ڊپ، اَويساهي، بهتان بازين ۽ ڌمڪين جي باوجود اڳتي وڌندا رهن ٿا. هو پنهنجي ذاتي تقاضائن ۽ فيصلن مان رَسڻ واري هاڃي کي به منهن ڏين ٿا. پنهنجي پيارن جون صلاحون به ٻڌن ٿا، جيڪي ڪين چون ٿا ته: " ائين ڇو ٿو ڪرين؟ تنهنجي ضرورت جي هرشئي تو وٽ موجود آهي، مٿن مائٽن جو پيار، زال، اولاد ۽ اهو هنر جيڪو سکڻ ۾ توکي ورهيه لڳي ويا. اوپرن جي ديس ۾ اوپرو ٻڻجڻ جو جوکم نه کڻ."

ان هوندي به، هو يا ته ذاتي چاهه منجهان يا پڪي پهه منجهان پهريون ڏاڪو چڙهڻ جو جوکم کڻن ٿا. پر ان جو ڪارڻ گهڻو ڪري اهو بي لغام مهم جوئي وارو جذبو ئي ٿئي ٿو. پنهنجي رستي جي هر موڙ تي هو سراپڇن به ٿين ٿا پر، ان هوندي به هو پاڻ کي ان لاءِ راضي ڪندا رهن ٿا ته هو مضبوط ۽ سَرَها آهن.

سَرهائي مڙني نعمتن مان هڪ اهم نعمت آهي. جيڪڏهن اسين سَرَها آهيون، ته ان جو مطلب اهو آهي ته اسين سنئين راهه تي آهيون. ڊپ به هوريان هوريان گهٽجندو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ جو ڊپ جو سبب ايترو اهم نه هو جيترو اسان انکي محسوس ڪيو ٿي.

پنهنجي منزل ڏانهن پهرين وِکَ وڌائڻ وقت هڪ سوال جنم وٺي ٿو ته: " ڇا منهنجو اهو تبديليءَ وارو فيصلو ڪنهن جي لاءِ ڏک ۽ تڪليف جو ڪارڻ بڻبو؟"

پر جڏهن توهان ڪنهن سان محبت ڪريو ٿا، ته توهان محبوب کي خوش ڏسڻ چاهيو ٿا. شروع ۾ توهان ڪانئس وڇوڙي کان ڊنل رهندئو. پر پوءِ، جلد توهانکي اهو ڏسي خوشيءَ جو احساس ٿيندو ته توهانجو محبوب اهو ئي ڳهري ٿو جيڪو اوهان ڪرڻ گهرو ٿا، ۽ هو اوهانکي پنهنجي خواب پوريان ويندو ڏسڻ چاهي ٿو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ اسان ۾ وڇوڙي ۽ درماندو ٿيڻ جو احساس پيدا ٿئي ٿو. پر سيلاني رستي ۾ ماٺهو ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن سان ملي ٿو جيڪي پڻ هن وانگي محسوس ڪن ٿا. پر جيئن ئي هو هڪٻئي سان ڳالهائڻ شروع ڪن ٿا ته ڪين احساس ٿئي ٿو ته هو اڪيلا ناهن: هو هڪٻئي جا سونهان بڻجيو پون ۽ سفر ۾ ايندڙ اوکاين جا حل هڪٻئي سان ونڊي وٺن ٿا. اهڙي نموني هو پاڻ کي اڳي کان وڌيڪ سياڻو ۽ زندگيءَ سان ڀرپور سمجهڻ لڳن ٿا.

ڏک ۽ پشيمانيءَ ڪري هُو پنهنجي خيمن ۾ سک سان سُمهي به نه سگهندا آهن. ۽ هو پاڻ سان ئي ڳالهائيندا رهندا آهن ته: ”سياڻي آءٌ پنهنجي سفر جي بي وِڪَ ڪٽندس. آءٌ پوئتي به هٽي سگهان ٿو. چاڪاڻ جو مونکي رستو به معلوم آهي. پر هڪ بي وِڪَ اڳتي وڌائڻ سان ڪو خاص فرق به نه پوندو.“

پوءِ آخر هڪ ڏينهن، بنا ڪنهن چتاءَ جي، اهو رستو سيلانيءَ جو امتحان وٺڻ ڇڏي ڏئي ٿو ۽ متس آسانيون پيدا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي ٿو ۽ سيلانيءَ جو مُنڌل روح رستي ۾ ايندڙ خوبصورت منظرن ۽ اوڪاين مان مزو ماڻڻ لڳي ٿو. ۽ ان وقت هر وِکَ جيڪا اڳ ۾ لاشعوري هئي، هاڻ شعوري بڻجيو پوي. ۽ پوءِ اها ئي ڳالهه ڏڍ ڏيڻ جي بجاءِ ڪيس نون اهنجن ڪي منهن ڏيڻ سيکاري ٿي.

سيلاني پنهنجو سفر جاري رکي ٿو. ۽ هاڻ هو چڙ جي دانهن ڪرڻ جي بجاءِ ٿڪاوٽ جي دانهن ڪري ٿو. پر ان وقت هو ڪجهه ساهي کٽي، پنهنجي چئوڦير جي نظارن مان مزو ماڻي وري اڳتي وڌي ٿو. بجاءِ انجي جو هو پنهنجي سڄي زندگي سندي ماڳ ڏانهن ويندڙ رستي کي تباهه ڪري، جنهن رستي تي هلڻ کان هو ڊنو ٿي، هاڻ هو ان رستي تي هلڻ ۾ سرهائي محسوس ڪري ٿو.

جيتوڻيڪ، سندس منزل جو ڪيس ڪو پتو ئي ناهي، ۽ ڪنهن وقت ڪانئس غلطيون به ٿين ٿيون، پر، خدا سندس همت ڏسي ڪيس صحيح ڏسا ڏانهن وڌائي ڇڏي ٿو.

هو رستي ۾ ايندڙ اوڪاين کان منجهي نه ٿو ڪيس صرف هڪئي ڳالهه سفر ۾ منجهائي ٿي ته انهن اوڪاين کي کهڙي ريت منهن ڏجي. هڪ پيرو جڏهن هو پنهنجي چونڊيل رستي تي هلڻ شروع ڪري ٿو ۽ ان رستي تي هلڻ کانسواءِ ڪيس ٻيو ڪو گسُ نظر ئي نه ٿو اچي ته ان صورت ۾ هو پنهنجي ارادي جي سگهه کان واقف ٿي وڃي ٿو ۽ آڏو ايندڙ هر رڪاوٽ سندس فيصلي جي آڏو تچ ٿي وڃي ٿي.

”اوڪائي“ هڪ قديم اوزار جو نالو آهي جيڪو خاص اسانکي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ناهيو ويو هو.

مذهبَ به اهو سيکارن ٿا ته عقيدي ۽ تبديليءَ جو عمل، اپاءُ ٺاهر جي ويجهو آڻين ٿا.

عقيدو اسانکي اهو سيکاري ٿو ته اسين اڪيلا ناهيون.

تبديليءَ جو عمل ڳُجهن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

جڏهن هر شئي اَڻ چٽي نظر اچي ٿي، ۽ اسين پاڻ کي دَرمَاندو محسوس ڪيون ٿا، تڏهن اسانکي پوئتي مُڙي پنهنجي روح ۾ ٿيندڙ مت ست کي ڏسڻ جي بجاءِ اسانکي اڳتي ڏسڻ گهرجي. سياڻي جيڪي ڪجهه ٿيڻ وارو آهي ان کان اسانکي سراپجڻ نه گهرجي، چاڪاڻ جو ڪالهه اسانکي ڪير ڏسي رهيو هو. ۽ سياڻي به انجي نظر اسان تي رهندي ۽ اهو ئي اسانکي مونجهارن ۽ پيڙائن ۾ سهارو ۽ انهن کي منهن

ڏيڻ لاءِ سگهه ڏيندو. اسين پنهنجي سوچ ڪان بہ اڳتي وڃي سگهون ٿا. اسين اها جاءِ بہ ڳولي سگهون ٿا جتان صبح جو پهريون تارو اُڀري ٿو. اتي پهچڻ ڪانپوءِ اسين ان اچرج ۾ پئجي ويندا سين تہ اتي پهچڻ ڪيڏو نہ آسان هو.

اڻ گهريو مهمان ”موت“ تہ انهن وٽ بہ پهچندو جيڪي پاڻ کي تبديل نہ ٿا ڪرڻ چاهن ۽ انهن وٽ بہ جن پنهنجي زندگي تبديل ڪري ڇڏي. پر، اهي جن پنهنجي زندگيءَ ۾ تبديلي آندي، ان وقت هو چئي سگهندا تہ: ” منهنجي زندگي دلچسپ هئي. ۽ مون نعمتن کي اجايو وڃڻ نہ ڏنو.“

۽ اهي جيڪي چون ٿا تہ مهم جويون ۽ تبديليون خطرناڪ آهن، تہ هو پنهنجي معمول سان هلندا رهن: اهوئي سندن ترت موت جو ڪارڻ بڻبو.

❋❋❋

ڪنهن پُڇيو ته:

”جڏهن آڏو ايندڙ هر شئي بڇڙي نظر اچڻ لڳي ته ان وقت پنهنجي سُرتِ سنڀالڻ جي ضرورت هوندي آهي. تنهنڪري اسانکي سُونهن بابت ڪجهه ٻڌايو.“

**هن** وراڻيو:

هميشه چيو ويندو آهي ته: ”ٻاهرين سونهن کان اندرين سونهن وڌيڪ اهم آهي.“

پر ائين ناهي. جيڪڏهن ائين هجي ها ته گُلَ بوٽا مَکين کي پاڻ ڏانهن ڇو ٽا ڇِڪين ها؟ ۽ مينهن جون ڪڻيون سج آڏو ٽيڙ ڪانڀوءِ پاڻ کي انڊلٺ ۾ ڇو ٿيون تبديل ڪن ها؟ قدرت جو دارومدار ٻه سونهن تي آهي. ٻاهرين سونهن اندرين سونهن جو ڏيک آهي، ۽ اها سونهن اسانجي اکين مان نڪرندڙ چمڪ مان پنهنجو اولڙو پيش ڪري ٿي. جيڪڏهن ڪنهن شخص کي تمام سادڙو لباس پهريل آهي ۽ هو اسانجي نزاڪت جي معيار تي پورو نه ٿو لهي، يا انکي ماڻهن کي متاثر ڪرڻ جو ڪو شوق ناهي ته اهو ڪو وڏو مسئلو ناهي. اکيون روح جو آئينو آهن ۽ هر ان شئي جو اولڙو ڏين ٿيون جيڪا اندر ۾ لڪل رهي ٿي؛ ۽، هڪ آئيني وانگي انهن منجهه جهاتي پائڻ واري کي پڻ سندس اولڙو ڏين ٿيون. تنهنڪري، جيڪڏهن ڪنهن جي اکين ۾ جهاتي پائڻ واري شخص پاڻ اندرَ ڪارو آهي، ته کيس پنهنجي غليظ وجود جوئي اولڙو نظر ايندو.

ڪائنات جي هر تخليق ۾ سونهن موجود آهي، پر خطرناڪ حقيقت اها آهي ته، اسين انسانذات گهڻو ڪري روحانيت کان ڪٽجيو وڃون، ۽ پاڻ کي ٻين ماڻهن جي سوچ جي تابع ڪريو ڇڏيون. اسين پنهنجي اندرين سونهن جا انڪاري ٿيڄيو ٽا پئون، چاڪاڻ جو ٻيا ان سونهن جا نه ئي قائل ٿيڄي سگهندا آهن نه ئي ٿيڄڻ چاهيندا آهن. بجاءِ ان جي جو اسين پاڻ کي جيئڻ جو تيئڻ مڃي وٺون، اسين اهو سڀ ڪجهه اپنائڻ لڳندا آهيون جيڪو اسين پنهنجي چوڌاري ڏسي رهيا هوندا آهيون. اسين پاڻ کي ٻين ماڻهن جي سونهن بابت نظريي مطابق ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، ۽ اهڙي نموني هوريان

هوريان اسانجو روح لڙاتجڻ لڳندو آهي ۽ اسانجا ارادا ڪمزور ٿيڻ لڳندا آهن. ۽ اسانجي اها توانائي جيڪا دنيا کي وڏيڪ خوبصورت بڻائڻ جي ڪم اچي ها، تنهن جو انت ٿيڻ لڳندو آهي.

اسين اهو وساري ويهون ٿا تہ هيءَ دنيا ائين ئي ٿي پوي جيئن اسان ان کي تصور ڪيون ٿا. چانڊوڪي ٻڌجڻ جي بجاءِ اسين پاڻ انکي اولڙو ڏيڻ وارو پاڻيءَ جو تلاءُ ٻڌجي پوندا آهيون. جنهن ۾ ٻئي ڏينهن سج جي تِک تي پاڻي سُڪيو وڃي. ۽ اهو سڀ ڪجهہ صرف ان ڪري ٿيو جو ڪنهن اسانکي چيو تہ: "تون بدصورت آهين." يا "هوءَ خوبصورت آهي." بس انهن ٽن لفظن سان هُنن توهانجو پاڻ تي ويساهہ ختم ڪري ڇڏيو. ۽ اسين بدصورت ۽ سخت مزاج ٻڌجي وياسين.

اهڙي صرتحال ۾، اسين هٿ ٺوڪي ڏاهپ مان پاڻ کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. بجاءِ زندگيءِ جي ڳُجهن کي سمجهڻ جي، ماڻهو اها ئي هٿ ٺوڪي ڏاهپ جيڪا سندن ئي گهڙيل هوندي آهي دنيا کي سمجهڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. اها ڏاهپ مڙوئي ردي قائدن، قانونن ۽ پيمانن تي ٻڌل معياري رويا قائم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪئي وڃي ٿي. ان بناوتي ڏاهپ جي مطابق اسانکي خوبصورتيءَ جو ايترو مائل نہ هجڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو اها صرف هڪ پسجندڙ لقاءُ/ ڏيکاءُ ۽ گهڙي پل جي وٿ آهي. پر ائين نہ آهي. دنيا جي هر شئي، پکين کان جبلن تائين، گُل ٻُوٽن کان ندين تائين، قدرت جي معجزن جو ڏيک ڏئي ٿي.

جيڪڏهن اسين ٻين کان پنهنجي واڪاڻ ٻڌڻ واري اُنَ نفساني هبچ تي ضبط ڪيون تہ هوريان هوريان اسان جو روح سج جيان روشن ٿي ويندو. تنهن کانپوءِ جيڪر محبت اسانجي ويجهو گذري بہ تہ چوندي، "منهنجو ڏيان الائي ڇو اڳ ڪڏهن بہ تو ڏانهن نہ ويو."

روح وراڻيندو، "هوش کان ڪم وٺ آءٌ هت ئي آهيان. هاڻ جيڪڏهن هوا جي هڪ گهوگهٽ تنهنجي اکين تان ڌنڌ لاٿو آهي ۽ تو مونکي سجاتو آهي تہ هاڻ مونکي ائين هيڪلو نہ ڇڏجانءِ ڇاڪاڻ جو اسين سڀ خوبصورتيءَ جا خواهشمند آهيون."

خوبصورتي هڪجهڙائيءَ ۾ نہ پر مت ست ۾ آهي. ڪڏهن ڪنهن ڊگهي ڳچيءَ بنا زراف يا بنا ڪرنگهي جي ٿوهر جو تصور ڪيو آهي؟ اسانجي چئوڌس جبلن جي چوٽين جي هينائين ۽ متائين ئي انهن کي ڏسڻ وٽان بڻايو آهي. جيڪڏهن اهي هموار هجن ها تہ شايد انهن کي ڪير بہ نہ ڏسي ها. اهو "نُقص" ئي آهي جيڪو اچرج ۾ بہ وجهي ٿو ۽ پاڻ ڏانهن ڇِڪي بہ ٿو.

جڏهن اسين ديال جي وڻ کي ڏسندا آهيون تہ اسين اهو نہ سوچيندا آهيون تہ، "ان جون ٽاريون هڪ ٻئي ماپ جون هجڻ گهرجن." اسين اهو سوچيندا آهيون تہ، " هي وڻ ڪيڏو نہ مضبوط آهي."

جڏهن اسين نانگ ڏسندا آهيون تہ اسين اهو نہ چوندا آهيون تہ ” هي نانگ ريڙهيون پائيندو رهي ٿو جڏهن تہ آءُ پنهنجو ڪنڌ اوچو ڪيو هلندو وتندو آهيان.“ پر اسين اهو سوچيندا آهيون تہ ” هي نانگ پلي ڪٽي ننڍو آهي، پر ان جي چمڙي ڪيڏين نہ رنگا رنگي آهي، ۽ ان جي چال بہ ڪيڏي نہ موهيندڙ آهي، ۽ هي مون کان وڌيڪ طاقتور پڻ آهي.“

ريگستان لتاڙيندي جڏهن اُٺ اسانکي پنهنجي منزل تي پهچائيندو آهي تہ اسين اهو ڪڏهن بہ نہ چوندا آهيون تہ ” هي اُٺ ڪُبو آهي ۽ ڪيس غليظ ڏند آهن.“ پر اسين اهو سوچيندا آهيون تہ ” هي اُٺ وفاداريءَ ۽ سهڪار پٽاندڙ مون مان بہ اهو ئي ڪجهہ لَهِٽي. هن کان سواءِ آءُ سير سفر ڪرڻ جهڙو ئي نہ هئس.“

سج لٿي جو منظر هميشہ تڏهن وڌيڪ من موهيندڙ لڳندو آهي جڏهن سج گهاٽن ڇڊن ڪڪرن سان ڍڪيل هوندو آهي، ڇاڪاڻ ان وقت ئي ان منظر مان ڪيترن ئي رنگن جا اولڙا اپرندا آهن، جن مان خوابَ ۽ شاعري جنم وٺندا آهن.

ڪهَلَ ايندي آهي انهن تي جيڪي اهو سوچيندا آهن تہ ” آءُ خوبصورت ناهيان. اهو ئي سبب آهي جو محبت اڄ تائين منهنجو دروازو نہ کڙڪايو آهي.“ حقيقت تہ اها آهي تہ محبت انهن جو دروازو بہ کڙڪايو هوندو آهي، پر ان وقت محبت کي پليڪار ڪرڻ لاءِ هو تيار ئي نہ هوندا آهن. هو پاڻ کي پهريائين خوبصورت بڻائڻ ۾ مصروف هوندا آهن، جڏهن تہ حقيقت ۾ هو پنهنجي اصل حالت ۾ ئي چڱا لڳندا آهن. جڏهن محبت ڪنهن فطري شئي جي ڳولا ۾ هوندي آهي تنهن وقت هو ٻين جهڙو بڻجڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هوندا آهن. هو هٿ ٺوڪي سونهن جو اولڙو ڏيڻ جي ڪوشش ۾ رُڌَلَ هوندا آهن، ۽ ڪائنات اهو وسري ويندو آهي تہ اها چمڪاٽ ڪندڙ روشني تہ اندر ۾ اڳ ئي موجود آهي.

❊❊❊

هڪ نوجوان جنهن کي ان رات شهر ڇڏي وڃڻو هو،

تنهن چيو: ”مونکي خبر ناهي ته آءٌ ڪهڙي ڏسا ۾ وڃان.“

***قبطيءَ*** ڪيس وراڻيو:

سچ وانگي، زندگي بہ پنهنجي روشنيءَ جا ڪرڻا چوڌس پکيڙيندي آهي.

جنم کانپوءِ، اسين هڪ ئي مهل هر شئي حاصل ڪرڻ جا پور پچار ڪندا آهيون ۽ ان هيچ کي پنهنجي هٿ وس نہ ڪري سگهندا آهيون.

پر، باهه پارڻ لاءِ اسانکي سچ جي مڙني ڪرڻن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻو پوندو آهي. ۽ روحاني قوت جو اهو وڏي ۾ وڏو ڳجهه جيڪو دنيا تي وائکو ٿيو اهاباهه ئي آهي. اها باهه صرف ساڙڻ لاءِ ناهي پر اها اَن کي پوڄڻ ۾ تبديل پڻ ڪري ٿي.

۽ پوءِ اها گهڙي اچي ٿي جڏهن اسانکي پنهنجي اندر جي باهه تي ويچار ڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي تہ جيئن اسانجي زندگيءَ کي ڪا معنيٰ ملي سگهي. پوءِ اسين قدرت کان اهو سوال ڪيون ٿا تہ ”آخر ڪهڙي معنيٰ؟“

اسان مان ڪي اهو سوال ترت وساريو ڇڏين: اهو سوچيندي تہ اهو تہ مونجهاري وارو سوال آهي، ۽ اهو سوال ننڊون حرام ڪريو ڇڏي، ڇاڪاڻ جو ان جو جواب ڪو ايترو آسان ناهي. اِهي تہ اُهي آهن جيڪي پوءِ پنهنجي سڄي جمار ائين ئي گهاريندا آهن جيئن اڳ گذاريندا ٿي آيا. ۽ پوءِ جڏهن اُهو اڻ گهريو مهمان(موت) اچي متن ڪڙڪندو آهي، تنهن وقت هو چوندا آهن تہ: ”منهنجي زندگي تہ تمام مختصر هئي ۽ مون نعمتن کان منهن موڙي ڇڏيو هو.“

ٻيا وري ان سوال کي سيني سان لايو ڇڏين. پر ڇاڪاڻ جو هو ان جو جواب ڪونه ڄاڻن، تنهنڪري هو اُنهن جي لکتن جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪيو ڇڏين جن اڳ ۾ ان سوال جي جواب جي ڳولا دوران ايندڙ اوکاين سان مهاڏو اٽڪايو هو. سِگهو ئي ڪين جواب مليو وڃي جيڪو سندن حساب ۾ صحيح جواب هوندو آهي. جڏهن ائين ٿيندو آهي ته ان وقت هو ان جواب جا ٻانديڪ ٿيو پون. ۽ هو زندگيءَ جي مقصد بابت پنهنجي اڏيل انهن خيالي مفروضن تي ٻين کي به يقين ڪرڻ لاءِ زور ڀريندا رهن ٿا ۽ ثابتيون ڏيڻ لاءِ پنهنجا ئي خيالي محل اڏيندا وتن ٿا ۽ اهي جيڪي سندن انهن خيالي مفروضن جو انڪار ڪن ٿا، تن کي سهمت ڪرڻ لاءِ هو پنهنجون ئي پنچائتون جوڙيندا وتن ٿا.

آخر ۾، هڪڙا وري اهڙا ماڻهو ٿين ٿا جيڪي ان سوال کي هڪ ڪوڙڪي سمجهن ٿا: ڇاڪاڻ جو ان جو ڪو جواب ئي ناهي. وقت ضايع ڪرڻ ۽ ان ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسڻ جي بجاءِ هو اڳتي وڌڻ جو فيصلو ڪن ٿا. پنهنجي نٽيڻ جي يادگيرين مان پنهنجي وڏڙن جي نصيحتن کي وساريندي هو صرف اُتساهيندڙ ڳالهين کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڇاڪاڻ جو "اُتساهه" هڪ مُقدس ٻاهه آهي.

هوريان هوريان هو اهو لهي وٺن ٿا ته سندن ڪارگُذاريون هڪ ڳُجهي جذبي سان ڳانڍاپي ۾ آهن جيڪو انساني علم کان مٿانهون آهي. ۽ هو احترام خاطر ان ڳُجهي جذبي جي آڏو پنهنجو سِر نوايو ڇڏين ٿا ۽ سنئين راهه تان ٿڪڻ بچاءِ لاءِ دعائون پڙهندا رهن ٿا. اُهو سڌو رستو جيڪو هنن سندن سينن ۾ ڌڙڪندڙ اُلي ڪارڻ چونڊيو هو. ضرورت جي وقت ۾ هو پنهنجي انترگيان/الهام جو استعمال ڪن ٿا، ۽ جنهن وقت ڪين سندن انترگيان به ڪم نه ٿو اچي ان وقت هو مصلحت وارو رستو اختيار ڪن ٿا. هو ڏسڻ ۾ بيوقوف لڳندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن بيوقوفيون ڪندا به آهن. پر حقيقت ۾ هو بيوقوف ناهن هوندا. ڪين سچي محبت ۽ ارادي جي قوت حاصل ٿي چڪي هوندي آهي. ۽ اهي ٻئي شيون ڪين سندن مقصد ۽ صحيح ڏسا ڏيکارين ٿيون. سندن ارادي جي قوت مضبوط، سندن محبت پوتر ۽ قدم آڏول ٿين ٿا. اوڪاين ويل ڪين اهو ڪڏهن به نه ٿو وسري ته،" آءٌ ته بس هڪ ذريعو آهيان. ۽ مونکي هڪ ذريعو ئي رهڻ ڏنو وڃي جيڪو خدا جي مرضيءَ مطابق ڪم ڪري ٿو." هنن پنهنجو رستو ته چونڊي ڇڏيو آهي، پر ڪين سندن منزل جي خبر شايد تڏهن پوي جڏهن اڻ گهريو مهمان (موت) سندن سامهون اچي وڃي. جيڪو ٻلهارپ مان اڳتي وڌندو رهي ٿو ۽ زندگيءَ جي ڳُجهن کي پنهنجو رهبر ٻڻائي ٿو ان جي لاءِ اهو ئي بهترين رستو آهي، اهو ئي رستو خوبصورت به آهي ۽ آسان به.

ڪو به مقصد وڏو به ٿي سگهي ٿو ۽ ننڍو به. ڏور به ٿي سگهي ٿو ۽ اوڏو به. پر هو ان جي ڳولا ۾ مانَ ۽ شانَ سان نڪريو پون. ڪين هر وِڪ تي ڪيل ڪوشش، مشقَ ۽ تڪليفن جي قيمت جو اندازو رهي ٿو.

سندن ڏيان صرف منزل تائين پهچڻ ڏانهن نه هوندو آهي، پر ان دوران پيش ايندڙ هر واقعي

ڪان بہ هو واقف رهن ٿا. همت جي جواب ڏيڻ جي صورت ۾ ڪين ڪيئي پيرا رڪٽو بہ پوي ٿو. پر ان موقعي تي، محبت سندن آڏو اچي ڪين چوي ٿي تہ،"اوهانجي خيال ۾ تہ، اوهان هڪ مخصوص منزل ڏانهن وڌي رهيا آهيو پر اوهانجي منزل جي موجودگيءَ جو حقيقي اندازو اوهانجي ان منزل ڏانهن وڌڻ جي چاهَ تي آهي. ٿورو آرام ڪريو پر جيترو جلد ٿي سگهي اُتو ۽ پنهنجو سفر جاري رکو. چاڪاڻ جو جيئن ئي اوهانجي منزل ڪي اهو اندازو ٿيو تہ اوهان ان ڏانهن وڌي رهيا آهيو تہ اها منزل پڻ اوهان سان ملڻ لاءِ آتي ٿي پوندي هوندي."

اُهي جيڪي ان سوال کان پنهنجو منهن ئي موڙي ٿا ڇڏن، ۽ اهي جيڪي ان جو جواب ڄاڻن ٿا، ۽ اهي جيڪي اهو سمجهن ٿا تہ ان سوال کي ڪجهہ ڪري ڏيڪارڻ سان ئي حل ڪري سگهجي ٿو انهن سيني کي هڪ جهڙين ئي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوندو آهي ۽ ڪين خوش بہ هڪ جهڙيون شيون ڪري سگهن ٿيون. پر صرف اهو شخص ئي ڄاڻي ٿو تہ هو صحيح رستي تي سفر ڪري رهيو آهي جيڪو اپاٽهار جي راضپي کي نهنائيءَ ۽ همت سان قبول ڪري وٺي ٿو.

***

هڪ عورت جيڪا اڌ وهيءَ جي لڳي ٿي

۽ اڃا تائين ڪيس وَرُ نه مليو سگهيو هو، تنهن چيو :" محبت هميشه مونکي نظر انداز ڪندي رهي آهي."

**قبطيءَ** ڪيس وراڻيو:

محبت جا ٻول ٻڌڻ لاءِ، توهانکي محبت کي پاڻ وٽ اچڻ جي اجازت ڏيڻي پوندي. پر پوءِ جيئن اها ويجهو اچي ٿي تنهن وقت اسين تورو سراپجي ٿا وڃون تہ متان ڪجهہ ٿيئي نہ وڃي، ڇاڪاڻ جو محبت تہ آزاد آهي ۽ اها اسانجي مرضيءَ مطابق تہ نہ ٿي هلي.

سمورا عاشقَ ان ڳالهہ کان واقف آهن، پر ان حقيقت کي قبول ڪرڻ کان انڪاري آهن. سندن سوچ اها آهي تہ هو محبت کي طاقت، حسن، دولت، لُڙڪن ۽ مُشڪُن سان ڏُتاري سگهن ٿا. جڏهن تہ سچي محبت اها آهي جيڪا خود ڏُتاريندي آهي ۽ ٻين کي ڏُتارڻ جو موقعو ناهي ڏيندي.

محبت هر شئي کي تبديل ڪريو ڇڏي، زخم پريو ڇڏي. پر، ڪڏهن وري اهڙن ماڻهن کي پنهنجي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسايو تباهہ ڪريو ڇڏي جيڪي پنهنجو تَن مَن مڪمل طور تي ان جي حوالي ڪريو ڇڏين. هڪ اهڙي قوت جيڪا پوري ڪائنات جو نظام هلائي رهي آهي، اُها هڪ ئي وقت ۾ خالق ۽ غارتگر ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟

اسين ونڻ جي بدلي ڏيڻ واري وهنوار جا عادي ٿي چڪا آهيون، اُهي جن جو وَڙُ محبت جي بدلي محبت آهي سَي حقيقت ۾ پنهنجو وقت ضايع ڪري رهيا آهن.

محبت ڏي وٺ نہ پر هڪ عقيدو آهي. انڪار محبت جي واڌ ويجهہ ڪري ٿو ۽ تڪرار محبت کي اوهانجي طرف مائل رهڻ ۾ مدد ڪري ٿو. " مونکي تو سان محبت آهي" جهڙا اَمُلهہ لفظ دل ۾ سانڍي رکڻ لاءِ هيءَ حياتي تمام مختصر آهي. پر موت ۾ ساڳيا لفظَ ٻڌڻ جي اميد نہ رکڻ گهُرجي. اسين محبت ڪيون ٿا ڇاڪاڻ جو محبت ڪرڻ اسانجي ضرورت آهي. جي ائين نہ هجي تہ پوءِ محبت پنهنجو قدر وڃائي ويهندي ۽ سج روشني ڏيڻ ڇڏي ڏيندو.

هڪ گُلاب جي گُل کي ماکيءَ جي مکن سان گڏ رهڻ ۾ ئي لُطف ملندو آهي، پر جيڪڏهن ڪا ماکيءَ جي مک وٽس نہ ٿي اچي تہ ان ويلي سج ڪائنس سوال ڪري ٿو تہ." تون مَکن جي

انتظار ۾ ٿڪجين نه ٿو؟“ ۽ گلاب جو گُل وراڻي ٿو ته. ” ها! ٿڪجان ٿو پر. جيڪڏهن آءُ پنهنجون پنکڙيون بند ڪيان ته آءُ ڪُومائجي ختم ٿي ويندس.“ ساڳئي ئي نموني, جڏهن محبت اسان وٽ نه هوندي آهي تڏهن اسين ان جي انتظار ۾ رهندا آهيون. ڪڏهن ته ائين لڳندو آهي ته هيڪلائي هر شئي کي تباهه ڪري ڇڏيندي, پر ان پيچ ڏاهه کان بچڻ جو هڪڙو ئي رستو محبت کي جاري رکڻ جو رستو آهي.

زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو مقصد محبت ڪرڻ آهي. ان کان علاوه ٻي ڪابه شئي ناهي. محبت ڪرڻ اسانجي ضرورت آهي, پوءِ پلي اها اسانکي هڪ اهڙي ڏيهه ۾ وٺي وڃي جتي ڏنڊون ۽ لڙڪن سان پريل هجن – اها ڳجهي جاءِ لڙڪن جو ڏيهه آهي!
لڙڪ پاڻمرادو ڳالهائيندا رهن ٿا. جڏهن اسين اهو محسوس ڪري وٺون ٿا ته اسان جام روئي ورتو آهي, ان حالت ۾ به لڙڪ ايندا رهن ٿا. ۽ ان وقت جڏهن اسانکي ان ڳالهه جو يقين ٿي وڃي ٿو ته, اسانجي زندگيءَ کي ڏکن جي ماترين مان ڊگهو پنڌ ڪرڻو آهي, ان وقت اوچتو لڙڪ وهڻ بند ٿيو پون. ۽ اسان پيڙائن جي هوندي به پنهنجي دل کي ان ڳالهه تي آماده ڪري ڇڏيون ٿا. چاڪاڻ جو اسانکي اهو احساس ٿي ويندو آهي ته جيڪو شخص اسانکي هيڪلو ڪري ويو اهو پاڻ سان گڏ سج جي روشني ته نه کڻي ويو. هو بس هليو ويو ۽ هر موڪلاڻيءَ سان گڏ هڪ لِڪل اُميد جنم وٺي ٿي.
محبت نه ڪرڻ کان محبت ڪرڻ ۽ پوءِ اها وڃائڻ ئي بهتر آهي.

اسانجو هڪ صحيح انتخاب اُن اَڄاڻ قوتَ جي ڳُجَهه ۾ داخل ٿيڻ آهي. ڪنهن وقت اهو به چيو ويندو آهي ته. ” مون اڳ ۾ ئي ايڏا ڏک ڏاڪڙا ڏٺا آهن. ۽ آءُ ڄاڻان ٿو ته اهي ختم ٿيڻ وارا ناهن.“ ۽ تنهن ڪانپوءِ اسين محبت کي الوداع ڪري ٿا ڇڏيون. پر ان صورت ۾ اسين هڪ زنده لاش بڻجي ٿا پئون.
فطرتَ خدا پاڪَ جي محبت جو ڏيک آهي. اسانجو ڪهڙو به وهنوار هجي پر فطرت اسان سان محبت جاري رکي ٿي. تنهنڪري, اچو ته فطرتَ جي سَبَق کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون.
اسين محبت انڪري ڪيون ٿا جو اها اسانکي آزاديءَ سان اهو ڪجهه چوڻ جي همت ڏئي ٿي جيڪو اسين ڪڏهن پنهنجي منهن پاڻ کي نه چئي سگهيا آهيون.
محبت ۾ اسين اهي فيصلا ڪيون ٿا جنهن کان لنوائيندا ٿي آياسين.
اسين ”نَهَڪَارَ“ ڪيون ٿا, اهو سوچڻ جي بغير ته اهو هڪ منحوس لفظ آهي.
اسين نتيجي جي ڄاڻ بنا ”هائو“ ڪرڻ لڳون ٿا.
اسين محبت بابت پڙايل هر سبق وسارڻ لڳون ٿا. ڇاڪاڻ جو هر پيري مختلف نتيجا پنهنجون پوڳنائون ۽ موجون ساڻ ڪيو اچن ٿا.

پلي ڪٽي محبوب اسان جي ڳائڻ ۽ سرہاتن تي ڌيان نہ ٻہ ڌري پر پڇ ۽ بہ جڏهن محبوب پري هجي ٿو تہ اسين تيز آواز ۾ ڳائيندا رهون ٿا ۽ جڏهن هو ويجهو هجي ٿو تہ اسين سرہاٽ ڪندا رهون ٿا.

ڪائنات لاءِ پنهنجون اکيون بند ڪري اسين اها شڪايت بہ نہ ڪندا آهيون تہ، ” اها اونداهي آهي.“ پر اسين پنهنجيون اکيون ان روشنيءَ ڪي پَسَڻَ لاء کُليون رکندا آهيون جيڪا اسانڪي اهي ڪارناما ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي جن جو اسان ڪڏهن تصور بہ نہ ڪيو هو. اهو سڀ ڪجهه محبت جو حصو آهي. اسانجي دل محبت لاءِ آتي هوندي آهي، ۽ اسين پاڻ ڪي ٻي اونا تي ان جي حوالي ڪريو ڇڏيندا آهيون. چاڪاڻ جو اسان وٽ ڪجهه وڃائڻ لاءِ باقي ناهي هوندو.

پوءِ اسين گهر موٽندا آهيون جتي ڪير ساڳن ئي اُڏمن ۽ پوڳنائڻ ڪي منهن ڏيندي اسانجو منتظر هوندو آهي.

چاڪاڻ جو محبت ان پاٽيءَ جيان آهي جيڪو پاڻ ڪي ڪڪرن ۾ تبديل ڪري آسمانن ڏانهن نِيو وڃي ٿو جتان هو هر ڏورانهين شئي ڪي ڏسي سگهي ٿو اهو ياد رهي تہ هڪ ڏينهن ان پاٽيءَ ڪي زمين ڏانهن واپس ورٽو هوندو آهي.

محبت بہ ان ڪڪرَ وانگي آهي جيڪو مِينهَن ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو ۽ ان ڪي واپس زمين ڏانهن موٽي زمين تي سُڪار آڻٽو هوندو آهي.

محبت تيسيتائين صرف هڪ لفظ ئي رهي ٿي جيسيتائين اسين انکي سندس نيڪ نيت سان قبول نہ ڪيون.

محبت تيسيتائين صرف هڪ لفظ ئي رهي ٿي جيسيتائين ڪو اچي ان ڪي ڪا معني نہ ڏئي.

ياد رکو تہ ڪُنجين جي ڇُڳي ۾ هميشہ آخري ڪُنجي ئي دروازو کوليندي آهي. تنهنڪري ڪڏهن بہ هارَ نہ مڃڻ گهرجي.

❋❋❋

هجوم مان هڪ نوجوان اختلاف ڪندي چيو :

” تو هان جون ڳالهيون پليون آهن، پر حقيقت اها آهي ته اسان وٽ ٻيو ڪو رستو ناهي. اسانجي قسمت بابت اسانجي زندگي ۽ علائقي جي ماڻهن اڳ ۾ ئي رٿابندي ڪري ڇڏي آهي.“

هڪ پوڙهي پنهنجي راءِ شامل ڪندي چيو ته ”آءُ به ماضيءَ ۾ گهاريل گهڙين کي واپس نه ٿو وٺي اچي سگهان.“

***قبطيءَ*** وراڻيو:

جيڪي ڪجهه به آءُ چئي رهيو آهيان، تي سگهي ٿو ته حملي واري رات ۾ اهو سڀ ڪجهه بي فائدو هجي. پر تنهن هوندي به منهنجي لفظن تي ڌيان ڏيو ته جيئن هڪ ڏينهن هر ڪنهن کي يروشلم ۾ اسانجي رهڻي ڪهڻيءَ بابت اندازو ٿي سگهي.

ٿوري سوچ ويچار ڪانپوءِ قبطيءَ پنهنجي ڳالهه جاري رکي:

اسان مان ڪو به هاڻ پڪ نه ٿو چئي سگهي، هر ڪنهن کي اڳتي ئي وڌڻو آهي. ۽ سياڻي جو سج اُڀرندي ئي اوهانکي پاڻ سان هڪ ڳالهه ڪرڻي آهي ته: اچوڪي ڏينهن کي آءُ پنهنجي زندگيءَ جو پهريون ڏينهن سمجهي گذاريندس.

اُن ڏينهن شايد آءُ پنهنجي ڪُٽنب جي ياتين کي اچرج ۽ پاپوه منجهان پاڻ سان گڏ ڏسي خوش ٿيان، ۽ خاموشيءَ سان اها شئي جنهن بابت ڳالهايو گهٽو ۽ سمجهيو گهٽ ويجي ٿو ساڻن وندياں جنهن کي محبت سڏجي ٿو.

اُن ڏينهن شايد آءُ زمين تي نظر ايندڙ پهرين سواريءَ ۾ سوار ٿي پوان، اهو پڇڻ بنا ئي ته اها ڪيڏانهن پئي وڃي. ۽ آءُ ان سواريءَ مان ان وقت لهي پوان جنهن وقت مونکي ڪا دلچسپ شئي نظر اچي وڃي.

اُن ڏينهن شايد آءُ هڪ پينوءَ جي پر مان گذران جيڪو مونکان خيرات گهري، پوءِ تي سگهي ٿو آءُ ڪيس خيرات ڏيان ۽ اهو به تي سگهي ٿو ته آءُ سندس پر مان اهو سوچيندي گذري وڃان ته خيرات جا پئسا ته هي شراب پيئڻ تي خرچ ڪري ڇڏيندو ان دوران تي سگهي ٿو ته آءُ خيرات نه ڏيڻ سبب سندس پاراتا به ٻُڌان ۽ اهو ڌيان ڪري اڳتي نڪري وڃان ته اها ته سندس عادت آهي.

اُن ڏينهن شايد آءُ ڪنهن اهڙي شخص کي ڏسان جيڪو ڪنهن ڪُڏي ڪمَ ڪرڻ جي

ڪوشش ۾ هجي، ۽ تي سگهي ٿو آءٌ ڪيس اهو ڪرڻ کان روڪيان به يا ٿي سگهي ٿو منهنجي ذهن ۾ اهو خيال اچي ته هو اهو انڪري ڪري رهيو آهي جو پويان ڪير به سندس انتظار ڪرڻ وارو ناهي. ٿي سگهي ٿو ان سبب ڪري ئي هو پنهنجي هيڪلائيءَ ۾ وندر سمجهي اهو سڀ ڪجهه ڪندو هجي.

اُن ڏينهن شايد آءٌ هر ڪنهن ڏانهن ۽ هر شئي ڏانهن ائين تڪيان جيئن پهريون ڀيرو تَڪي رهيو هجان، خاص ڪري اهڙين ننڍڙين ۽ عجيب شين کي جن سان گڏ منهنجو ننڍپڻ گذريو. جيئن ريگستان جي واريءَ جا ذرڙا، جيڪي ڪنهن اهڙي قوت هيٺ حرڪت ۾ اچن ٿا جيڪا منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي، چاڪاڻ جو جنهن هوا جي زور تي اهي ذرڙا حرڪت ۾ اچن ٿا انکي ڏسڻ جي مونکي سگهه ئي ناهي.

اُن ڏينهن شايد آءٌ ڪجهه اهڙيون اڻوسرندڙ ڳالهيون جيڪي آءٌ هميشه وانگي پاڻ سان گڏ چمڙي جي ٽُڪري تي لکندو ويندو هئس، پر هاڻ ان تي لکڻ جي بجاءِ انهن کي شاعريءَ جي صورت ڏيان. ڀلي مون اڳ ڪڏهن به شاعري نه ڪئي هجي ۽ نه ئي آئنده ڪيان ، پر گهٽ ۾ گهٽ آءٌ اهو ته چئي سگهندس ته مون پنهنجي احساسن کي لفظن جي صورت ڏني.

اُن ڏينهن شايد آءٌ ڪنهن اهڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ پهچان جنهن کان آءٌ اڳ ۾ ئي سُونهون هجان پر ان ڏينهن ان ڳوٺ ۾ ڪنهن ٻئي ڳَس کان مرڪندي داخل ٿيان. ۽ ڳوٺ جا رهواسي مونکي ڏسي چون ته: ” جنگ جي تباهيءَ اسانجي ڳوٺ جي زمين کي بنجر ڪري ڇڏيو آهي پر هي ته ڪو پاڳل آهي جو مرڪندو ٿو وتي.“

پر تنهن هوندي به آءٌ مشڪندو رهندس، چاڪاڻ جو مونکي خوشي ٿيندي آهي جڏهن مونکي ڪير پاڳل سمجهندو آهي. منهنجي مرڪ اِهو بيان ڪري ٿي ته، ” منهنجي جسم کي ته تباهه ڪري سگهجي ٿو پر منهنجي روح کي نه.“

اُنَ رات شهر ڇڏڻ کان پهريان آءٌ پنهنجو وقت ڪجهه اهڙين ڳالهين ۽ مونجهارن کي حل ڪرڻ ۾ گهاريندس جن کي حل ڪرڻ لاءِ مون اڳ ڪڏهن به همت نه ڪئي. انهن ڳالهين ۾ مونکي پنهنجو ماضي ملي ويندو. اُهي سڀ خَطَ چنيون، رسيدون وغيره منهنجي آڏو اچي منهنجي ماضيءَ ۽ مستقبل جا عجيب قصا، دنيا بابت مُختلف احوال، اُهي ڀيچرا جن تي مون سفر ڪيو منهنجي زندگيءَ جا سڀ اندر داخل ٿيڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ وارا رستا مون سان اوريندين.

آءٌ اُها قميص پهريندس جيڪا اڳ ۾ گهٽو پهريندو هئس، پر پهريون ڀيرو آءٌ اها ڳالهه پنهنجي مُشاهدي ۾ آڻيندس ته اِها ڪيئن ٺهي، ۽ انهن هٿڙن جي بابت سوچيندس جن ڪپهه جي اُٽَت ڪري ڪپڙو ناهيو ۽ اُن نديءَ جو تصوُر پڻ ڪندس جنهن جي پر ۾ ڦُٽين جي پوک ٿي. تنهن ڪانپوءِ مونکي اها ڳالهه سمجهه ۾ ايندي اهي سڀ شيون جيڪي هاڻي نظر نه ٿيون اچن اهي اُن قميص جو حصو آهن.

اُهي شيون پڻ جن جو آءٌ هيراڪُ ٻڌجي چڪو آهيان، جيئن، منهنجو جوتو جنهن جي

گهٽي استعمال ڪري هاڻ اهو منهنجي پيرن جو حصو بڻجي چُڪو آهي، اهو پڻ پنهنجي دريافت جي ڳُجهن ۾ وڪوڙجي ويندو. هاڻ چاڪاڻ جو آءٌ مُستقبل ڏانهن وڌي رهيو آهيان تہ منهنجي اُن جوتي تي آڱرين جا نشانَ مونکي پنهنجي ماضيءَ ڏانهن وٺي ويندا.

ڪاش! هر اها شئي جيڪا پنهنجي نوعيت ۾ تہ ساڳي هجي پر ڇُهَڻ ۾ ڏسڻ ۾ مُختلف تي پوي. ان سان اهي سڀ شيون مون لاءِ نيون تي پونديون. ۽ ڪجھ وقت ڪان مون سان هجڻ جو سبب بيان ڪرڻ جي بجاءِ اُهي مون لاءِ اهڙن احساسن جا مُعجزا آڻينديون جيڪي منهنجي روز مره جي زندگيءَ ۾ ڪا رنڊڪ نہ آڻين.

آءٌ اها چانهہ پيئندس جيڪا مون اڳ ڪڏهن نہ پيتي، چاڪاڻ جو ماڻهو چوندا هئا تہ ان جو ذائقو تمام ڪوڙو آهي. آءٌ ان گهٽيءَ ۾ ويندس جنهن ۾ اڳ ڪڏهن بہ نہ ويو هئس، چاڪاڻ جو مونکي ٻڌايو ويو هو تہ ان گهٽيءَ ۾ اهڙي ڪا دلچسپيءَ واري شئي آهي ئي ڪانہ. پر اُتي وڃڻ ڪانپوءِ ئي مونکي ان ڳالهہ جو اندازو ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي تہ بيهر ان گهٽيءَ ۾ وڃجي يا نہ.

سُياڻي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو آءٌ سج جو چڱي طرح مشاهدو ڪرڻ چاهيان ٿو. ۽ جيڪڏهن جُهڙالو آهي تہ آءٌ ڪڪرن کي ڏسڻ چاهيان ٿو تہ اهي ڪهڙي طرف وڃن ٿا. آءٌ هميشه اهو سوچيندو رهيس تہ مون وٽ انهن ڳالهين جي مُشاهدي جو وقت ناهي. پر، سُياڻي آءٌ ڪڪرن جي چُرپُر ۽ سج جي ڪِرڻن تي غور ڪندس.

مٿي هڪ آسمان بہ آهي، جنهن جي چانوَ هيٺ هزارين سالن تائين انسانذات ڪيترين ئي حِڪايتون اُٽيون آهن. آءٌ تارن جي علم بابت سڪيل هر شئي کي وساري ان وقت پنهنجون نيون وضاحتون گهڙيندس.

وقت ۽ زندگيءَ مونکي هر شئي کي سمجهڻ لاءِ جام منطقي وضاحتون ڏنيو آهن. پر منهنجي روح جي خوراڪ ڳُجهن ۾ آهي. ڳُجهہ منهنجي ضرورت آهن. آءٌ ڪِنوڻ ۽ گاج ۾ هڪ ناراض خُدا جو آواز ٻُڌڻ چاهيان ٿو ان هوندي بہ تہ توهان مان ڪيترائي ان ڳالهہ کي عقيدي جي خلاف سمجهندا. آءٌ بيهر پنهنجي زندگيءَ ۾ موهہ آڻڻ چاهيان ٿو چاڪاڻ جو اهو ناراض خُدا مون لاءِ اجنبي ۽ پوائتو آهي، ۽ ڏاهن جي ڏند ڪٿائن کان وڌيڪ دلچسپ آهي.

پهريون ڀيرو آءٌ ڪنهن بہ پشيمانيءَ بنا مُشڪندُس، چاڪاڻ جو خوش ٿيڻ ڪو ڏوهہ ناهي.

پهريون ڀيرو آءٌ ان شئي کان لنوائيندس جنهن سان مونکي تڪليف پهچي ٿي. چاڪاڻ جو تڪليف بہ ڪو مستقل وَرُتہ ناهي.

آءٌ اهو چوندي زندگيءَ بابت ڪا شڪايت نہ ڪندس تہ: " هر شئي هيمشہ ساڳي رهي ٿي ۽ آءٌ انکي تبديل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهان." پر آءٌ اجوڪو ڏينهن ائين گهاري سگهان ٿو جيئن اهو منهنجو پهريون ڏينهن هجي، ۽ ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ ڪجهہ اهڙيون ڳالهيون منهنجي آڏو اينديون جن جي اڳ مونکي ڪا ڪل نہ هئي. ان هوندي بہ انهن ساڳن ماڳن تان اڳ

۾ به ڪيترائي ڀيرا منهنجو گُذر ٿيو آهي ۽ ساڳن ئي ماڻهن کي مون سلام به ڪيو آهي، پر هن ڀيري اهو سلام مختلف هوندو. هاڻ اهو صرف هڪ عاجزاڻو سلام نه پر هڪ دعا جي صورت اختيار ڪري وٺندو ان اُميد سان ته جنهن سان به آءُ ڳالهايان اُهو زنده هجڻ جي اهميت کي سمجهي وڃي، پوءِ ڀلي اسين خطري جي منهن ۾ ڇو نه هجون.

آءُ گهٽيءَ ۾ صدائون هٽندڙ جوڳيءَ جي صدائن تي ڌيان ڏيندس، پوءِ ڀلي خوف وچان انکي ٻيو ڪير به نه ٻُڌي. سندس صدائن ۾ هي لفظ هوندا، "محبت حڪمراني ڪري ٿي، پر ڪنهن کي ان جي تختگاهه جي پروڙ ناهي، ان ڳُجهي ماڳ جي ڳولا لاءِ توهانکي ڀرپائين محبت ڪرڻي پوندي."

آءُ پنهنجي روح جي ڪليسا جو دروازو کولڻ جي همت ڪندس.

آءُ پاڻ ڏانهن ائين نهاريندس جيئن پهريون ڀيرو پنهنجي جسم ۽ روح سان رابطي ۾ آيو هُجان.

آءُ پاڻ کي اهو يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندس ته آءُ به اهڙو ئي شخص آهيان جيڪو ٻين وانگي آهي، اهو شخص جيڪو خاميون هجڻ جي باوجود به بردبار آهي.

آءُ پنهنجي سادگيءَ مان لُطف اندوز ٿيندس، جهڙوڪ آءُ هڪ اجنبيءَ سان مُخاطب هجان؛ آءُ پنهنجي احساسن مان لُطف اندوز ٿيندس، ۽ اهو محسوس ڪندس ته جيئن بغداد مان اُڏندڙ واري منهنجي چهري سان ٽڪرائجندي هجي؛ انهن من موهيندڙ لمحن مان لُطف اندوز ٿيندس، جن ۾ آءُ پنهنجي زال کي ننڊ ۾ سُتَل ڏسندو هجان ۽ سندس خوابن جو تصور ڪندو هجان. ۽ جڏهن آءُ اڪيلو هجان تنهن وقت ڳڙکيءَ ڏانهن وڃي آسمان تي نظر ڦيرائي اها پَڪَ ڪيان ته اڪيلائي بس هڪ ڌوکو آهي، ڇاڪاڻ جو سموري ڪائنات مون سان گڏ آهي.

ان وقت آءُ هر لمحي کي حيرت ڀريل لمحو سمجهي گهاري ڇڪو هوندس، ۽ اهو ئي "آءُ"، جنهنکي نه پنهنجي پيءُ پيدا ڪيو نه ماءُ، نه وري انکي ڪنهن اسڪولَ ناهيو پر اهو "آءُ" هر ان شئي مان ٺهيو جيڪا مون اڄ تائين ڏٺي ۽ اوچتو وساري ڇڏي ته جيئن ٻيهر ان کي هڪ نئين انداز ۾ دريافت ڪري سگهان.

هاڻ جيڪڏهن اهو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو آخري ڏينهن به هوندو ته آءُ ان مان ڀرپور لطف اندوز ٿيندس، ڇاڪاڻ جو آءُ انکي هڪ معصوم ٻار جيان ٿي گهاريندس، ائين جيئن آءُ هر شئي پهريون ڀيرو ڪري رهيو هجان.

***

”اسانکي جنسي خُواهش بابت ڪجھ ٻڌايو.“
هڪ واپاريءَ جي ڇِي زال چيو.

***قبطيءَ*** وراڻيو:
مردَ ۽ عورتون شرم وچان هڪٻئي سان سَرباٽن ۾ ڳالهائيندا رهن ٿا چاڪاڻ جو هُنن هڪ پاڪيزه عمل کي هڪ ناجائز عمل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.
هي اُها دنيا آهي جتي اسين رهون ٿا. ۽ ان جي حقيقت پري ڪنهن بہ هڪ لمحي کي چورائڻ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو. نافرماني پڻ هڪ سنو سوڻ ٿي سگهي ٿي، پر صرف ان صورت ۾ تہ اسانکي انجي استعمال جي ڄاڻ هجي.
جڏهن بہ جسمَ پاڻ ۾ ملن ٿا تہ اها جنسي خواهش ناهي، اها صرف هڪ تسڪين آهي.
جڏهن تہ جنسي خواهش تسڪين کان تمام گهڻو اُتم آهي.
جيئن تڪليف ۽ خوشي، شرم ۽ بردباري گڏ گڏ هوندا آهن تيئن ئي جنسي خواهش ۾ سُڪون ۽ بي سُڪوني هڪٻئي جون حدون اورانگهڻ جي ڪوشش ۾ هوندا آهن. پر اهي سخت مُتضاد حالتون هڪٻئي سان گڏ ايترو پُرسڪون حالت ۾ ڪيئن ٿيون رهي سگهن؟ اهو صرف هڪئي صورت ۾ ٿي سگهي ٿو: پاڻ کي انهن جي حوالي ڪري ڇڏجي. چاڪاڻ جو پاڻکي حوالي ڪرڻ جو مطلب هڪٻئي تي ويساهہ ڪرڻ آهي.
پر اهو سڀ ڪجھ ٿيڻ لاءِ صرف ٻن جسمن نہ پر ٻن روحن جو ميلاپ پڻ ضروري آهي.
اڇو تہ گڏجي پاڻ کي ان پيچري جي حوالي ڪري ڇڏيون. پلي اهو پيچرو خطرناڪ چو نہ هجي، پر اهو هڪ ئي پيچرو آهي جنهن تي هلڻو پوندو. پلي ڪٽي ان سان توهانجي دنيا ۾ وڏيون تبديليون چو نہ اچن. پر اسان وٽ وڃائڻ لاءِ تہ ڪجهھ بہ ناهي، چاڪاڻ جو جسم ۽ روح جي ميلاپ ڪانپوءِ حاصلات ۾ صرف محبت آهي.
اچو تہ اهو سڀ ڪجھ وساري ڇڏيون جيڪي ڪجھ اسان سکيو هو تہ ڏيڻ هڪ عظيم ۽ وٺڻ هڪ شرمساريءَ وارو عمل آهي. چاڪاڻ جو گهڻن ماڻهن لاءِ سخاوت جو مطلب صرف ڏيڻ آهي. پر وٺڻ بہ تہ هڪ عمده عمل آهي. ڪير اوهان کي خوشيون ڏيڻ چاهي ٿو تہ اهي خوشيون قبول ڪرڻ ۾ ڏيڻ واري کي بہ خوشي ملي ٿي.
جڏهن جنسي خواهش واري عمل دوران اسين گهڻو سخي ٿي ويندا آهيو ۽ اسانجو پهريون مقصد پنهنجي ساٿيءَ کي خوش ڪرڻ هوندو آهي، ان وقت اسانجي پنهنجي خوشي تباهہ ٿيڻ جو انديشو پڻ هجي ٿو.
پر جنهن وقت اسين ساڳي قوت سان ڏيڻ ۽ وٺڻ جا قابل ٿي وڃون ٿا تہ ان وقت اسان جو جسم هڪ ڪمان جي ڏوريءَ وانگي تاڻجي وڃي ٿو پر اسانجو ذهن تِير وانگي سُڪون ۾ رهي ٿو. ان وقت دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏئي ٿو ۽ لاشعور ئي اسانجي رهنمائي ڪري ٿو.

جنهن وقت جسم ۽ روح جو ميلاپ ٿئي ٿو، تہ ان وقت روحاني قوت نہ صرف  جسم جي جنسي حصن ۾ شامل ٿيو وڃي پر هڪ هڪ وارَ ۽ ڪَلَ جي هڪ هڪ حصي ۾ شامل ٿي، مختلف رنگن جي روشني جي صورت  ۾ نمودار ٿيو پوي، ۽ بہ ٽنديون پاڻ ۾ ملي هڪ نهايت ئي خوبصورت ۽ مضبوط ندي ٺاهيو وجهن. هر باطني شئي پاڻ کي ظاهر ڪرڻ لڳي ٿي ۽ هر ظاهري شئي پاڻ کي باطني قوت ۾ تبديل ڪريو ڇڏي.

ڪڏهن ڪڏهن محبت پنهنجي ئي نرم مزاجيءَ مان تنگ اچيو وڃي. تنهنڪري، ڪيس سج جي تپش جيان ٻيلن جا ٻيلا ساڙڻ واري جلال ۾ اچڻ ڏيو.

جيڪڏهن ڪو هڪ عاشق پاڻ کي مڪمل طور تي حالات جي حوالي ڪريو ڇڏي، تہ ان کي ڏسي ٻيا عاشق بہ ائين ئي ڪن ٿا. چاڪاڻ جو ڦڪائي شوق ۾ تبديل ٿيو پوي، ۽ شوق اسان بابت ئي اهي ڳالهيون ڳولڻ ۾ اسانجي مدد ڪري ٿو جن بابت اسانکي ڄاڻ ناهي.

جنسي خواهش کي هڪ تحفي طور ۽ هڪ تبديلي آڻڻ واري ذُرِّ طور ڏٺو وڃي. ان ذُرَّ ۾ بهترين انت آڻڻ لاءِ وَجد شامل ٿيو پوي، پر اصل مقصد اهو ناهي. وڌيڪ اهم اها ڳالهہ آهي تہ اسان پنهنجي ساٿيءَ سان گڏ هڪ نامعلوم ماڳَ جي سفر تي نڪري وڃون ٿا جتي اسانکي سونُ، هُڳاءُ ۽ چاهُ ملن ٿا.

لفظَ "پوترتا" کي پنهنجي مڪمل معني ڏيو. ۽ جڏهن بي يقينيءَ وارو ماحول پيدا ٿيڻ لڳي، ان وقت هميشه اهو ياد رکو تہ: اهڙين گهڙين جو ڪاج صرف اسين نہ ٿا ڀڄون پر اسان سان گڏ اسان جو ساٿي پڻ انهن گهڙين جو ڪاج ڀڄي پوي ٿو.

پوري اعتماد سان پنهنجي خيالي دنيا جي صندوقَ کوليو. ڪنهن بہ هڪ شخص جي همت ٻئي جي همت ڀڄي گڏيل ويساهہ جو احساس ڀڄي اُپري پوندي.

پوءِ سچا عاشق سونهن جي باغيچي ۾ بنا ڪنهن رنڊڪ جي داخل ٿيڻ جي قابل ٿيو پون. تنهن ڪانپوءِ اُهي صرف بہ جسمَ ۽ بہ روحَ نہ ٿا رهن پر هڪ چشمو ڀڄي ٿا پون جنهن مان آبِ حيات وهي ٿو.

تارا بہ ٻن پيار ڪندڙن جا اُگهاڙا بُتَ ڏسندا رهن ٿا، انهن عاشقن کي ڪو شرم محسوس نہ ٿو ٿئي. پکي بہ سندن ويجهو اُڏامندا رهن ٿا ۽ اهي بہ پيار ڪندڙ وري انهن پکين جا گيت ڳائندا رهن ٿا. وحشي جانور تہ سندن ويجهو وڃڻ کان ڪيٻائيندا رهن ٿا. چاڪاڻ جو هو جيڪو ڪجهہ ٿيندي ڏِسي رهيا هوندا آهن اهو ڪائنات کان بہ وڌيڪ وحشي هوندو آهي، ۽ اهي جانور بہ احترام ۾ سندن آڏو پنهنجو سِر نوائن ٿا.

ان ويلي وقت رُڪجيو وڃي، چاڪاڻ جو سچي محبت مان جنم وٺندڙ راحت واري ديس ۾ هر شئي لامحدود آهي.

***

هڪ ويڙهاڪ جيڪو ٻئي ڏينهن جنگ وڙهندي مرڻ جي تياريءَ ۾ هو، پر تنهن هوندي به هو قبطيءَ جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ آيل هو، چيائين:

”جنهن وقت اسانکي اتحاد سان رهڻ جي ضرورت هئي، تنهن وقت اسين ورهائجي وياسين. اهي شهر جيڪي حملا آورن جي گس ۾ ئي پيام جن جنگ نه ٿي چاهي سي به جنگ جي وڙ چڙهي ويا. هاڻ ان صورتحال ڪانپوءِ بچي ويندڙ پنهنجي ٻچن کي ڪهڙا قصا ٻڌائن؟“

***قبطيءَ*** وراڻيو:

اسين اڪيلا هن دنيا ۾ آيا آهيون ۽ اڪيلا ئي هيءَ دنيا ڇڏي وينداسين. پر، جيسيتائين اسين ڌرتيءَ تي موجود آهيون تيسيتائين اسانکي پنهنجي عقيدن کي قبول ڪري انهن جو مانُ رکڻو پوندو.

اتحاد ۾ ئي زندگي آهي: ان ۾ ئي اسانجي جياپي جو آسرو آهي. قديم غارن واري وقت ۾ به ائين ئي ٿيندو هو ۽ اڄ به ائين ئي ٿي رهيو آهي.

انهن جو احترام ڪيو جيڪي سکيا واري عمر دوران اوهان سان گڏ ننڍا تي وڏا ٿيا، ۽ انهن جو پڻ احترام ڪيو جن اوهانکي سکيا ڏني، ۽ اهو ڏينهن به ضرور ايندو جڏهن اوهان ٻين کي سکيا ڏيندئو ۽ پنهنجا قصا ٻڌائيندئو. اهڙي نموني سان ئي اتحاد جاري رهندو ۽ اسانجي ثقافت زنده رهندي.

جيڪو به شخص ٻين سان پنهنجي خوشين ۽ نراساين وارا لمحا نه ٿو ونڊي اهو ڪڏهن به پنهنجي خامين ۽ خوبين بابت نه ٿو ڄاڻي سگهي.

پر ان دوران، هڪ خطري کان محتاط رهڻ گهرجي جيڪو اتحاد جو دشمن آهي: ماڻهن کي سندن ئي حد بندين، خوف ۽ تعصّبَ جي تقاضائن تحت اخلاق جي هڪ معياري رَوَيي ڏانهن آندو وڃي ٿو جنهن جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي، ڇاڪاڻ جو ميڄتا حاصل ڪرڻ لاءِ هر ڪنهن کي خوش رکڻ جي ضرورت پوي ٿي. اها اتحاد جي نه پر محبت جي گهٽتائيءَ جي علامت آهي.

توهان جو مان تڏهن رکيو ويندو ۽ توهان سان محبت تڏهن ڪئي ويندي جڏهن اوهان پنهنجو مان پاڻ رکندئو ۽ پاڻ سان محبت ڪندئو. ڪنهن کي به خوش ڪرڻ جي ضرورت ناهي؛

جيڪڏهن ائين ڪندئو ته اوهانجي عزت ڪير به نه ڪندو.

اهڙا دوست ۽ ساٿي ٻڌايو جن کي پاڻ تي ۽ پنهنجي عمل تي ڀروسو هجي.

آءُ اهو نه ٿو چوان ته:“ اهڙا دوست ٻڌايو جن جي سوچ اوهانجي سوچ سان ملندي هجي.“ منهنجو مطلب اهو آهي ته:“ اهڙا دوست ٻڌايو جيڪي اوهانجي سوچ کان مختلف سوچ رکندا هجن ۽ جن کي اوهان ڪڏهن به پنهنجي ڳالهه ميرائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهو.“ چاڪاڻ جو دوستي به محبت جي ڪيئي روپن مان هڪ روپ آهي، محبت کي صرف ڳالهين آڌار تي ڏُوٽي نه ٿو سگهجي، محبت پنهنجو ساٿي غير مشروط طور قبول ڪري ٿي ۽ هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي طريقي سان اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪري ٿي.

محبت پاڻُ حوالي ڪرڻ جو نه پر هڪٻئي تي اعتماد جو عمل آهي. ڪا قيمت ڏئي محبت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش به نه ڪيو. چاڪاڻ جو محبت جي ڪا به قيمت ناهي.

اوهانجا دوست اهڙي قِسم جا ناهن جيڪي هر ڪنهن جي نظر ۾ هجن ۽ ڪنهن کي به متاثر ڪن ۽ ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ چوندا وتن ته،“ پوري يروشلم ۾ توهان جهڙو بهترين، سخي ۽ عزتدار ماڻهو ڪو بيو ناهي.“

توهان جا دوست ته ان فطرت جا آهن جيڪي پنهنجي روين جي اظهار لاءِ ڪنهن موقعي جي انتظار ۾ ناهن هوندا، پر هو سُتَت ئي ڪنهن به موقعي تي پنهنجو فيصلو مڙهي ڇڏڻ وارا آهن، پلي پوءِ انجو ڪهڙو به نتيجو نڪري. هو ته آزاد روحَ آهن جيڪي زندگيءَ جي رُخَ تي پنهنجو رُخ به موڙيو ڇڏين. هو نون نڪور پيچرن جي کوجنا ۾ رهن ٿا، پنهنجي بهادريءَ جو مسلسل مظاهرو ڪندا رهن ٿا، ان نموني هو پنهنجن شهرن ۽ ڳوٺن جو نالوروشن ڪن ٿا.

جيڪڏهن ڪنهن وقت هو ڪنهن غلط ۽ خطرناڪ رستي تي نڪري پيا ته هو ڪڏهن به توهان کي اهو نه چوندا ته،“ ائين ڪڏهن به نه ڪجانءِ.“

هو پاڻ به اهو نه چوندا ته:“ هڪ پيري مون هڪ غلط رستي جو انتخاب ڪيو هو.“

اهو انڪري جو هو اوهانجي آزاديءَ جو قدر ڪن ٿا، جيئن اوهان سندن آزادءَ جو قدر ڪيو ٿا.

انهن کان هر قيمت تي پاسو ڪيو جيڪي مشڪل گهڙين ۾ اوهانکي آٿت ڏيندا آهن. آٿت ڏيڻ جي آڙ ۾ هو حقيقت ۾ پاڻ کي اهو چئي رهيا هوندا آهن ته: ”آءُ مظبوط آهيان، آءُ سياڻو آهيان، آءُ ڪڏهن به اهڙو قدم نه کڻان هان.“

انهن سان لاڳاپي ۾ رهو جيڪي اوهانجي خوشين ۾ اوهان سان گڏ آهن. چاڪاڻ جو هو اوهان لاءِ پنهنجي دلين ۾ بغض ۽ ڪينو نه ٿا رکن، پر صرف اوهانکي سَرهو ڏسي پاڻ به سَرَها ٿين ٿا.

انهن کان پاسو ڪيو جيڪي اهو سمجهن ٿا ته هو اوهان کان وڌيڪ مضبوط آهن، چاڪاڻ جو هو صرف پنهنجي ڪمزوريءَ کي لڪائي رهيا هوندا آهن.

انهن سان لاڳاپي ۾رهو جيڪي بي وسيءَ ڪان نہ ٿا ڪيبائين. چاڪاڻ جو ڪين پاڻ تي اعتماد هوندو آهي ۽ اها خبر هوندي آهي تہ زندگيءَ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن موقعي تي اسين سڀ ٿيڙُ ڪائيندا آهيون ۽ وتن اها ڳالهہ ڪمزوريءَ جو نہ پر انسانيت جو سوڻ آهي.

انهن ڪان پاسو ڪيو جيڪي وڏيون هامون هڻندا رهندا آهن. هو ڪڏهن بہ ڪو اهڙو قدم نہ ڪڻندا آهن جنهن جو ڪين يقين نہ هجي تہ ان سان ڪين ماڻُ ملندو.

انهن سان لاڳاپي ۾ رهو جيڪي، جڏهن بہ اوهان ڪا غلطي ڪيو تہ اوهانکي اهو نہ چون تہ" آءُ ان کي ڪنهن بئي طريقي سان سرانجام ڏيان هان." ڪانئن اها غلطي ڪڏهن بہ سرزد ناهي ٿي، سو هو ان ڳالهہ جو فيصلو ڪرڻ جي قابل ئي ناهن.

انهن ڪان پاسو ڪيو جيڪي دوستي صرف انڪري ڪندا آهن تہ جيئن پنهنجو سماجي رُتبو برقرار رکي سگهن يا وري دوستيءَ جي ذريعي پاڻ لاءِ ڪجهہ اهڙا دروازا کولڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جن تائين ڪنهن بي صورت ۾ پهچڻ ناممڪن هجي ٿو.

انهن سان لاڳاپي ۾ رهو جيڪي هڪ خاص دروازو– دل جو دروازو کولڻ ۾ دلچسپي رکندا هجن. چاڪاڻ جو هو ڪڏهن بہ اوهانجي مرضيءَ بنا اوهانجي روح تي حملو نہ ڪندا، نہ وري ان کليل دروازي مان اوهان تي ڪو تير هلائيندا.

دوستي هڪ نديءَ جيان آهي: جيڪا پٿرن جي چوڌاري وهي ٿي ۽ پاڻ کي جبلن ۽ وادين جي حوالي ڪري ڇڏي ٿي، ۽ زمين تي ڪا وڏي کڏ ڏسي پاڻ کي ان ۾ جمع ڪري ٿي ۽ کڏ پرجي وڃڻ جي صورت ۾ اڳتي وهندي رهي ٿي. جيئن هڪ نديءَ جو مقصد صرف ۽ صرف سمنڊ تائين پهچڻ ٿئي ٿو تيئن ئي دوستيءَ جو بہ صرف هڪ ئي مقصد "محبتون ونڊڻ" ٿئي ٿو.

انهن ڪان پاسو ڪيو جيڪي اهو چوندا آهن تہ" بس، ايترو ڪافي آهي، آءُ وڌيڪ اڳتي نہ ٿو وڌي سگهان." چاڪاڻ جو هو اهو سمجهڻ ۾ ناڪام ويا آهن تہ زندگيءَ ۾ موت جو ڪو انت ناهي؛ اهي بس دائمي بقا تائين پهچڻ جا مرحلا آهن.

انهن سان لاڳاپي ۾ رهو جيڪي اهو چوندا آهن تہ " هر شئي جيئن آهي تيئن ئي ٺيڪ آهي، ۽ اسانکي اڳتي نڪرڻو آهي." چاڪاڻ جو هو مقرر حدن کي اورانگهي اڳتي وڌڻ جي اهميت کي سمجهن ٿا.

انهن ڪان پاسو ڪيو جيڪي برادريءَ جي فيصلن ۾سُگهڙائپ ڏيکارڻ لاءِ گڏجاڻيون ڪندا وتندا آهن. کين سياست جي پڙ جاڻ هوندي آهي؛ هو ٻين کي متاثر ڪندا رهندا آهن ۽ اهو پڻ ظاهر ڪندا رهندا آهن تہ هو ڪيڏا داناءُ آهن. پر هڪ ڳالهہ جيڪا سنڌن سمجهہ ڪان بہ ٻاهر هجي ٿي تہ مٽي مان ڇڻنڊڙوارن کي روڪڻ نا ممڪن آهي.

نظم و ضبط ضروري آهي، پر ان جي لاءِ انترگيان ۽ اڇرج ۾ وجهندڙشين لاءِ دريون ۽ درواز کولي رکڻا پوندا.

انهن جي ويجهو رهو جيڪي گيتَ ڳائيندا وتن ٿا، قصا ٻڌائيندا وتن ٿا ۽ زندگيءَ مان

لُطف اندوز ٿيندا رهن ٿا، ۽ جن جون اکيون سَرهائيءَ منجهان چمڪنديون رهن ٿيون. ڇاڪاڻ جو سَرهائي پڪڙجندي رهي ٿي ۽ هميشه هر مسئلي جو حل ڏيندي رهي ٿي، جڏهن ته عقل غلطين جي صرف وضاحت ڪري سگهي ٿو.

انهن جي ويجهو رهو جيڪي بنا ڪنهن رُڪاوٽ، سوچ سمجهه ۽ ڦل جي محبت جي روشني ڦهلائيندا رهن ٿا، پوءِ ڀلي ڪين ڪو غلط ڇو نه سمجهندو هجي.

ڀلي اوهانجي طبيعت ڪيئن به هجي، پر هر صبح جو پاڻ کي پنهنجي روشني ڦهلائڻ لاءِ تيار رکڻ گهرجي. اهي جن وٽ اوهانجي اها روشني ڏسڻ واريون اکيون آهن سي اوهانجي روشني ڏسندا ۽ ان مان موهجندا رهندا.

❊❊❊

هڪ نوجوان عورت جيڪا ان ڪري ڪڏهن گهر کان ٻاهر نه نڪتي هئي جو سندس خيال هو ته ڪير به منجهس دلچسپي نه ٿو رکي، تنهن چيو :

”اسانکي نزاڪت بابت ڪجهه ٻڌايو.“

اهو سوال ٻڌي ميڙاڪي ۾ هڪ سَرٻاٽ شروع ٿي ويو، ”اسان تي حملو ٿيڻ وارو آهي ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ رتو ڇاڻ ٿيڻ واري آهي، ان موقعي تي هي ڪهڙي قسم جو سوال آهي؟“

جڏهن ته، قبطي ان عورت جي همٿ ڏسي مُشڪيو ۽ وراڻيائين :

***نزاڪت*** کي ظاهري نمائش جي طور تي غلط سمجهيو ويو آهي. پر ان حقيقت کان وڌيڪ ٻي ڪا شئي ناهي ته: ڪجهه لفظن ۾ به نزاڪت هجي ٿي، پر ڪجهه لفظ وري نقصان پڻ پهچائيندا آهن، پر حَرفَ ته مڙني لفظن جا ساڳيا هجن ٿا. گُلَ ٻوٽن ۾ نزاڪت هجي ٿي، پلي پوءِ اُهي گاهه هيٺ به لڪل چو نه هجن. هرڻيءَ جي ڇيڏڪن ۾ به نزاڪت نظر اچي ٿي، پوءِ پلي اها شينهن جو کاڄ بڻجڻ کان بچڻ لاءِ چو نه ڊُڪندي هجي.

نزاڪت ڪا نمائشي شئي ناهي، پر اها روح جو حصو آهي جيڪو ٻين لاءِ ظاهر ٿئي ٿو. ۽ جڏهن جذبا اوج تي هجن ٿا، تنهن وقت نزاڪت ٻن ماڻهن جي وچ ۾ ڳانڍاپي کي ٽُٽَڻ کان بچائي ٿي.

نزاڪت ڪپڙن پهرڻ ۾ ناهي، پر ڪپڙن پهرڻ جي انداز ۾ آهي. شان وشوڪت تلوار جي استعمال ۾ نه پر ڳالهين جي ذريعي جنگ ٽارڻ ۾ آهي.

نزاڪت نمائشي شين کي ترڪ ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿي، تنهن ڪانپوءِ ئي اسانکي سادگي ۽ يڪ سوئي نصيب ٿئي ٿي. جيئن شخصيت ۾ سادگي هڪ سٺو سنوڻ آهي؛ تيئن ئي خوش مزاجي خوبصورتيءَ کي ظاهر ڪري ٿي. سادگي ڇا آهي؟ سادگي زندگيءَ جي اعليٰ معيارن جو يڪجا هجڻ آهي. آسمان مان پوندڙ برف جي خوبصورتيءَ جو ڪارڻ ان جو هڪ رنگ جو هجڻ آهي. سمنڊ جي خوبصورت لڳڻ جو ڪارڻ انجي هموار سطح آهي. رڻ جي سونهن جو ڪارڻ ان ۾ موجود واريءَ ۽ پٿرَ آهن.

جڏهن ته، انهن شين کي وڌيڪ غور سان ڏسجي ته، اهو محسوس ٿيندو ته اهي شيون پنهنجي خاصيتن ۾ ڪيتريون نه مڪمل ۽ ڳنڀيرتا سان ڀريل آهن.

زندگيءَ ۾ هر عام ۽ سادي شئي ئي اهميت واري ٿئي ٿي. اهڙين شين تي سوچ ويچار ڪرڻ گهرجي.

نرگس جي گُل جي ڦُٽڻ واري عمل جو ئي مثال وٺو. نہ تہ اهو ورو ڪڙ ڪائي ٿو نہ ئي هوريان هوريان ڦُٽي ٿو.

دل جيڏي سادگيءَ جي ويجهو هوندي اوڏي ئي آزاديءَ سان ۽ بنا ڪنهن ڊپ جي محبت ڪرڻ جي قابل ٿيندي ۽ جيڏي بي ڊپي ٿي محبت ڪندي، اوڏي ئي اها پنهنجي نزاڪت کي هرنازو انداز ۾ دنيا آڏو ظاهر ڪندي.

نزاڪت ذوق سان بہ تعلق نہ ٿي رکي. هر ثقافت ۾ خوبصورتيءَ جو پنهنجو پنهنجو انداز آهي، اهو ڪڏهن تہ وري اسانجي اندازن کان بنهہ مختلف بہ ٿئي ٿو.

پر هر قبيلي يا هر ماڻهوءَ وٽ پنهنجا الڳ معيار آهن جيڪي نزاڪت جي زمري ۾ اچن ٿا، جيئن: خدمت، احترام ۽ سُٺو اخلاق.

هَٺُ: نفرت ۽ بُغض پيدا ڪري ٿو. جڏهن تہ نهٺائي: محبت ۽ احترام جو ڪارڻ بڻجي ٿي.

هَٺُ شرمساريءَ جو سبب بڻجي ٿو. نهٺائي روشن رستي تي هلڻ جو درسُ ڏئي ٿي.

هَٺُ لفظن کي منهجهائيندو آهي، ڇاڪاڻ جو هنيلي انسان جي سوچ هميشهہ اها ئي هوندي آهي تہ علم ۽ عقل صرف ڪجهہ چونڊ انسانن لاءِ ئي آهي. نهٺائي مشڪل شين کي آسان ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي تہ جيئن هر ڪو انهن کي سمجهي سگهي.

جڏهن اسين پنهنجي ئي چونڊيل رستي تي هلڻ لڳندا آهيون تہ اسين نزاڪت سان روشنيون پکيڙيندا ثابت قدميءَ ۽ عقلمنديءَ سان هلندا رهندا آهيون. تان جو سخت تڪليفن ۾ بہ اسانجي دشمن کي اسان ۾ ڪا ڪمزوري محسوس نہ ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ جو نزاڪت اسان جي حفاظت ڪندي آهي.

نزاڪت کي قبول ڪرڻ ۽ ساراهڻ ڪانپوءِ معتبر بڻجڻ لاءِ ڪنهن بي ڪوشش جي ضرورت نہ ٿي پوي.

محبت اسانجي خوابن کي ساپيا ڏيندي آهي. ۽ نزاڪت ان ساپيا کي دنيا آڏو ظاهر ڪندي آهي.

❊❊❊

هڪ شخص جيڪو هميشه صُبح ساجهر اُٿي پنهنجي دَڪَ ڪي چارڻ لاءِ ڪاهي ويندو هو، تنهن چيو :

”اوهان ته اهي خوبصورت لفظ ڳالهائڻ لاءِ علم حاصل ڪيو آهي. پر اسان وٽ ته ايترو علم ناهي ڇاڪاڻ جو اسانکي ته پنهنجي بچڻ جي گذر سفر لاءِ مزدوري ڪرڻي آهي.“

***قبطيءَ*** وراڻيو:

خوبصورت لفظَ شاعرَ ئي لکندا آهن. هڪ ڏينهن، ڪير نہ ڪير ائين لکندو:

زندگي آ هڪ خوشي، اهو خواب هو مون ڏٺو.

اک کُلي تہ مون ڀَسيو زندگي تہ هڪ فرض آ.

اهو فرض جڏهن ادا ڪيم، تِهان پوءِ ملي زندگيءَ جي خوشي.

محنت مزدوري بہ محبت جو هڪ ڏيک آهي جيڪو ماڻهن کي هڪٻئي سان ڳانڍاپي ۾ رکي ٿي. ان جي ذريعي اسان تي اهو واضح ٿئي ٿو تہ اسين ٻين ماڻهن ڪانسواءِ زندگي نہ ٿا گذاري سگهون، ڪين اسانجي ۽ اسان کي انهن جي سخت ضرورت آهي.

محنت مزدوريءَ جا بہ قسم آهن. هڪ تہ اها محنت مزدوري جيڪا اسان کي پنهنجي پيٽ گُذر لاءِ هر حال ۾ ڪرڻي آهي. ۽ ان جي ڪري ماڻهو پنهنجو وقت وڪرو ڪندا رهن ٿا، اهو سوچڻ جي بغير ئي تہ اهو وقت پيهر خريد نہ ٿو ڪري سگهجي. هو پنهنجي سموري حياتي ان آسري ۾ گهاريو ڇڏين تہ ڪين بہ هڪ ڏينهن سُڪون نصيب ٿيندو. جڏهن اهو ڏينهن ايندو آهي تہ، هو ان وقت ايترا تہ ضعيف ٿي چڪا هوندا آهن جو زندگيءَ جا مَزا ماڻڻ سندن هٿ وَس ناهي رهندو. اهڙا ماڻهو ڪڏهن ان ڳالهہ جي ذميواري قبول نہ ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ ” مونکي موقعو ئي نہ مليو.“

جڏهن تہ هڪ ٻئي قسم جي مزدوري پڻ آهي جنهن ۾ ماڻهو پيٽ گذرسان گڏوگڏ پنهنجي زندگيءَ جو هر لمحو ٻين لاءِ محبتون پکيڙڻ ۾ پڻ گهاريندا آهن.

ان ٻئي قسم جي محنت مزدوريءَ کي ٻليدانُ پڻ سڏيو وڃي ٿو. مثال جي طور تي جڏهن بہ ماڻهو هڪئي وقت ساڳي نموني جو رَڌُ پَچاءُ ڪري رهيا هجن، پر انهن مان هڪ ان ۾ چاهت جي چَسَ استعمال ڪري رهيو آهي ٻيو وري رُڳي پنهنجو پيٽ ڀرڻ لاءِ هِيلو ڪري رهيو آهي، تہ نتيجو هميشه مختلف نڪرندو. ان هوندي بہ تہ چاهتَ يا محبت اهڙي شئي آهي جنهن کي ڏسي يا ان

جي پيمائش نہ ٿي ڪري سگهجي. پليدان ڏيڻ وارو شخص هميشهہ سُرخُرو ٿيندو آهي. جيترو هو پنهنجي پريت ڪي وندبيندو رهي ٿو اوترو ئي سندس پريت وڌندي رهي ٿي.

جڏهن روحاني قوت ڪائنات جي تخليق ڪئي، تنهن وقت سڀ گرهہ ۽ تارا، سمنڊ ۽ ٻيلا، نديون ۽ جبل ان تخليق جو حصو بڻايا ويا هئا. ساڳيو ئي عمل وري انسانذات سان پڻ ٿيو.

هڪڙن چيو: ”نہ، اسين اهو نہ ٿا ڪري سگهون. اسين غلط ڪي صحيح يا انصاف ڪي ڦاهي نہ ٿا چاڙهي سگهون.“

ٻين چيو: ”پنهنجي پڙن مان ٽِمنڊڙ پگهر سان آءُ ڌرتيءَ ڪي ريج ڏيندس، ۽ اپاٽٺار جا ٽورا پل پل ڳائيندو رهندس.“

تنهن ڪانپوءِ شيطان اچي سندن ڪنن ۾ پنهنجي منڙي آواز ۾ سرباٽ ڪندي چئي ٿو تہ،”توڪي هڪُ پتر ٺَڪريءَ جي چوٽيءَ تائين پُجائڻو آهي، ۽ جڏهن تون اتي پهچي ويندي تہ اهو پتر ٽِڙي رڙهندو اچي واپس هيٺ پوندو.“

۽ اهي سڀ جن جو شيطان تي يقين هو تن چيو ”زندگيءَ جو اصل مقصد ساڳئي ئي ڪم ڪي ورجائڻ ۾ آهي.“

۽ اهي جن جو شيطان تي يقين نہ هو تن وراڻيو ”ائين آهي تہ پوءِ آءُ ان پتر سان محبت ڪيان ٿو جيڪو مون ڪي جبل تي ڪٽي پُجائڻو آهي. اهڙي طريقي سان ان سان گڏ گهاريل هر لمحو ڪنهن محبوب سان گهاريل لمحي جيان ٿي پوندو.“

پليدان بنا ڪجهڻ جي عبادت آهي. ۽ هر عبادت وانگي ان لاءِ بہ ضابطي جي ضرورت پوي ٿي _غلاميءَ وارو ضابطو نہ بلڪ پنهنجي مرضي جو ضابطو.

اهو چوڻ جو ڪو جواز ناهي تہ ”منهنجي قسمت ئي خراب هئي. جنهن وقت ٻيا پنهنجي خوابن جي ساپيان ماٽي رهيا هئا، ان وقت آءُ صرف ڳيپي جي ڳولا ۾ هئس.“

قسمت ڪڏهن ڪنهن سان بہ ناحق ناهي ڪندي. اسين سڀ محبت ۽ نفرت ڪرڻ لاءِ آزاد آهيون.

جڏهن اسين محبت ڪندا آهيون تہ اسانکي روز مرهہ جي ڪِرت مان اهو ئي لُطف ملندو آهي جيڪو پنهنجي خواب جي ساپيان پوبان ڊوڙڻ وارن ڪي ملندو آهي. ۽ انهن جي عظمت جو اندازو ڪير بہ نہ ٿو لڳائي سگهي. ۽ ان ۾ ئي پليدان جي راز جي حقيقت موجود آهي. هي اهو ئي مقصد آهي جيڪو اسانکي سونپيو ويو ۽ نتيجي ۾ اسانکي بہ ان مقصد جو مان رکڻو آهي.

هاري پوکي تہ ڪري سگهي ٿو پر ڪڏهن بہ سج ڪي اهو نہ ٿو چئي سگهي تہ ”اڄ ٿوري وڌيڪ روشني ڪجانءِ.“ ڳگرن ڪي بہ اهو نہ ٿو چئي سگهي تہ ”اڄ شام سَجهي وسڪارو ڪجو.“ هاريءَ ڪي تہ رڳو پنهنجي ڪرت ڪرڻي آهي، جيئن زمين ڪي هَرُ ڏيڻ، ٻج ڇَٽڻ ۽ صبر سان انتظار ڪرڻ. ان دوران جڏهن هو پنهنجي لاباري ڪي تباهہ ٿيندو ۽ پنهنجي محنت ضايع ٿيندي ڏسي ٿو تہ ڪيس نا اُميديءَ ڪي پڻ منهن ڏيڻو پوي ٿو. پر اهو شخص جيڪو پنهنجي خوابن

جي ساپيا جي ڳولا ۾ نڪتل آهي اهو به ڪڏهن نہ ڪڏهن پنهنجي فيصلي تي پشيمان ضرور ٿئي ٿو ۽ ان ڪان پوءِ هو واپس وَري پنهنجي گُذر سَفر لاءِ ڪو نہ ڪو بندوبست ڪري ٿو.

پر ٻئي ڏينهن ان هاري يا مزدور يا مهم جُو جي دل ٻيهر ان اعتماد ۽ جذبي سان پرجي ويندي آهي ۽ هو ٻليدان جي نتيجي ۾ مليل ميوو ڏسي خوش ٿيندا آهن. چاڪاڻ جو هو سڀ سندن مقصد جي ڳولا دوران خوشيءَ جو هڪ ئي گيت ڳائي رهيا هوندا آهن.

جي ڏنار نہ هجن تہ شاعرَ ٻُڪ وِگهي مَري وڃن. ۽ جي شاعر نہ هجن تہ ڏنارَ ويڳاڻپ وگهي هلاڪ ٿي وڃن.

ٻليدان جي ذريعي اوهان پاڻ کي ٻين لاءِ محبت جي قابل بڻايو ٿا ۽ محبت جو سبق ڏيو ٿا.

***

اهو شخص جنهن محنت مزدوريءَ بابت سوال ڪيو هو، تنهن هڪ ٻيو سوال ڪيو :

” ڪجهه ماڻهو ٻين کان وڌيڪ ڀاڳ وارا ڇو ٿين ٿا؟“

***قبطيءَ*** وراڻيو:

ڪاميابي ان ۾ ناهي ته ڪنهن جي ڪم جي واکاڻ ٿئي. ڪاميابي ته ان ٻج جو ثمر آهي جيڪو اوهان وڏي چاهه سان پوکيو آهي. جڏهن ان جي لاباري جو وقت ايندو آهي، تنهن وقت پاڻ کي اهو چوندا آهيو ته، ”آءٌ ڪامياب ٿي ويس.“ اوهان پنهنجي محنت مزدوريءَ جي نتيجي ۾ ڪامياب ٿيو ڇاڪاڻ جو اوهان صرف جياپي لاءِ محنت مزدوري نه ڪئي پر ٻين جي لاءِ پنهنجي محبت جو ثبوت پڻ ڏنو. ڪيترين ئي اوکاين جي باوجود اوهان پنهنجو ڪم پورو ڪيو. ۽ انهن اوکاين جي ڪري جڏهن اوهانجو جذبو گهٽجڻ لڳو تڏهن اوهان ضابطي کان ڪم ورتو. ۽ جڏهن ٿڪاوٽ جي ڪري ضابطو ختم ٿيڻ لڳو ته اوهان اطمينان وارين گهڙين ۾ مستقبل بابت سوچيندا رهيا. جوڪم ڪٽڻ دوران ايندڙ ناڪاميون به اوهان کي روڪي نه سگهيون. ۽ اوهان انهن ناڪامين تي ويهي روئڻ پٽڻ کي ترجيح نه ڏني. اوهان ڪاميابيءَ جي لمحن کي ڏسي به ڪو وقفو نه ڪيو ڇاڪاڻ جو اوهان ڄاتو پيا ته اوهان پنهنجي مقصد تائين اڃا نه رَسيا آهيو.

مشڪلاتن دوران اوهان ڪنهن کان مدد وٺڻ ۾ به ڪو عار محسوس نه ڪيو. ۽ جڏهن اوهان ڪنهن ٻئي کي مدد لاءِ واجهائيندي ڏسو ته اوهان بنا ڪنهن اَوِنَ ۽ نتيجي جي پرواهه جي سندس مدد ڪيو.

اهي جيڪي دروازو کڙڪائن ٿا، تِن لاءِ دروازو کُلي ٿو.

ڪير به جڏهن ڪنهن شئي جي طلب ڪري ٿو ته ڪيس ملي ٿي.

۽ نا اُميديءَ جي وقت جيڪو آٿت ڏئي ٿو ته ڪيس به اهڙن موقعن تي آٿت ملي ٿي.

پر جيڪڏهن اوهان بدلي ۾ ڪا اُميد رکي وينا آهيو ۽ اُها ڳالهه پوري نه ٿي ٿئي، ته دير سوير اوهانکي انجو ثَمر ضرور ملندو جيڪا اوهان وڏيءَ دل سان ٻين تائين رَسائي آهي.

ڪاميابي انهن لاءِ ناهي جيڪي پنهنجو وقت پاڻ کي ٻين سان ڀيٽڻ ۾ ضايع ڪندا رهن ٿا. ڪاميابي ان شخص جي گهر ۾ داخل ٿئي ٿي جيڪو هر ڏينهن اهو چوندو رهي ٿو ته، ”آءٌ پنهنجي پوري ڪوشش ڪندو رهندس.“

اهي ماڻهو جيڪي ڪاميابيءَ جي ڳولا ۾ رهن ٿا، تن کي ڪاميابي نه ٿي ملي، ڇاڪاڻ جو ڪاميابي انت نه پر هڪ نتيجو آهي.

سوداءُ ڪڏهن به ڪارآمد ثابت نه ٿو ٿئي: پر اهو اسانکي صحيح رستي جي ڳولا دوران مُنجهائيندو رهي ٿو ۽ آخرڪار زندگيءَ جا مزا ئي ڪَسيو ڇڏي.

ڪنهن شخص وٽ پلي سَونَ جو جَبل هجن، پر ان جو اهو مطلب ناهي ته هو امير آهي. حقيقت ۾ ته امير اهو آهي جيڪو پنهنجي وجود جو هر لمحو پيار جي قوت سان گذاري ٿو.

اوهانجي ذهن ۾ ڪونه ڪو مقصد ضرور هوندو پر، جڏهن اوهان پنهنجي مقصد جي پويان ڊوڙو ٿا ته ڪنهن به ويلي پنهنجي چوڌير نظارا ڏسڻ لاءِ اوهانکي ڪنهن قسم جو خرچ نه ٿو ڪرڻو پوي. پوءِ جيئن اوهان اڳتي وڌندا رهو ٿا ته وِکَ وِکَ تي اوهانکي اهڙا نظارا ڏسڻ جو موقعو ملي ٿو جيڪي اوهان اڳ ڪڏهن به ڏسي نه سگهيا آهيو. ان وقت، پاڻ کان اهو پڇڻ ضروري آهي ته،"ڇا منهنجون شخصي تقاضائون سالم آهن؟ ڇا آءُ ٻين کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهيان ۽ سندن اميدن تي پورو لهان پيو يا  ڇا آءُ پنهنجي ڪم کان مطمئن آهيان ۽ ڇا منهنجو ڪم منهنجي روح ۽ جذبي کي ظاهر ڪري ٿو؟ ڇا مونکي هر قيمت تي ڪاميابي گهرجي يا آءُ ڪامياب صرف ان ڪري ٿيڻ چاهيان ٿو ته مون پنهنجي زندگيءَ جي هر لمحي ۾ محبت اوتي ڇڏي؟"

دراصل ڪاميابيءَ جو مطلب پنهنجي تجوڙين کي سون سان پرڻ نه پر پنهنجي زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ آهي.

ڪو شخص اهو به چئي سگهي ٿو ته، "آءُ پنهنجي پئسي جو استعمال ڪندي پوکي ڪري، اناج اُپائي، لاٻارو ڪري پنهنجين گُندين کي اناج سان پري ڇڏيندس ته جيئن مون وٽ اناج جي ڪا گهٽتائي نه رهي." پر جنهن ويلي اَڻ گُهريو مهمان(موت) اچي پهچي ٿو ته انسان جي ڪيل هر ڪوشش بيڪار ٿيو وڃي.

جنهن وٽ ٻُڌڻ وارا ڪن آهن انکي ٻُڌڻ ڏيو.

رستي کي مختصر ڪرڻ بجاءِ اهڙي نموني سفر ڪيو جو ان دوران اوهانجو هر عمل زمين کي زرخيز ڪري ڇڏي ۽ چوڌس ماحول ۾ خوبصورتي اوتي ڇڏي.

وقت کان اڳي ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪيو. جيڪڏهن اوهان ڪو ميوو وقت کان اڳ ئي ٽوڙي ڇڏيو ته انجي ڪچي هجڻ سبب اهو ڪنهن جي به فائدي جو نه رهندو. جيڪڏهن ڪنهن ڊپ وچان يا ڪنهن ٻُڏ تَر ۾ اچي پليدان ڏيڻ کان ڪيٻايو ته ميوو سڙي خراب ٿي ويندو. تنهنڪري پوکي ۽ لاباري جي وچ واري وقت جي اهميت کي سمجهڻ گهرجي. ۽ تبديليءَ جي معجزي جو انتظار ڪرڻ گهرجي. جيسيتائين ڪٽڪ کي پيهي ڇُلهه تي پچائجي نه تيسيتائين انکي ماني نه ٿو چئي سگهجي. جيسيتائين لفظن کي ادا نه ڪيو وڃي تيسيتائين ان کي شاعري نه ٿو سڏي سگهجي.

جيسيتائين ڪير ڏاڍن کي اُٽي نہ ٿو تيسيتائين انهن کي ڪپڙو نہ ٿو چئي سگهجي.

جڏهن پنهنجو پليدان ماڻهن آڏو ظاهر ڪرڻ جو وقت اچي ٿو تہ ماڻهو اچرج منجهان هڪٻئي کي چوندا وتن ٿا تہ: "هي آهي اهو ڪامياب انسان، هر ڪنهن کي سندس محنتن جو ثمر گهربل هو."

ڪير بہ ان ثمر جي حاصلات جي لاءِ ادا ڪيل قيمت بابت پڇا نہ ٿو ڪري، ڇاڪاڻ جو پنهنجو ڪم چاهَ سان ڪندي ان ۾ اهڙي تاثير اچي وڃي ٿي جو ڪير بہ ان دوران ڪاتيل ڪشالن کي ظاهري اکين سان پسي نہ ٿو سگهي. جيئن هڪ بازيگر هوا ۾ آسانيءَ سان ڪلابازيون ڪائي ٿو جنهن ۾ بظاهر تہ ڪا مُشَقَت نظر نہ ٿي اچي، تيئن ئي ڪاميابي حاصل ڪرڻ تي بہ ائين لڳندو آهي جيئن اها بہ ڪا فِطري شئي هجي.

پر پوءِ جيڪڏهن ڪنهن پُڇڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جواب اهو هوندو تہ : مون هارَ مڃڻ کي ترجيح ڏني هئي، مون سوچيو تہ اپاٽهار مونکي نہ پيو ٻُڏي، مون پنهنجي ڏسا پڻ تبديل ڪئي هئي، ۽ ڪجھ موقعن تي رستو پڻ ڀُلجي ويٺس. پر انهن سيني شين جي باوجود بہ مون ٻيهر رستو ڳولي ورتو ۽ اڳتي وڌندو رهيس، ڇاڪاڻ جو آءٌ ان ڳالھ جو قائل ٿي چڪو هئس تہ زندگي گذارڻ جو ڪو بہ ٻيو طريقو ناهي. ان دوران اهو پڻ منهنجي علم ۾ آيو تہ ڪهڙين پُلين تان گُذرڻ گهرجي ۽ ڪهڙين پُلين کي ساڙڻ گهرجي.

آءٌ هڪ شاعر آهيان، هڪ هاري آهيان، هڪ هُنرمند آهيان، هڪ سِپاهي آهيان، هڪ پيءُ آهيان، هڪ واپاري آهيان، هڪ دُڪاندار آهيان، هڪ اُستاد آهيان، هڪ سياستدان آهيان، هڪ دانشور آهيان ۽ هر اُهو شخص آهيان جيڪو پنهنجي گهر ۽ ٻچن جي ورلي ڪا سار سنڀار لهي ٿو.

آءٌ ان ڳالھ کان بہ چڱي ريت واقف آهيان تہ مون کان وڌيڪ بہ ڪي احترام لائق ماڻهو آهن ۽ هو ان جا مُستحق پڻ آهن. ٻين صورتن ۾ اهو سڀ ڪجھ يا تہ خود نمائي آهي يا وري حرصُ آهي ۽ وقت جي آزمائش تي ڪڏهن بہ پورو نہ لهندو.

ڪاميابي ڇا آهي؟

ڪاميابي هر رات روحاني راحتَ سان سُمهڻ جو نالو آهي.

***

الميرا، جنهن کي اِها به اهو يقين هو ته آسمان تان فرشتن جي فوج لهندي ۽ هن پوتر زمين جو دفاع ڪندي، تنهن چيو : ”اسان کي معجزن بابت ڪجهه ٻڌايو.“

***قبطيءَ*** وراڻيو:

معجزو ڇا آهي؟

معجزي جي وضاحت ڪيترن ئي طريقن سان ڪري سگهجي ٿي. جيئن، اهڙي ڪا شئي جيڪا فطرت جي قانونن جي ابتڙ ٿيندي هجي; جيئن سخت ٻحران واري حالت ڪا ڇوٽڪارو; مثال طور، زخمن جو ڀرجڻ ۽ نظر; اڻ ٽيٽي ڳالهين کي منهن ڏيڻ; يا آخري وقت ۾ اَڻ گهربي مهمان (موت) کان بچي وڃڻ.

اهي سڀ وضاحتون صحيح آهن. پر معجزو انهن سڀني کان اجا مٿانهين ڳالهه آهي: معجزو اوچتو اسان جي دلين کي محبت سان ڀريو ڇڏي. جڏهن ائين ٿيندو آهي، تڏهن اسين اپاٺهار جي نعمتن جي بدلي ۾ سنڌس آڏو پنهنجو سِيس نوائيندا آهيون.

اي اسانجا معبود! اسانکي اڄ به هر ڏينهن جيان ڪو معجزو عطا ڪر. پوءِ ڀلي اسين ان تي وڏين وڏين نعمتن جي لالچ ۾ غور نه ڪريون. پوءِ ڀلي اسين روز مره جي معاملن ۾ ايترو ته ونجي وڃون جو اسانکي اهو اندازو به نه رهي ته ان معجزي اسانجي زندگين ۾ ڪهڙي تبديلي آندي.

اُداسيءَ واري حالت ۾ اسانجي چئوقير زندگيءَ جي نشانين کي پَسڻ ۾ اسانجي ڪر: جيئن گُلن جو ٽِڙڻ، تارن جو آسمان ۾ ٽِمڪڻ، پکين جو ٻولڻ يا ٻارن جو ڇهڪڻ. اهو سمجهڻ ۾ اسانجي مدد ڪر ته اسانجي چوڌاري ٻيون به ڪيتريون ئي اهم شيون آهن جن جو اسين ڪنهنجي مدد بنا مشاهدو ڪري سگهون ٿا. اهو پڻ سمجهڻ ۾ اسانجي مدد ڪر ته اسين دَرماندا ناهيون. ڇاڪاڻ جو تنهنجي ذات هر پل اسان سان گڏ آهي ۽ اسانکي ڪنهن به قسم جي پريشانيءَ کان پنهنجي پناهه ۾ رکي ٿي.

ڊپ هوندي به اڳتي وڌڻ ۽ وضاحتون ڏيڻ ۽ هر شئي جو علم رکڻ بجاءِ اسانکي ناقابلِ توضيح شين کي قبول ڪرڻ ۾ اسانجي مدد ڪر.

اهو سمجهڻ ۾ اسانجي مدد ڪر ته محبت انڪار ڪانپوءِ وڌيڪ سگهاري ٿيو پوي، ۽ اهو

پڙ سمجهڻ ۾ اسانجي مدد ڪر تہ محبت هميشهہ زنده رهي ٿي، ڇاڪاڻ جو اها نَيُن آزمائشن کي مُنهن ڏيندي بدلجندي رهي ٿي.

ان معجزي کي پڙ سمجهڻ ۾ اسانجي مدد ڪر جڏهن هڪ نماڻو شخص هوڏي ٿيو پوي ۽ هڪ هوڏي شخص نماڻو ٿيو پوي.

اهو سمجهڻ ۾ پڻ اسانجي مدد ڪر تہ تنگن ٿڪجڻ باوجود بہ اسين دل جي سگهہ سان اڳتي وڌي سگهون ٿا، دل جي ٿڪجي پوڻ جي صورت ۾ ايمان جي طاقت اسانکي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪري ٿي.

اهو بہ سمجهڻ ۾ اسانجي مدد ڪر تہ رڻ جي واريءَ جي هر ذرڙي ۾ بہ هڪ تفاوت وارو معجزو آهي، ۽ شَلَ اهو معجزو اسانکي پنهنجي پاڻ کي جيئن جو تيئن قبول ڪرڻ ۾ مدد ڪري. ڇاڪاڻ جو جيئن بہ واريءَ جا ذرڙا هڪٻئي کان مختلف ٿين ٿا تيئن ئي بہ انسان بہ هڪٻئي کان سوچ ۽ سمجهہ ۾ مختلف ٿين ٿا.

عاجزيءَ ۽ انڪساريءَ سان ڏيڻ ۽ وٺڻ ۾ اسانجي مدد ڪر.

اهو سمجهڻ ۾ اسانجي مدد ڪر تہ دانائي انهن جوابن ۾ ناهي جيڪي اسانکي ملن ٿا، پر دانائي انهن ڳُجهن سوالن ۾ آهي جيڪي اسانجي زندگيءَ جو حصو بڻجن ٿا.

انهن ڳُجهن ۾ ڦاسي پوڻ کان بچڻ لاءِ اسانجي مدد ڪر جيڪي اسين سمجهون ٿا تہ اسانجي علم ۾ آهن. ڇاڪاڻ جو قسمت بابت اسانجي ڄاڻ تمام ناقص آهي. اسانکي پنهنجي رَوَيَن ۾ مثالي بڻاءِ ۽ چئن اعليٰ وَرّن، بهادُري، نزاڪت، محبت ۽ دوستيءَ جي سگهہ عطا ڪر.

اي اسانجا معبودا! اسانکي اڄ بہ هر ڏينهن جيان ڪو معجزو عطا ڪر.

جيئن ڪنهن جبل جي چوٽيءَ تي پهچڻ لاءِ ڪيترائي اڙانگها پيچرا ٿين ٿا، تيئن ئي اسانکي پنهنجي مقصد تائين پهچڻ لءِ بہ ڪيترائي اهڙا پيچرا آهن. انهن پيچرن مان ڪو اهڙو پيچرو ڳولڻ ۾ اسانجي مدد ڪر جيڪو آسان هجي ۽ جنهن تي محبت پڻ ملي سگهي.

ان کان اڳ جو اسين ٻين ماڻهن کي محبت جي تلقين ڪيون اسانجي اندر سُتَل محبت کي جاڳائڻ ۾ اسانجي مدد ڪر. صرف ان ريت ئي اسين پريت، جذبو ۽ مانُ حاصل ڪري سگهون ٿا.

اسانکي انهن جنگين ۾ فرق ڪرڻ ۾ مدد ڪر جيڪي اسانجون پنهنجيون آهن، ۽ جن ۾ اسانکي پنهنجي مرضيءَ خلاف ڌِڪيو ويو آهي، ۽ اهي جيڪي قسمت اسانجي مٿان مڙهيون آهن جيڪي هر حال ۾ اسانکي وڙهڻيون آهن.

شَلَ اسانجون اکيون کُليون رهن تہ جيئن اسان اهو ڀَسي سگهون تہ اسانجا ڏينهن بہ هيمشه هڪجهڙا نہ ٿا رهن. هر ڏينهن پاڻ سان گڏ اسانجي جياپي لاءِ هڪ نئون معجزو آڻي ٿو.

اسانکي اها روشني عطا ڪر جيڪا دوستن جي ناڪاري صلاحن کي سمجهڻ ۾ اسانجي رهنمائي ڪري، جيتوڻيڪ اسان ڪائنڻ ڪا صلاح نہ بہ پُڇي هئي ۽ ڪين اها خبر ئي ناهي تہ ان

وقت اسانجي مَنَ ۾ ڪهڙو مانڊاڻ مَتَلَ هئو.

۽ جڏهن اسين ڪجهه به ڳالهايون ته، نه صرف اسين عام رواجي ڳالهايون پر ڏاهپ واريون ڳالهيون ڪندي اهو چوندا رهون ته، ”معجزا ڪڏهن فطرت خلاف ناهن ٿيندا، پر هميشه اسين ائين ان ڪري سوچيندا آهيون جو اسانکي فطرت جي قانونن جي ڄاڻ ناهي هوندي.“

اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ کان پوءِ اسين پنهنجو سيس نوائي اهو چئون ته، ”آءُ انڌو هئس، پر هاڻ ڏسي سگهان ٿو. آءُ گونگو هئس پر هاڻ ڳالهائي سگهان ٿو آءُ ٻوڙو هئس پر هاڻ ٻُڌي سگهان ٿو. ڇاڪاڻ جو خُدا پاڪ مونکي پنهنجي معجزي سان نوازيو آهي، ۽ هاڻ هر شئي جيڪا مون سمجهيو ٿي ته منهنجي هٿن مان نڪري وئي آهي سان واپس اچي چُڪي آهي.

معجزا هر شئي کي تبديل ڪري ان تان پڙدا هٽايو ڇڏن ٿا. پر اسانکي پردي جي پويان ڪا شئي ڏسڻ نه ٿا ڏين.

معجزا اسانکي موت جي پاڇولن کان بچائيندا آهن پر سرهائيءَ ۽ روشنيءَ جو رستو ناهن ڏيکاريندا.

معجزا بنا ڪُنجين جي استعمال جي، بند دروازا کوليو ڇڏين.

معجزن جي ڪري ئي تارا گرهن جي چوڌاري گردش ڪندا رهن ٿا ته جيئن اهي ڪائنات ۾ هيڪلائي محسوس نه ڪن، اهي ئي تارا گرهن کي پاڻ ۾ ٽڪرائي تباهه ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ هڪٻئي کا مفاصلي تي رکن ٿا.

معجزا اناج کي ڪجهه محنت کانپوءِ کاڌي ۾، انگورن کي ڪجهه صبر کانپوءِ شراب ۾، ۽ ميسارجي ويل خوابن جي واپس اچڻ کانپوءِ موت کي زندگيءَ ۾ تبديل ڪن ٿا.

تنهنڪري، اي اسانجا معبود! اسانکي اج به هر ڏينهن جيان ڪو معجزو عطا ڪر. ۽ انهن معجزن کي اسين پوءِ به جيڪر سُڃاڻي نه سگهون ته به اسانکي پار اڪارِ.

❊❊❊

هڪ شخص جيڪو شهر ٻاهران اينڊرَ جنگلي گيتَن جا آواز ٻُڌي پنهنجي ڪُتُب لاءِ فڪرمند هوءِ تنهن چيو :

”اسانکي ڳڻتيءَ بابت ڪجهه ٻُڌايو.“

**قبطيءَ** وراڻيو:

ڳڻتي ڪرڻ غلط ناهي. جيتوڻيڪ، اسين اپاڻهار جي مُقرر ڪيل وقت ۾ هير ڦير نہ ٿا ڪري سگهون. انساني فطرت آهي تہ هو جنهن بہ شئي جي طَلبَ ڪري اها ڪيس سُتَت ئي ملي وڃي. يا وري ان شئي مان جند آجي ٿي وڃي جيڪا ان لاءِ خوف جو ڪارڻ آهي.

اهو عمل ننڍپڻ کان ئي جاري رهي ٿو ايسيتائين جو اسين ان عمر ۾ پهچي وڃون ٿا جنهن ۾ اسين زندگيءَ کان لاپرواهہ ٿيو پئون. ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن اسين لڳاتار حالَ ۾ اٽڪيل رهنداسون تہ اسانکي ڪنهن نہ ڪنهن شخص يا ڪنهن نہ ڪنهن شئي جو هميشه انتظار رهندو.

هڪ جوش ۽ جذبي سان ڀرپور دل ، ٻي اوني، ٻي ڊَپي ٿي سانت ئي سانت ۾ قدرت جي معجزن جو مُشاهدو ڪيئن ٿي ڪري سگهي؟

ڳڻتي محبت جو حصو آهي. تنهنڪري ڳڻتيءَ جو ڪارڻ محبت کي نہ سمجهڻ گهرجي.

هڪ اهڙي شخص کي آٿت ڪيئن ڏئي سگهجي ٿو جنهن پنهنجي ميڙي چونڊي ۽ پنهنجي زندگي پنهنجن خوابن جي ساڀيا ماڻڻ ۾ سيڙائي ڇڏي، پر اجا بہ کيس ڪو ڦَلُ نہ مليو. هڪ هاري پوک جي پچڻَ لاءِ مُنڊن ۾ ڦير گهير تہ نہ ٿو ڪري سگهي، پر هو بہ صبريءَ سان لاباري جي مُند جو انتظار ڪندو رهي ٿو.

هڪ ويڙهاڪ کي ويڙهہ کان پهريان ڪيئن آٿت ڏجي؟ ان گهڙيءَ جي لاءِ تہ هن جيءُ جهوريندڙ مَشقون ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي، پوءِ ايتري تياري هوندي بہ کيس سندس ڪوشش جي اَڪارت وڃڻ جو اُلڪو رهي ٿو.

ڳڻتيءَ جو جنم بہ ان مَهَلَ ئي ٿيو هو جنهن مَهَلَ انسانذات جو جنم ٿيو هو. هاڻ ڇاڪاڻ جو اسين ڪڏهن بہ انکي وَسَ ۾ نہ ٿا ڪري سگهون، تنهنڪري اسانکي ان سان گڏ رهڻ سکڻو پوندو بالڪل ائين جيئن اسان طوفانن سان گڏ رهڻ سکيو آهي. جيڪي اهو نہ ٿا سکي سگهن، انهن لاءِ زندگي هڪ پوائتو خواب بڻجي وڃي ٿي ۽ ڏينهن جي هڪ هڪ گهڙي عذاب بڻجيو پوي جنهن لاءِ کين هر وقت شڪر گذار رهڻ گهرجي. هو اهو ئي چاهين ٿا تہ وقت تيزيءَ سان گذرندو

رهي، پر ڪين اهو بہ ڏيان نہ ٿو رهي تہ ان سان هو موت ڪي پڻ ويجهو ٿيندا وڃن ٿا.

اجا بہ وڏيڪ خراب صورتحال تڏهن پيدا ٿيندي آهي جڏهن ڳٽتين ڪان پڇڻ جي ڪوشش ۾ هو ڪو نہ ڪو اهڙو عمل ڪري ويهندا آهن جيڪو ڪين وڏيڪ ڳٽتيءَ ۾ مبتلا ڪري وجهندو آهي.

پٽ جي گهر ورڻ جي اوسيئڙي ۾ هڪ ماءُ جي مَنَ ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن وَسوِسا پيدا ٿيندا آهن.

هڪ عاشق سوچيندو آهي تہ، ”منهنجو محبوب منهنجو آهي ۽ آءٌ ان جو آهيان. پر جڏهن مون ڪيس گهريو تہ هو مونکي حاصل ٿي نہ سگهيو. هر ماڻهو منهنجن سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ ناڪام ويو تڏهن منهنجي ڳٽتي آنڌ مانڌ ۾ تبديل ٿي وئي.“

هڪ مزدور جڏهن مزدوري ملڻ جي اوسيئڙي ۾پاڻ ڪي بين ڪمن ۾ مصروف رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ اها ڳالهہ هن لاءِ وڏيڪ اوسيئڙي جو باعث بڻجيو پوي. هڪ ننڍڙي ڳٽتي پالڻ هن لاءِ سولو هو پر جڏهن هو پاڻ لاءِ وڏيڪ ڳٽتيون پالڻ شروع ڪري ٿو تہ هو اگهاڙي آسمان هيٺان تارن ۽ پنهنجن ٻچڙن ڪي ڪيڏندي ڏسڻ ڪان بہ محروم ٿيو پوي. پوءِ اها ماءُ، اهو عاشق، ۽ مزدور، نا اُميدين سبب زندگي گهارڻ جو حوصلو ئي وڃايو ويهن; هو صرف افواهُن تي پنهنجي اوسيئڙن جون شڪايتون ڪندا رهن ٿا. دوستن، گهر وارن ۽ گڏ ڪم ڪندڙن سان سندن رويو بہ رُکو ٿيو پوي. سندن ڪاڻ پيئڻ جون عادتون پڻ مَتجيو وڃن. پوءِ يا تہ هو ضرورت ڪان وڏيڪ ڪاڻ لڳن ٿا يا وري ڪين ڪجهہ بہ نہ ٿو وڻي. سندن راتين جون ننڊون ڦِٽيو پون. هي اهو ئي وقت آهي جڏهن ڳٽتيون هڪ اهڙو نقاب اُٿن ٿيون جنهن مان صرف روح جون اکيون ئي ڀِسي سگهن ٿيون. ۽ ان وقت روح جو اکيون ٿڪاوٽ سبب لُڙاتجيو پون. ان موقعي تي انسانذات جو ازلي دشمن ”سوداءُ“ نازل ٿئي ٿي. چوي ٿو تہ، ”هاڻ اوهانجي قسمت منهنجي هٿ ۾ آهي. آءٌ اوهانکي اهڙيون شيون ڏيکاريندس جن جو وجود ئي ناهي. اوهانجون خوشيون بہ هاڻ منهنجي هٿ ۾ آهن. هاڻ ڪان اوهانجي دل بي سُڪون رهڻ لڳندي، ڇاڪاڻ جو ان مان اُتساهُ ڪي ڪڍي آءٌ انجي جاءِ وٺندُس. آءٌ پوري دنيا ۾ ڊپ ۽ هراس پکيڙي ڇڏيندُس پوءِ اوهان هر وقت بنا ڪنهن سبب جي ڊِنَل رهندئو. اوهانکي ان ڊپ جو سبب ڄاڻڻ جي بہ ضرورت ناهي، اوهانکي بس ڊنل رهي پنهنجي ڊپ کي اجا وڌائڻو آهي. اوهانجي ڪِرتِ جيڪا اڳ ۾ ۾ بليدان هئي، تنهن کي پڻ مون پنهنجي وَسَ ۾ ڪري ڇڏيو آهي. ماڻهو اوهانجي جَفاڪشي ڏسي اوهانجا مثال ڏيندا. ۽ اوهان وري مُرڪندي سندن شڪريو ادا ڪندا رهندئو. پر اوهانجي دل ۾، آءٌ اهو چوندو رهندس تہ اوهانجي ڪِرتِ هاڻي منهنجي وَسَ ۾ آهي، ۽ آءٌ ان ڪي استعمال ڪندي اوهانکي هر شئي ۽ هر ماڻهوءَ، دوستن توڙي اولاد ڪان ايتري تائين جو اوهانکي پنهنجي پاڻ ڪان بہ پري ڪري ڇڏيندس. آءٌ اوهانکي پنهنجي وَسَ ڪان وڏيڪ جفاڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندس تہ جيئن اوهانکي ٻيو ڪجهہ سوچڻ جو موقعو نہ ملي، ۽ اوهان ملي جُلي رهڻ ئي ڇڏي ڏيو.

اوهانجي محبت. جيڪا اڳ ۾ روحاني قوت جو ڏيک هئي، سا ٻه هاڻ منهنجي وَس ۾ آهي.
هاڻ اوهانجي محبوب لاءِ هڪ لمحو ٻه پري رهڻ ناممڪن ٿي پوندو. چاڪاڻ جو آءٌ اوهانکي سندس بابت سوداءُ ڏئي ڇڏيندس. اوهانجو پُٽ، پنهنجي مرضيءَ واري زندگي گهاري رهيو هو سو ٻه هاڻ منهنجي وَس ۾ آهي. آءٌ اوهانجي دل ۾ سندس لاءِ اجايو وَهَم پيري ڇڏيندس ته جيئن اوهان ڪيس پنهنجي ويجهو رکو جنهن سان هن جي دل مهم جوئين ۾ جوکم جا ڪم ڪرڻ تان ڪجي ويندي. جڏهن هو اوهانکي ناخوش ڪندو تڏهن هو اوهانجي اميدن تي پورو نه لهڻ جي ڪري پاڻ کي ڏوهي سمجهندو رهندو.

تنهنڪري، پلي ڪٽي ڳٽتي زندگيءَ جو حصو چو نه هجي، پر ان کي پاڻ تي حاوي ٿيڻ نه ڏيو.

جڏهن ڳٽتي اوهانجي ويجهو اچي ته کيس چئو ته،" آءٌ سڀاڻ لاءِ فڪرمند ناهيان. چاڪاڻ جو خدا پاڪ منهنجي مدد ڪندو."

جيڪڏهن ڳٽتي اوهانکي ان ڳالهه تي آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته هڪ ڪان وڏيڪ نوڪريو ڪرڻ سان زندگي خوشگوار گُذرندي، ته کيس چئو "آءٌ تارن کي تَڪي سُڪون وٺڻ چاهيان ٿو ته جيئن پنهنجي نوڪري صحيح نموني ڪري سگهان."

جيڪڏهن ڳٽتي اوهانکي بُکن جي ديوَ کان ڊيجارڻ لڳي، ته کيس چئو "زندگي گذارڻ لاءِ صرف ڳيپي جي ضرورت ناهي، پر هر ان حڪم جو آڏر ڪرڻ جي ضرورت پڻ آهي جيڪو اپاٽَهار اسان لاءِ فرمايو آهي."

جيڪڏهن ڳٽتي اوهانکي چئي ته اوهانجو محبوب واپس نه ايندو ته کيس چئو "منهنجو محبوب منهنجو آهي ۽ آءٌ هن جو آهيان. هوءَ نديءَ پر پنهنجو ڌڻُ چاري رهي آهي، ۽ آءٌ پري ڪان ٻه سندس گيت ٻُڌي رهيو آهيان. جڏهن هوءَ گهر موٽندي ته ٿَڪَلَ ۽ خوش هوندي، ۽ آءٌ هن جي لاءِ ماني ناهيندُس ۽ کيس سُمهندي ڏسندس.

جيڪڏهن ڳٽتي اوهانکي چئي ته اوهانجي پُٽ کي اوهان جي محبت جي بدلي ۾ اوهان لاءِ ڪو مانُ ناهي ته کيس چئو "حد کان وڏيڪ سنڀار روح ۽ دل کي تباهه ڪريو ڇڏي، چاڪاڻ جو زندگي گهارڻ هڪ جُرائت وارو ڪم آهي، ۽ جرائت وارو ڪم هميشه محبت سان سرانجام ڏئي سگهجي ٿو."

اهڙي طريقي سان اوهان ڳٽتين کي پاسيرو ڪري سگهو ٿا. اهي ڪڏهن ختم ته نه ٿينديون پر، زندگيءَ ۾ وڏي کان وڏي دانائي ان ڳالهه کي سمجهڻ ۾ آهي ته اسين انهن شين کي وَس ۾ ڪري سگهون ٿا جيڪي اسانکي وَس ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون.

***

”اسانکي مستقبل بابت ڪجھ ٻڌاءِ.“

ھڪ نوجوان پڇيو.

***قبطيءَ*** وراڻيو:

اسين سڀ اِھو ڄاڻون ٿا تہ مستقبل ۾ ڪير اسانجو انتظار ڪري رهيو آهي: اهوئي اَڻ ڳُھريو مهمان(موت). جيڪو ڪنهن بہ وقت بنا ڪنهن چتاءَ جي پهچي چوندو“مون سان گڏيو اچ.” پوءِ نہ چاهيندي بہ اسانکي ساڻس وڃڻو پوندو. ڇاڪاڻ جو ان وقت اسان وٽ ٻي ڪا واهَ نہ هوندي. ان ويلي اسانجي وڏي ڪان وڏي خوشي يا وڏي کان وڏو غمُ بہ ماضيءَ ڏانهن وڃي ان سوال جو جواب ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو تہ، ”ڇا مون پنهنجي حصي جو پيار ونڊيو؟“

اسانکي محبت ضرور ڪرڻ گھرجي. آءٌ صرف هڪ انسان جي ٻئي انسان لاءِ محبت بابت نہ ڳالهائي رهيو آهيان. اها محبت جنهن ۾ پنهنجو پاڻ کي، معجزن، ڪَٿڻ يا هارائڻ، مطلب تہ هر اها شئي جيڪا روز اسان سان پيش اچي ٿي، جي حوالي ڪري ڇڏجي.

اسان تي چار ڳُجهيون قوتون هميشھ اثر انداز رهن ٿيون: محبت، موت، طاقت ۽ وقت.

محبت ضرور ڪرڻ گھرجي ڇاڪاڻ جو اپاڻُھار بہ اسان سان محبت ڪري ٿو.

جيڪڏهن اسين زندگيءَ جي حقيقت کي سمجھڻ لاءِ تيار آهيون تہ اسانکي موت جي حقيقت جي ڄاڻ پڻ هجڻ گھرجي.

اڳتي وڌڻ لاءِ اسانکي جفاڪشي بہ ڪرڻ گھرجي، پر ان مان حاصل ٿيندڙ طاقت جي ڪوڙڪيءَ مان پڻ بچڻو پوندو. ڇاڪاڻ جو اهڙي طاقت ڪنهن بہ ڪم جي ناهي.

آخر ۾، اسانکي اها حقيقت پڻ تسليم ڪرڻ گھرجي تہ، اسانجو روح جيتوڻيڪ دائمي آهي، پر هن گهڙيءَ اِهو وقت جي ڄار ۾ قاثل آهي.

اُها خواهش، جيڪا اسانجو خواب آهي، ۽ روح ۾ لِڪل آهي، پر ٻاهر اچي نہ سگهي: اُنَ خواهش کي اُتي رکيو هو. ۽ اها پوتر مُحبت آهي جيڪا اسانجي خوشي چاهي ٿي. انڪري جو هن اسانکي پنهنجي خوابن جي ساڀيا ۽ خواهشن جي تڪميل ڏيڻ چاهي.

جڏهن اوهان ڪنهن مشڪل وقت مان گذري رهيا هجو تہ اهو ياد رکجو تہ: پلي اوهانکي

ڪنهن وڏي جنگ ۾ شڪست چو نہ ملي هجي، پر اوهان اڃا بہ زنده آهيو ۽ موجود آهيو. اها ئي ڪاميابي آهي، هاڻ اڳتي وڏي پنهنجو مقصد حاصل ڪري ڏيکاريو.

پنهنجي چوڌس هر شئي کي محبتن جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو. اهو ظاهر ڪري ڏيکاريو تہ اوهان مسڪينن جو ڪيترو خيال رکو ٿا، چاڪاڻ جو هو اوهانجي سخاوت جي وَڙَ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين ذريعو آهن. انهن اميرن جو پڻ خيال رکو جن جو ڪنهن بہ شئي تي ڀروسو ناهي، اناج سان ڀريل گُنديون ۽ مال ملڪيت سان سَٿيل تجوڙيون هجڻ جي باوجود بہ هو هيڪلائين کان آجا ناهن.

اهي جيڪي اوهانجي ويجهو آهن انهن کي پنهنجو قرب ڏيڻ جو موقعو ڪڏهن بہ هٿان وڃڻ نہ ڏيو چاڪاڻ جو اسين هميشهہ کين خوش ڏسڻ چاهيندا آهيون.

محبت ڪيو چاڪاڻ جو انجو فائدو ڀهريون اوهان کي ئي پهچڻو آهي. اوهانجي چوڌاري دنيا اوهانکي ان جو ثمر ڏيندي، پوءِ ڀلي اوهانکي اهو چو نہ چوڻو پيو هجي تہ“ دنيا منهنجي محبت کي سمجهي نہ سگهي.“

محبت کي سمجهڻ جي نہ پر ظاهر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

تنهنڪري مستقبل ۾ جيڪي ڪجهہ بہ آهي ان جو سمورو دارومدار اوهانجي محبت ڪرڻ جي صلاحيت تي آهي. ۽ ان لاءِ اوهانجو پاڻ تي ڀرپور اعتماد هجڻ پڻ ضروري آهي. ٻين کي اهو چوڻ جي موقعو نہ ڏيو تہ ”هي رستو صحيح آهي يا هو ڀيچرو صحيح آهي.“

اپاڻُهار جو اسان لاءِ وڏي ۾ وڏو تحفو اسانجي فيصلي ڪرڻ جي صلاحيت آهي.

اسانکي نئيڻ کان ئي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪي اسين چاهيون پيا سو ناممڪن هو. پوءِ جيئن وڏا ٿياسين تہ اسان وٽ ساڙ ڊپ ۽ پڇتاءَ بنا ٻيو ڪجهہ نہ هو. پاڻ کي انهن شين کان آجو ڪري ڇڏيو سپاٽي نہ، اڄ رات نہ ٻَلڪِ هاڻي جو.

جيئن مون چيو هو تہ اسان مان ڪيترائي ان ڳالهہ جا قائل آهن تہ پنهنجي خوابن جي ساڀيا پويان ڊوڙندي اسين انهن کي ڇيهو رسايو وجهون جن سان اسين محبت ڪريو ٿا. پر اُهي جيڪي اسان جي بهتري ۽ اسانجي خوشي چاهيندا، هاڻ اسانکي ڪڏهن بہ اڳتي وڌڻ کان نہ روڪيندا، اگ ڀلي هنن اسانکي طعنن ، واعدن ۽ ڳوڙهن سان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي هجي.

ايندڙ وقت جون مُهم جوئيون رومان سان ڀرپور هجڻ گهرجن، چاڪاڻ جو دنيا کي ان جي ضرورت آهي، تنهنڪري، پنهنجي گهوڙي تي وينئي سفر دوران پاڻ کي آزاد تصور ڪيو ۽ پنهنجي مُنهن تي ٿڏڙي هير محسوس ڪيو.

اهو نہ وسارجو تہ اوهان کي تمام وڏو پنڌ اڪرڻو آهي. پر جيڪڏهن اوهان پوري طرح ان جي رومان ۾ گُم ٿي ويئو تہ اوهان ڪِري پوندئو. جيڪڏهن اوهان پاڻ کي ۽ پنهنجي گهوڙي کي وقتي طور آرام نہ ڏيندئو تہ اوهان جو گهوڙو ٻُڪ ۽ اُڃ وِڳهي مري پوندو.

ٿڌڙي هيرَ مان ڀلي لُطف وٺو پر پنهنجي گهوڙي کي نہ وساريو.

۽ جڏهن اوهانکي اهو لڳي ته هر ڪم بهتر ٿي رهيو آهي ۽ اوهان جو خواب اوهان جي هٿن ۾ اچڻ وارو آهي، ته هيءَ ئي اُها گهڙي آهي جنهن ۾ اوهان کي وڏيڪ مُحتاط ٿيڻو پوندو. چاڪاڻ جو جڏهن اوهانجو خواب اوهانجي وَس ۾ اچڻ وارو هوندو آهي ته ان وقت اوهان تي ڪنهن نه ڪنهن پڇتاءَ جو زوردار حملو ٿيندو آهي.

اوهان اهو مشاهدو ڪندئو ته اوهان ان جاءِ تي پهچي چڪا آهيو جِتِ ورلي ڪو پهچي سگهيو هوندو ۽ ان وقت اوهانکي اهو خيال ايندو ته جيڪو ڪجهه زندگيءَ اوهانکي ڏنو آهي اوهان ان جا مُستحق ئي ناهيو. اوهان کان اهي سڀ رُڪاوٽون، اُهي قربانيون ۽ مشڪلاتون وسري وينديون. ۽ ان پڇتاءَ ڪارڻ اوهان پنهنجيون سڀ محنتون برباد ڪري سگهو ٿا جن جي سبب اوهان ايڏو ڏُور پهچي سگهيا آهيو.

اها ئي سڀ کان وڏي رُڪاوٽ آهي، چاڪاڻ جو ڪاميابيءَ کي ڏُتارڻ وارن جو وري اچا ڪو بيو پاڪيزه مقام آهي.

پر جيڪڏهن ڪو شخص اهو سمجهي ٿو ته هو ان شئي جو مستحق آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن جهجهو لوڙيو آهي، ته ڪيس ضرور اهو احساس ٿيندو ته هو ان مقام تي اڪيلي سر نه پهتو آهي پر ان ۾ اپائنهار جي به مرضي شامل هئي.

صرف اهو ئي شخص پنهنجي اهميت سمجهي سگهي ٿو جنهن کي پنهنجي ڪنيلَ هر وِڪَ جي اهميت جو اندازو هوندو.

❋❋❋

هڪ شخص جيڪو ليڪ هوءِ قبطيءَ جي هر ڳالھ کي غور سان ٻڌندو لکندو ٿي ويو. گھڙي کن لاءِ ساهي پٽي ڪنهن سوچ ۾ غرق ٿي ويو، ائين ٿي لڳو ڄڻ هو ڪو خواب ڏسي رهيو هجي. ڇو ته ڪ ۾ اُٻاٽڪا ڇهراءِ مذهبي رهنما جيڪي اهي ڳالهيون ٻڌي رهيا هئا، سڀ سنڌس ان خواب جو حصو ٿي لڳا. هو واقعي اهڙي قسم جو ڪو مشاهدو ڪري رهيو هو يا نه اها ڳالھ سنڌس هن سوال مان ثابت ٿي وئي:

”وفاداريءَ بابت اسانکي ڪجھ ٻڌايو.“

**قبطيءَ** وراڻيو:

وفاداريءَ کي هڪ نفاست سان سجايل گُلدانن جي هَٽَ سان ڀيٽي سگھجي ٿو اهڙو هَٽُ جيڪو صرف محبت جي ڪُنجيءَ سان کُلي ٿو. هَٽَ جي الماڙيءَ ۾ رکيل هر گُلدان خوبصورت لڳي ٿو ڇا ڪاڻ جو اتي موجود سڀ گُلدانَ انسانن وانگي، مِينهَن جي ڦُڙن وانگي، ۽ جابلو پٿرن وانگي هڪٻئي کان مختلف آهن.

وقت گُذرڻ سان يا وري ڪنهن ٻئي ڪارڻ سبب جيڪڏهن ان الماڙيءَ کو نقصان پهچي ٿو ۽ گُلدانن ۾ ڏَرَڙَ اچيو وڃن ته ان وقت هَٽائيءَ جي مَنَ ۾ اها ئي ڳالھ اچي ٿي ته: ”مون پنهنجي حياتيءَ جا ڳچ ورهيه ۽ پنهنجي محبت ان کي جوڙڻ ۾ صَرف ڪري ڇڏِيِ، پر هاڻ انهن گُلدانن مون سان ويساھ گھاتي ڪئي آهي.“

پوءِ هَٽائي پنهنجو هَٽُ وڪڻي هليو ٿو وڃي. هو هيڪلو ۽ جيءَ مان بيزار اهو خيال ڪندو وتي ٿو ته هاڻ هو ڪنهن تي به ويساھ نه ڪندو.

نيڪ آهي ته ڪجھ گُلدانن کي نقصان رسيو – وفاداريءَ جو هڪ واعدو وفا نه ٿيو. پر ان صورت ۾ بهتر اهو ئي رهندو ته انهن ٽُڪرن کي ٻُهاري اُڇلائي ڇڏجي ڇاڪاڻ جو اهي ٽُڪرا ٻيهر پنهنجي اصل حالت ۾ ته اچي ڪونه سگھندا.

پر ڪڏهن ته الماڙيءَ کي نقصان پهچڻ جو سبب انسان جي سوچ سمجھ کان چڙهيو وڃي: اهو هڪ زلزلي جي سبب به ٿي سگھي ٿو ڪنهن دشمن جي ڪاھ سبب، يا هَٽَ ۾ داخل ٿيندڙن مان ڪنهن جي ڪوتاهيءَ سبب به ٿي سگھي ٿو.

پاڻ سان پيش ايندڙ مسئلن جو الزام اسين هڪٻئي تي مڙهيندا رهندا آهيون، ۽ اهو پڻ چوندا آهيو ته: ”ڪير ته ان ڳالھ جو خيال رکي ها ته ڇا ٿيڻ وارو آهي.“ يا ”جيڪڏهن ذميواري مون تي هجي ها ته مسئلا ئي پيدا نه ٿين ها.“

پر حقيقت ته حقيقت آهي. اسين سڀ وقت جا قيدي آهيون، ۽ اسانجو ان تي ڪو وَسُ

ناهي.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ اها الماڙي جنهن ڪي نقصان رسيو هو سان پيهر جُڙي تيار ٿئي ٿي. گُلدانن کي پيهر ان ۾ رکيو ويجي ٿو. نئون هَٿائي اها ڳالهه سمجهي ٿو ته ڪُجهه ختم نه ٿيو آهي، ۽ مُشڪندي چوي ٿو ته: ”ان حادثي مون لاءِ هڪ موقعو پيدا ڪيو ۽ آءُ ان موقعي مان پرپور فائدو وٺندُس. آءُ فَنَ جا اهڙا نمونا دريافت ڪندس جن جو اڳ وجود ئي نه هو.“

نفاست سان سجايل گُلدانن جي وڪرو ڪندڙ هَٿَ جي خوبصورتيءَ جو سبب ئي اهو آهي ته هر گلدان منفرد آهي ۽ جڏهن انهن کي هڪٻئي سان گڏ رکجي ٿو ته انهن ۾ هڪجهڙائي لڳي ٿي ۽ هر گُلدان مان ڪُنڀرَ جي محنت ۽ چِترڪارَ جي فَنَ جو اولڙو اچي ٿو.

فَنَ جو هر نمونو اهو چئي ٿو ته: ”آءُ هتان ٻاهر نڪري ماڻهن جي توجهه چاهيان ٿو.“ پر جنهن وقت هو اها ڪوشش ڪري ٿو ته ڪيس نقصان پهچي ٿو ۽ هو پنهنجي قيمت وڃايو ويهي. ۽ اهو عمل گُلدانن جيان اسان انسانن سان پڻ ٿئي ٿو. قبيلن ۾ ٻيڙيُن ۾ وڻن ۾ تارن سان پڻ اهوئي ساڳيو عمل ٿيندو رهي ٿو.

جڏهن اها ڳالهه اسانکي سمجهه اچي ويجي ٿي ته پوءِ اسين پنهنجي پاڙيسريءَ جي پير ۾ ويهي سندس ڳالهيون اطمينان سان ٻڌئون ٿا ۽ پاڻ به اهڙيون ڳالهيو ڪيون ٿا جيڪي هو ٻڌڻ چاهي ٿو ۽ اسان مان ڪير به هڪٻئي تي پنهنجي ڳاله نه ٿو مڙهي.

انهن جبلن کان ڏور جيڪي قبيلن کي جُدا ڪن ٿا، انهن فاصلن کان ڏور جيڪي جسمن کي جدا ڪن ٿا، هڪ جذبن جي دنيا آهي ۽ اسين ان دنيا جو حصو آهيون. جنهن ۾ ماڻهن جي پُڇُ پُڇَ سان پريل ڪي به ڳليون ناهن، اُتي صرف وڏا وڏا اعوان آهن جيڪي ڏورانهين شين کي ڳنڍين ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن شين کي پهتل نقصان جي مرمت پڻ ڪن ٿا.

تنهنڪري، ناڪام عاشق کي ڪڏهن به اَويساهيءَ مان نه ڏٺو ويجي، چاڪاڻ جو سندس هر وِکَ ۾ وفاداري هجي ٿي.

۽ اهو شخص جيڪو اسان تي مڙهيل جنگ سبب ڪالهه دشمن تي لڳو هاڻ اهو سڄڻ لڳندو چاڪاڻ جو جنگ ختم ٿي چڪي آهي ۽ زندگي اڳتي وڌڻ شروع ڪري ڏنو آهي.

اولاد جيڪا ڪالهه زندگي جا مُشاهدا ۽ نوانن تجربا ڪرڻ لاءِ گهران رواني ٿي هئي، آخرڪار موٽي ٿو. سندس پيءَ سندن آجيان ڪندي پنهنجي نوڪرن کي چوي ٿو ته بهترين لَتا، مُنڊي ۽ نوان جوتا ڪڍي ڪيس پهرايو. چاڪاڻ جو منهنجي پٽ کي پيهر جيئدان مليو آهي ۽ هاڻي مون ساڻ آهي.

***

هِڪ شخص جنهن جا پرئون سندس عمر وانگي ڪري رهيا هئا ۽ سندس جسم تي موجود ڦَٽن جا نشان سندس ويڙهاڪ هجڻ جو داستان ٻُڌائي رهيا هئا. تنهن چيو : ”اسانکي ڪجهه اهڙن هٿيارن بابت ٻڌايو جيڪي سڀ ڪجهه ختم ڪري وجهن ٿا ۽ ڪانپوءِ به ڪنهن ڪم جا نه رهن.“

***قبطيءَ*** وراڻيو:

جتي وفاداري هوندي آهي اُتي هٿيار استعمال نه ٿيندا آهن. هٿيار شيطان جا اوزار آهن. ڪو به سياڻو ماڻهو هٿيارن جو استعمال ناهي ڪندو.

وفاداريءَ احترام مان جنم ورتو ۽ احترام محبت جو ثمر آهي، ۽ محبت اهڙن شيطاني خيالن کي ختم ڪيو ڇڏي جيڪي هر شئي ۽ هر انسان مان ويساهه کڻايو ڇڏين. ۽ نتيجي ۾ اسان جو روح پَوِتر ٿيوپوي.

جڏهن ڪو سياڻو شخص ڪنهن کي ڪمزور ڪرڻ چاهيندو آهي ته، پهريائين هو اڳلي کي سندس سگهاري هجڻ جو يقين ڏياريندو آهي. تنهن ڪانپوءِ اُهو شخص پاڻمرادو ئي ان يقين جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسيو پوي ۽ هو پاڻ کان وڌيڪ ڪنهن سگهاري شخص سان مُهاڏو اٽڪائي برباد ٿيو پوي.

جڏهن سياڻو شخص ڪنهن کي هيٺانهون ڏيکارڻ چاهيندو آهي ته هو پهريائين انکي ان ڳالهه تي سهمت ڪندو آهي تو هو دنيا جي اُوچي چوٽي تي به چڙهي سگهي ٿو جيڪا ڳالهه ڪيس سگهاري هجڻ جو اولڙو ڏيندي آهي. پر انکانپوءِ ڪيس اهو گُمان ٿيندو ته هو اجا به اُوچو وڃي سگهي ٿو ۽ ان صورت ۾ هو پاڻ ئي اچي کڏ ۾ ڪِرندو آهي.

جڏهن سياڻي شخص جي نظر ڪنهن اهڙي شئي جي لاءِ واجهائيندي هجي جيڪا ڪنهن ٻئي وٽ هجي ٿي، تڏهن سياڻو شخص ڪيس ڪيترائي تحفا ڏيو ڇڏي. پوءِ اهو شخص انهن تحفن جي سنڀار ۾ پاڻ وٽ موجود باقي هر شئي وساري ويهندو آهي ۽ بس انهن خوش فهمين ۾ ئي غرق رهندو آهي ته وٽس ڇا ڇا نه آهي.

جڏهن ڪو سياڻو شخص ان ڳالهه جو اندازو نہ لڳائي سگهي تہ سندس مُخالف ڪهڙيون رٿابنديون ڪري رهيو آهي، تڏهن هو حملي جو ڍونگ ڪندو آهي. ۽ جيئن تہ اسين هميشهہ پنهنجي دفاع لاءِ تيار هوندا آهيون ۽ اسين سڀ ان خوف وچان زندگي گهاريندا رهندا آهيون تہ اسين ڪنهن بہ ڪي ڪونہ وڃون.

سندس مُخالف وري ان وقت هوشيار ٿي ويندو آهي، پر تي سگهي تو تہ هو سندي دفاع لاءِ ڪو قدم کڻي وٺي. ان صورت ۾ هو پنهنجا هٿيار ظاهر ڪريو ڇڏي، ۽ سياڻو شخص ان وقت سندس مخالف جي طاقت ۽ ڪمزورين جو اندازو لڳايو ڇڏي. رد عمل جي چڱيءَ ريت ڇاڻ هجڻ ڪانپوءِ سياڻو شخص يا تہ حملو ڪريو ڏئي يا پنهنجي دفاع لاءِ جوڳا اُپاءَ وٺي ٿو.

اهڙي ريت ڪمزور ۽ نماڻا نظر اچڻ وارا سگهارن کي زَير ڪيو ڇڏين.

تنهنڪري ڪڏهن سياڻا ويڙهاڪن کي بہ شڪست ڏيو ڇڏين، ۽ ڪڏهن وري ويڙهاڪ سياڻن کي شڪست ڏيو ڇڏين. پر ان صورتحال کان بچڻ لاءِ اَمن واري راهَ اختيار ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي ۽ انسانن جي وچ ۾ نفرتن جو باعث بڻجندڙ اختلافي ڳالهين کي حل ڪرڻ ۾ ئي سياڻپ آهي.

زخمي شخص کي پاڻ کان اهو سوال ڪرڻ گهرجي تہ، ”ڇا پنهنجي دل کي نفرتن جي وزن هيٺ ڪٽي هلڻ ڪا مناسب ڳالهه آهي؟“ هو ان سوال جي صورت ۾ محبت جي هڪ خاصيت جو استعمال ڪري رهيو آهي، جنهن جو نالو آهي درگُذر ڪرڻ. جيڪا ڪيس جنگ جي گرما گرميءَ دوران ٿيل ويڌن کا متاثهون ڪريو ڇڏي. بي عزتي وقت سان گڏ جلد ميساري ويچي ٿي، بالڪل ائين جيئن هوا واريءَ تي وِکُن جا نشان ميساريو ڇڏي.

جڏهن اوهان درگذر ڪيو ٿا، تہ بي عزتي ڪرڻ واري شخص کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿئي ٿو ۽ تنهن ڪانپوءِ هو وفادار بڻجيو پوي.

پوءِ اچو تہ انهن قوتن کي سمجهون جيڪي اسانکي هلائن ٿيون.

اصل سُورمو اهو ناهي جيڪو عظيم ڪارناما سرانجام ڏئي ٿو پر سورمو اهو شخص آهي جيڪو پنهنجي چوڌاري اعتماد ۽ وفادارين جي هڪ مضبوط پِتِ اڏي ٿو. ساڳئي نموني جڏهن هو پنهنجي دشمن کي موت کان يا ڪنهن بہ حملي کان بچائي ٿو تہ سندس اُهو عمل هميشه ياد رکڻ جهڙو بڻجيو پوي.

سچو عاشق اهو ناهي جيڪو اهو چوي ٿو تہ، ”توکي مون سان گڏ هجڻ گهرجي تہ جيئن آءٌ تنهنجي سار سنڀار رکي سگهان، ڇاڪاڻ جو اسان جو هڪٻئي تي اعتماد آهي“، پر سچو عاشق تہ اهو آهي جيڪو اها سوچ رکي ٿو تہ ”وفاداري“، ”آزادي“ سان هٿُ هٿَ ۾ ڪيو هلي ٿي. ۽ محبت تي يقين رکندي هو بنا ڪنهن ڏوکي جي ڊپ کان محبوب جي خوابن جو مان رکي ٿو.

سچو دوست اهو ناهي جيڪو چوي ٿو تہ، ”تو اڄ مونکي تڪليف پهچائي آهي ۽ ان ڪري آءٌ ڏکايل آهيان.“ پر سچو دوست چوندو، ”تو مونکي تڪليف پهچائي آهي، جنهن جو سبب آءٌ نہ ٿو ڄاڻان، شايد تون بہ نہ ڄاڻندو هجين، پر ڪڏهن تہ تون ضرور منهنجي مدد ڪندين.“

سندس دوست ڪيس ورائيندو ته، ”تون وفادار دوست آهين. چاڪاڻ جو تو پنهنجي مَنَ جي ڳالھ ڪئي آهي. ۽ ان کان وڌيڪ خطرناڪ ڪا ڳالھ ناهي ته جڏهن ڪو دوست وفاداريءَ جو غلط استعمال ڪري ٻئي جا عيب قبول ڪندو آهي.“

سڀ کان خطرناڪ هٿيارُ نيزو يا توپ ناهي، جيڪي زخمي ڪري سگهن ٿا يا ڪا پِٽ کيرائي سگهن ٿا. پر سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ هٿيار ”لفظَ“ آهن. جيڪي بنا رت وهائڻ جي سچي زندگي تباھ ڪريو ڇڏين. جن جا زخم پرجڻ جهڙا ٻـ ناهن هوندا.

پوءِ اچو تہ اسين پنهنجي زبان کي پنهنجي وَس ۾ ڪيون ۽ پاڻ کي لفظن جو غُلام ٿيڻ کان بچايون. پلي پوءِ اهي لفظ اسانجي مخالفت ۾ ئي چو نہ استعمال ٿيندا هجن. ان جنگ ۾ گهڙڻ ئي نہ گهرجي جنهن جو ڪو انت ئي ناهي. اها گهڙي جنهن ۾ اسين پاڻ کي پنهنجي دشمن جي برابر رکندا آهيون ان وقت حقيقت ۾ اسين اونداهيءَ ۾ وڙهي رهيا هوندا آهيون. ان وقت فاتح صرف اونداهين جو خُدا ئي هوندو آهي.

وفاداري واريءَ جي ذرڙن ۾ هڪ موتيءَ جيان آهي. جيڪي ان جو مطلب سمجهن ٿا اهي ئي انکي ڏسي سگهن ٿا. انڪري جهيڙي جو ٻج چِٽَرَ وارو ان جاءِ تان پلي هزار پيرا گذريو هجي پر ڪيس اهو ننڍڙو موتي ڪڏهن بہ نظر نہ ايندو جيڪو اتحاد جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

وفاداري ڪڏهن بہ طاقت، خوف، يا ڌمڪيءَ سان پيدا نہ ٿي ڪري سگهجي. اها تہ بس هڪ سندي چونڊ آهي جيڪو جذبن کي مضبوط ڪري ٿو.

۽ چاڪاڻ جو اها هڪ سندي چونڊ آهي انڪري ان ۾ ڏوکي جي گنجائش ناهي هوندي، پر اهو غلطين جو هميشه مانُ رکي ٿو.

۽ چاڪاڻ جو اها هڪ سندي چونڊ آهي انڪري اهو وقت سان گڏوگڏ هلندو رهي ٿو ۽ ڪُلفَتُن کي نظر انداز ڪندو رهي ٿو.

***

ميڙاڪيِ مان هڪ نوجوان جيڪو سع لئِي جو منظر ڏسڻ سان گڏ ان سوچ ويچار ۾

هو ته قبطيءَ سان هيءَ گڏجاڻي جاڻ ختم ٿيءِ ڪائنس پڇيائين :

”دشمنن بابت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟“

***قبطيءَ*** وراڻيو:

سپاهي ماڻهو ڪنهنجي جيئڻ يا مرڻ تي ڪو ڏک ڪونه ڪندا آهن.

تنهنڪري، ان جنگ کي قبول ڪيو جيڪا پئي ڏينهن اوهان جو انتظار ڪري رهي آهي، چاڪاڻ جو اسين دائمي روح مان نهيل آهيون تنهنڪري ڪڏهن اهو روح اسان لاءِ اهڙي قسم جون آزمائشون پيدا ڪندو رهندو آهي. اهڙن موقعن تي اجايا سوال پڇڻ نه گهرجن چاڪاڻ جو اهڙا سوال ويڙهاڪن جي جذبن کي پست ڪيو ڇڏين.

جنگ جي ميدان ۾ هڪ ويڙهو پنهجو پاڳ آزمائي رهيو هوندو آهي، ڪيس پاڻ کي پاڳ جي آڌار تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي. حيرت آهي انهن تي جيڪي چوندا آهن ته مَرو يا مَاريو! پر روحاني قوت کي ڪڏهن به ختم نه تو ڪري سگهجي؛ اها ته صرف پنهنجي صورت متائيندي آهي.

پراڻي زماني جي ڪنهن سپاهي جو چوڻ آهي ته:

”ان ڳالهه کي هڪ اعليٰ مقصد سمجهي قبول ڪيو ۽ اڳتي وڌندا رهو ته. رڳو زميني جنگين سان انسان جي بهادريءَ جو اندازو نه تو لڳائي سگهجي، چاڪاڻ جو پاڳُ ۽ سوپ به هوا جي رُخ جيان تبديل ٿيندا رهن ٿا. اڄ جو ناڪام شخص سپاهي جو ڪامياب شخص بڻجي سگهي ٿو پر ان لاءِ مانَ سان وڙهڻ ضروري آهي.

جيئن ڪو نئون ويس پهريندو آهي ته پراڻي کي اُڇلائي ڇڏيندو آهي، تيئن ئي روح به پراڻن جسمن کان آجو ٿي نوان جسم پهريندو آهي. اها ڳالهه ذهن ۾ رکي ڪري اوهان ڪڏهن به پنهنجي جسم بابت ڪو اونو نه ڪيو.

هيءَ اها ئي جنگ آهي جيڪا اڄ رات يا سپاڻي صبح اسانکي وڙهڻي آهي. جيڪي به ٿيو تاريخ ۾ لکجي ويندو. پر هاڻ جيئن ته اسين پنهنجي هيءَ گڏجاڻي ختم ڪرڻ وارا آهيون، انڪري اسين ان ڳالهه تي پنهنجو وقت ضايع ڪونه ڪنداسين.

آءُ اهڙن دشمنن بابت ڳالهائڻ چاهيان ٿو جيڪي اسانجي وچ ۾ آهن.

اسان سڀني کي زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي دشمنن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو پر سڀ کان وڌيڪ مشڪل اهڙن دشمنن کي مات ڏيڻ آهي جن کان اسين پوءُ محسوس ڪندا آهيون.

اسانکي زندگيءَ جي هر ڪِرتِ ۾ هر موڙ تي دُشمَنَ ملندا. پر سڀ کان خطرناڪ ڳالهه اها آهي ته هي اُهي ئي آهن جن کي اسين پنهنجو سڄڻ سمجهندا آهيون.

اسين سڀ ان وقت سخت تڪليف محسوس ڪندا آهيون جڏهن ڪير اسانجي مَانَ مرتبي کي ڇيهو رسائيندو آهي. پر اصل تڪليف جو ڪارڻ اُهي ٻٽبا آهن جن کي مثال ٻڌائي اسين سندن هر عمل جي پيروي ڪندا آهيون.

اسان مان ڪير به اهڙن ڏوڪيباز ۽ بهتان بازن کان بچي ته نه ٿو سگهي. پر. اهڙي قسم جي پيدا ڪيل صورتحال کان بچي سگهجي ٿو.

حد کان وڌيڪ مُخلص رويو رکندڙ ڪنهن وقت پٺ ۾ ڇُريءَ جو وار ڪري سگهي ٿو.

مخلص مرد يا عورت کي سندس خُلوص ڏيکارڻ جي ضرورت نه پوندي آهي. ڇاڪاڻ جو اڳيون مخلص شخص سندن خوبين ۽ خامين کان چڱيءَ ريت واقف هوندو آهي.

ڪنهن اهڙي شخص کان به محتاط رهڻ گهرجي جيڪو هر وقت اوهانکي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هوندو آهي.

ان تڪليف کان به محتاط رهڻ جي ضرورت آهي جنهن جو باعث اوهانجي بزدل ۽ مڪروهه دل بڻجي ٿي. جيڪا اوهانجي دنيا جو حصو اوهانجي مرضيءَ سان ئي بڻي. هيڪر ڪو ڪُڌو ڪم ٿي ويو ته پوءِ ڪنهن تي به ان جو الزام نه ٿو هڻي سگهجي. ڇاڪاڻ جو گهر جو دروازو ته گهر جو مالڪ ئي کوليندو آهي نه.

بهتان باز جيترو ڪمزور هوندو آهي اوترو ئي خطرناڪ هوندو آهي. اهڙن ڪمزور انسانن جي آڏو پاڻ کي عاجز نه ٻڌايو جن ۾ مضبوط انسانن سان منهن ڏيڻ جي همت نه هجي.

جيڪڏهن ڪير اوهانجي خيالن کي شَهَ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ته ان سان اڙجي وڃو ۽ جهيڙي کي قبول ڪيو ڇاڪاڻ جو جهيڙا ته اسانجي زندگين جي هر لمحي ۾ موجود آهن.

پر اهو جهيڙو پاڻ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجا خيال ٻين تي مڙهڻ لاءِ نه ڪيو. صرف ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ اڙجي وڃو ته اوهانجي نيت صاف ۽ روح پوتر آهن. پوءِ جڏهن جهيڙو ختم ٿي ويندو ته ته ٻئي ڌُريون فاتح بڻجي وينديون ڇاڪاڻ جو ٻنهي پنهنجي حدن ۾ قابليتن کي آزمايو.

پلي انهن مان ڪير به اگرائي ڪري چوي ته "منهنجي جيت ٿي". ۽ ٻيو ٿورو نراس ٿي سوچي ته ، "مون هارايو." هاڻ ڇاڪاڻ جو ٻنهي هڪٻئي جي همت ۽ روشن خياليءَ جو احترام ڪيو ۽ هاڻ اهو وقت ضرور ايندو جنهن ۾ هو ٻئي پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ ٿي ويندا. پوءِ پلي ان گهڙيءَ لاءِ ڪين هزار سال انتظار ڇو نه ڪرڻو پوي.

پر ان دوران جيڪڏهن ڪير اوهانکي پڙڪائي رهيو آهي ته ان تي ڌيان نه ڏريو ۽ اڳتي وڌو. ۽ ڪنهن قابل دشمن سان جنگ جوٽيو. ڪنهن اهڙي شخص سان جنگ نه جوٽيو جيڪو بس هيلن ٻهانن سان ختم ٿيل ڳالهه کي وڌائي رهيو آهي. اهڙيون حماقتون انهن ويڙهاڪن کان به نه ٿينديون آهن جن کي پنهنجي جنگ ۾ هجڻ جو صحيح مقصد معلوم هوندو آهي. هي ته انهن جا ڪم آهن جن کي ڪاميابي ۽ شڪست جي معنيٰ جي به خبر ناهي هوندي.

دشمن اهو ناهي جيڪو اوهانجي آڏو تلوار جهليو بيٺو آهي. دشمن ته اهو آهي جيڪو پويان خنجر لڪايو اوهان سان گڏ موجود آهي.

اهم جنگ اها ناهي جيڪا وڏي هوڏ سان وڙهي وڃي يا پاڳ سمجهي وڙهي وڃي. پر اهم جنگ تہ اها آهي جيڪا هن وقت هلي رهي آهي جڏهن اسين ڳالهائي رهيا آهيون جنهن ۾ جنگ جو ميدان اسانجا جذبا آهن جتي نيڪي ۽ بدي، مردانگي ۽ بزدلي، محبت ۽ ڏپ هڪٻئي جي آمهون سامهون ٿين ٿا.

ڪدورت جي بدلي ڪدورت نہ پر انصاف سان پيش اچو. دنيا دشمنن ۽ دوستن ۾ نہ پر هيٺن ۽ سگهارن ۾ ورهايل آهي. جتي سگهارن کي هميشھ ڪاميابي ملي ٿي. جڏهن تہ هيٺا بزدلن جي گروهہ تي پڌل هجن ٿا. ۽ ان ڳالهہ کان بي خبر رهن ٿا تہ شڪست تہ هڪ عارضي شئي آهي. انهن بزدلن مان وري اهڙا ماڻهو چونديا وڃن ٿا جيڪي لاچار هجن ٿا. پر جيڪڏهن اوهان ان گروهہ ۾ هجو تہ ڇا اوهان اهڙن عتابن کي قبول ڪيو ها؟

جيڪڏهن جواب ”ها“ آهي تہ اوهان پنهنجي ان چوندڊ مان پوري حياتي آجا ٿي نہ سگهندئو ۽ همت وارن فيصلن ۾ منهن ڏيڻ دوران اوهان پاڻ شڪار ٻڻجي پوندئو. اوهان پلي پوءِ هڪ فاتح جيان ڳالهايو پر اوهانجي اکين ۾ شڪست هر ڪنهن کي نظر ايندي.

جيڪڏهن جواب ”نہ“ آهي تہ پوءِ جُتي وڃو. مقابلو ڪرڻ ئي بهتر آهي ڇاڪاڻ جو مقابلي دوران آيل زخم جلد پرجيو وڃن. پوءِ پلي ان ۾ ڪجھ وقت لڳندو هجي.

اوهان ڪجھ راتيون اوجاڳا ڪري اهو سوچيندي گذاريندئو تہ ”مون سان ائين ٿيڻ نہ گهرجي ها.“

يا اهو سوچيندا رهندئو تہ هيءَ دنيا ڪيڏي نہ بيڪار آهي، ڇاڪاڻ جو ان اوهانجو اهو آڌر ڀاءُ نہ ڪيو جنهن جي اوهان اميد رکي ويٺا هئائو ۽ دوستن، محبوب ۽ مائٽن جي آڏو اوهانکي شرمندگيءَ کي منهن ڏيڻو پيو.

جيڪڏهن اوهان ثابت قدم رهيا تہ ڇَراخَن جو جُهڳِٽو اوهان کان اڳتي نڪري ڪنهن ٻئي شڪار جي ڳولا ۾ لڳي ويندو. ۽ اهڙن شڪارن کي بہ پنهنجي ڪِيتَي مان سبق سکڻو پوندو. ڇاڪاڻ جو ڪين ان مشڪل مان ڪيڙڻ لاءِ ڪير بہ سنڌن ويجهو نہ ايندو.

حقيقي دشمنَ تہ اوهانجي بهادريءَ جي پرک ڪندا آهن. پر هي تہ بزدل آهن جيڪي اوهانجون ڪمزوريون ڳوليندا رهن ٿا.

❊❊❊

رات ٿي چڪي هئي. قبطي اٿي ويٺل ٽنهي مذهبي پيشوائن ڏانهن مُڙيو جيڪي سندس ڳالهيون ڌيان سان ٻُڌي رهيا هئا. هُن کين سندن راءِ ڏيڻ لاءِ چيو.

ٽنهي هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

**ربيءَ** (يهودين جو مذهبي رهنما) هڪ قصي سان شروعات ڪئي:

جڏهن رَبيُن جي سردار يهودين سان ٿيندڙ ويڌن ڏٺي ته هو هڪ ٻيلي ۾ هليو ويو جتي هن پوتر باه ٻاري خدا کان ماڻهن جي تحفظ لاءِ هڪ خاص دعا ڪئي. پوءِ خدا وٽن هڪ معجزو موڪليو.

پوءِ سندس هڪ شاگرد ان ساڳئي ئي ٻيلي ۾ ساڳي جاءِ تي ويو ۽ چيائين ته "اي ڪائنات جا مالڪ، مونکي خبر ناهي ته اها پوتر باه ڪيئن ٻرندي، پر آءُ اها خاص دعا ڄاڻان ٿو، ان جي صدقي منهنجي التجا ٻُڌُ." ۽ اُهو ئي معجزو ٻيهر ٿيو.

هڪ پيڙهي گذرڻ کانپوءِ هڪ ٻيو ربي پنهنجي ماڻهن جي مٿان ٿيندڙ ظلم ڏسي ان ئي ٻيلي ۾ ويو ۽ چيائين، "مونکي اها پوتر باه نه ٻارڻ ته ٿي اچي نه ئي وري مونکي اها خاص دعا ياد آهي، پر هيءَ جاءِ ته مونکي ياد آهي، تنهنڪري اي اسانجا رب اسانجي واهر ڪرا!" ۽ سندن واهر ٿي.

پنجاه سالن کانپوءِ هڪ ٻيو ربي جيڪو معذور هو تنهن خدا کان التجا ڪئي ته، "مونکي اها پوتر باه نه ٻارڻ نه ٿي اچي، نه ئي اها دعا ياد آهي ۽ نه ئي ٻيلي ۾ اها ساڳي جاءِ، اي اسانجا رب هي پريشانيون تنهنجي آڏو ان اميد سان رکيون آهن ته تون ضرور ٻڌندين." ۽ وري اهو ئي معجزو ٿيو. هاڻ اوهان نه وڃو ۽ ڪيس اجوڪو قصو ٻڌايو.

مسجد الاقصيٰ جو امام جيڪو احترام سان ربيءَ جي ڳالهه ٻُڌي رهيو هو ۽ پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيو هو تنهن چيو:

هڪ شخص مدد لاءِ پنهنجي هڪ بَدُو دوست جو دروازو کڙڪايو ۽ کيس چيائين، "مونکي پنهنجو قرض ادا ڪرڻ لاءِ چار هزار دينارن جي سخت ضرورت آهي، ڇا تون منهنجي مدد ڪري سگهين ٿو؟" سندس دوست پنهنجي گهرواريءَ کان پئسن جي پورائي لاءِ گهر جو سڄو سامان ڪيڏرايو پر پوءِ به پئسا پورا نه ٿي سگهيا. هُنَ پاڙي مان پِنَ سَٽ ڪري پئسا پورا ڪري اچي پنهنجي دوست کي ڏنا.

جڏهن سندس دوست پئسا وٺي روانو ٿيو ته هو اچي روئڻ ۾ پيو. سندس گهرواريءَ کانئس پڇيو ته، "تون غمگين ڇو ٿو ٿئين؟ ڇا توکي اهو ڊپ آهي ته اسين پاڙي وارن جو قرض لاهي ڪونه سگهنداسين؟"

" نه اها ڳالهه ناهي. آءُ انڪري روئي رهيو آهيان ته هو منهنجو تمام گهاٽو دوست آهي، ۽ آءُ اها خبر نه رکي سگهيس ته هو ڪهڙين پريشانين ۾ آهي. ۽ اها خبر مونکي تڏهن پئي جڏهن هن مدد لاءِ

منهنجو دروازو کڙڪايو.“

هاڻ اوهان ٻه وڃو ۽ اڄ شام وارو قصو هر ڪنهن سان اوريو ته جيئن اسين ٻه ڪنهن پاڻ جي سنڌس ڇوڙڻ کان اڳ مدد ڪري سگهون.

جڏهن امام پنهنجي ڳالهه پوري ڪئي ته عيسائي پادريءَ پنهنجي ڳاله شروع ڪئي:

هڪ شخص ٻج ڇَٽڻ لاءِ نڪتو. ۽ جيڪو پوکيو هئائين سو پَڇي راس ٿيو. پر ڪجهه ٻج رستي تي ڪري پيا هئا. پکين وري اُڏامندي اُڏامندي انهن ٻجن کي تيزي پکيڙي ڇڏيو. انهن مان ڪجهه ٻج هڪ اهڙي پٿريلي زمين تي اچي پيا جتي پوکيءَ جو ڪو امڪان نه هو ۽ اُتي بس اُڇلون کائيندا رهيا. پر جڏهن سج اُڀريو ته ان جي گرميءَ سبب ٻجَ ڪومائجي سُڪي ويا. ڪجهه ٻجَ وري ڪَنڊَن ۾ وڃي پيا، پوءِ جڏهن ڪنڊا وڏي وڏا ٿيا ته ٻجن جي واڌ ويجهه ۾ رڪاوٽ اچي وئي ۽ ٻج ڪو ميوو ڏئي نه سگهيا. پر جيڪي وري زرخيز زمين تي ڪريا هئا سي وڏي وڏا ٿيا ۽ ميوو ڏيڻ لڳا ۽ وڌندي وڌندي هزارن جي تعداد ۾ ٿي ويا.

تنهنڪري، اوهان جيڏانهن ٻه وڃو پنهنجا ٻجَ ڇَٽيو ڇاڪاڻ جو ڪا خبر ناهي ته ڪهڙو ٻج وڏي ايندڙ پيڙهين جي هدايت جو باعث بڻجي.

رات يروشلم جي شهر کي وڪوڙي ڇڪي هئي، قبطيءَ هر ڪنهن کي پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي سمورو حال احوال درج ڪرڻ لاءِ چيو پر اهي جن کي لکڻ پڙهڻ نه ٿي آيوتن کي اهي ڳالهيون پنهنجي هنيانءَ سان هنڊائي ڇڏڻ جي تلقين ڪيائين. ميڙاڪي ۾ موجود ماڻهن جي وڃڻ کان اڳ هن چيو:

”اهو نه سمجهو ته آءٌ زمين تي امن قائم ڪرڻ آيو آهيان. نه! اجوڪي رات ڪانپوءِ، اسين هٿن ۾ ڳُجهي تلوار کنيو سموري دنيا جو سفر ڪنداسين ته جيئن بي صبريءَ ۽ غلط فهمين جهڙن ديون سان وڙهي سگهون. اها تلوار جيترو ڏور تي سگهي ڪٽي وڃڻ جي ڪوشش ڪيو ۽ جڏهن اوهانجي همت اڳتي وڌڻ کان جواب ڏئي ڇڏي ته هن ڳجهي تلوار ( مُسَودي) کي مناسب هٿن ۾ سونپي ڇڏيو. جيڪڏهن ڪو ڳوٺ يا شهر اوهانجو آدرياءَ نه ڪري ته زور نه پرجو. ساڳئي رستي کان واپس موٽجو ۽ نراس نه ٿجو. ڇاڪاڻ جو ان غلطيءَ جي ڪري پيڙهين جون پيڙهين تائين مٿن ڦتڪار وسندي رهندي. خوش قسمت آهن اُهي جن هي لفظ ٻُڌا، يا هي مُسودو پڙهيو ڇاڪاڻ جو ان ڪانپوءِ مَٿن ڪان ٽَري تائين هر ڳالهه تان پردو ڪڃي ويندو ۽ ڪا اهڙي ڳالهه نه رهندي جيڪا ڪائنڻ ڳُجهي هجي.“

”شل سلامت رهو.“

***